# جي. ايم. سيد

# فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار



خالق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي. ايم. سيد

## فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار

### خالق

جي.ايم. سيد لٽريري سوسائٽي
ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشاعت جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: جي.ايم.سيد: فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار

مصنف: خالق

ڇاپو: پهريون، جنوري 2000ع

تعداد: هڪ هزار

قيمت: ـــــ ٨٠


اداري جو ستون ڪتاب

All Rights Reserved with Publisher


*G.M.Sayed:*
***"Fikkir, Jiddo Jehad Aeen Kirdar"***

*Written by:Khalique*

*Published by:*

G.M.Sayed Literary Society,
Karachi.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انــتــســاب

والده (فاطمه) والد (محمد مبارڪ)

۽ ڀينرن (جنت ۽ رضيه)

جي نالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | علي نواز ٻٽ | ۵ |
| مهاڳ | حافظ محمد صديق ميمڻ | ۷ |
| ۱۷ جنوري ۽ سنڌ | | ۱۲ |
| جي.اي.سيد جي سوچ ۽ ڪردار | | ۲۵ |
| جي.ايم.سيد: سچ جو قيدي | | ۳۰ |
| جي.ايم.سيد: امن ۽ پيار لاءِ جاکوڙيندڙ صوفي سياستدان | | ۳۸ |
| اڄ نه اوطاقن ۾ | | ۴۴ |
| جي.ايم.سيد جي سنڌ جي تاريخ ۾ حيثيت | | ۵۱ |
| جي.ايم.سيد جو ورثو | | ۵۷ |
| سيد جو لاڏاڻو: ۱۹۹۵ع جو سڀ کان وڏو واقعو | | ۶۳ |
| جي.ايم.سيد: هڪ عالمگير شخصيت | | ۶۷ |
| جي.ايم.سيد: مدبر سياستدان | | ۷۲ |
| جي.ايم.سيد: جيئڻ موڻ ڏنو -۱ | | ۸۰ |
| جي.ايم.سيد: جيئڻ موڻ ڏنو - ۲ | | ۹۲ |
| سيد جي ٽين ورسي ۽ ڪجهه سوال | | ۱۰۲ |
| انساني عظمت ۽ جي. ايم. سيد | | ۱۱۰ |
| سوشلزم جو اولين پرچارڪ | | ۱۱۶ |
| جي.ايم.سيد: فڪر ۽ پيغام | | ۱۲۱ |

# اداري پاران

جي. ايم. سيد لٽريري سوسائٽي طرفان پڙهندڙن جي خدمت ۾ ”جي. ايم. سيد؛ فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار“ ڪتاب پيش ڪجي ٿو. جيڪو جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين محترم عبدالخالق جوڻيجي جو لکيل آهي. زير نظر ڪتاب ۾ سيد جي فڪري جدوجهد جي پرچار جو بنياد، سيد واري ڏسيل واٽ علمي جدوجهد ڪي تصور ڪندي، سائين جي. ايم. سيد جي ذاتي زندگي ۽ سندس عملي ۽ نظرياتي جدوجهد جو اڀياس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، عبدالخالق جوڻيجو صاحب سائين جي. ايم. سيد جي زندگي، فلسفي ۽ جدوجهد متعلق وقت به وقت جيڪي، مضمون لکيا، انهن کي هن ڪتاب ۾ سهيڙيو ويو آهي. انهن مضمونن کي پڙهڻ سان، سائين جي. ايم. سيد. سان گڏوگڏ ليکڪ، جي پنهنجي، خيالن ۽ تجربن جي به واقفيت ملي ٿي.

عبدالخالق جوڻيجو صاحب سائين جي. ايم. سيد جي سياست تي لکندي اهو به لکيو آهي ته ”سيد کان ڪوتاهيون ٿيون“ ۽ اهو حوالو به ڏنو اٿس ته، ”مون به سائس اختلاف ڪيو“ اِهي مثيان حوالا جڏهن ڏجن ٿا ته سيد پاران پنهنجو پاڻ تي خود تنقيد ڪرڻ ۽، اختلاف راءِ کي قبول ڪرڻ واريون ڳالهيون سامهون اچن ٿيون جن سان خود سيد جي عظمت ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

سائين جي. ايم. سيد هميشه پنهنجو پاڻ کي تنقيد لاءِ پيش ڪندو رهندو هيو، جيڪڏهن ڪو، ڪتاب لکندو هيو ته سڀ کان اڳ ۾ ان جون، ڪاپيون، محمد موسيٰ ڀٽو، قربان بگٽي ۽ ٻين ڏانهن موڪليندو هيو ته ڀلي اهي ڪليل دل سان انهيءَ تي پنهنجي تنقيد لکن.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجو پاڻ تي پاڻ به تنقيد ڪندو هيو، خاص طور پاڪستان جي حق ۾ قرارداد پاس ڪرائڻ واري مسئلي تي، حقيقت ۾ جڏهن سائين جي. ايم. سيد قرارداد پاس ڪرائي ته، اُن وقت سندس سامهون ١٩٤٠ع واري قرارداد پاڪستان هئي، جنهن ۾ پاڪستان ۾ شامل، ٿيندڙ ملڪن کي قومي اکاين طور قبول ڪيو ويو هيو. انهيءَ حوالي سان جڏهن ڏسجي ٿو ته، سيد جو اِهو قدم به ڪو غلط نه هيو، جو ته سيد ته ١٩٤٣ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان قرارداد پاس ڪرائي هئي، ليڪن هتي ته اڄ به سنڌ جا ڪيترائي، سياستدان اهڙي بلڪ انهيءَ کان به گهٽ سطح جي جوڙجڪ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن، ۽ اهي به ١٩٤٣ع واري قرارداد جي حوالي سان سيد تي تنقيد ڪن ٿا!!

سائين جي. ايم. سيد جنهن ٻئي مسئلي جو ذڪر ڪري، پاڻ تي تنقيد ڪندو رهندو هيو، اهو هيو ”مسجد، منزل گاهه“ وارو واقعو، انهيءَ ۾ به سيد جو قصور گهٽ نظر ايندو. اِهو هِن معنيٰ ۾ ته، مسجد منزل گاهه واري مسئلي جي سيد، پارٽي اجلاس ۾ مخالفت ڪئي هئي. پر اڪثريت راءِ جي فيصلي کي ميڄتا ڏيندي، پارٽي جي حڪم تي عمل ڪرائڻ لاءِ سيد انهيءَ واقعي ۾ شرڪت ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُئي ۽ پوءِ زندگي ڀر پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪندو رهيو هُيو.

انهن پنهين مسئلن کي سامهون رکندي جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد پاڻ تي پاڻ تنقيد ڪري ٿو تہ اِها سندس عظمت آهي. باقي ٻيا جيڪي بہ انهن، مسئلن جي ڪري سيد مٿان تنقيد ٿا ڪن انهن کي اڳ ۾ انهن پنهي واقعن جو گهرائپ سان جائزو وٺڻ گهرجي. ٻي ڳالهہ جيڪا سائين جي. ايم. سيد ۾ هُئي، اُها آهي، اختلاف راءِ کي قبول ڪرڻ. سائين جي. ايم. سيد سان مختلف مسئلن تي، پارٽي ورڪر ۽ ٻي عام خلق اچي بحث ڪندي هُئي. ڪيترن مسئلن تي اختلاف ڪندا هُيا. پر سائين انهن لاءِ ڪڏهن بہ پنهنجو دروازو بند نہ ڪيو. بلڪ انهن کي هميشه اجلاسن جي موقعي تي ياد ڪندو هُيو ۽ سڏي پر ۾ ويهاريندو هُيو. انهن مٿان پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڪڏهن بہ نہ هٽايائين ۽ ڪيترن موقعن تي پنهنجي ورڪرن جا اختلاف قبول ڪري انهن کي ميچتا بہ ڏيندو هُيو. جڏهن ڪن ورڪرن خلاف ٻيا ورڪر اچي شڪايتون ڪندا هُيا. تہ، پاڻ اِهي ٻڌندو هُيو ۽ ڏرين کي ڪير ڪنہ ڏيڻ جي هدايت ڪندو هُيو، پر جڏهن ڪي سنگين نوعيت جا الزام ڪٽي سامهون ايندا هُيا تہ ٺوس ثبوت جي گهر ڪندو هُيو ۽ چوندو هُيو تہ قانوني، ڪارروائيون پوريون ڪيون وڃن. سائين هميشه اِهو چوندو هُيو تہ "اسان کي ماڻهن کي، پارٽي ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. پارٽيءَ مان ڪڍڻ نہ گهرجي" هن سلسلي ۾ بہ اسان ڏسنداسون تہ اختلاف ڪرڻ واري جي پيٺ ۾ اختلاف قبول ڪرڻ واري (سائين جي ايم سيد) جي عظمت نمايان نظر ايندي.سائين جي. ايم. سيد کي سنڌ سان جيڪا محبت هُئي، ان جي ڪٿا ڪرڻ مشڪل آهي. انهيءَ جي هڪ جهلڪ، سندس هنن لفظن مان پسي سگهجي ٿي.

"اي سنڌ، تنهنجي عشق جي جرم ۾ مون کي ڪُهن ٿا وڏو غوغاءُ آهي.
تون بہ ڪوٺي تي چڙهي ڏس تہ ڪيڏو نہ وڻندڙ ڏيکاءُ آهي."

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي جدوجهد ۾ مستقل مزاجيءَ سان اڳتي وڌندو رهيو. هن سنڌ جي حقن حاصل ڪرڻ واري جدوجهد کان شروعات ڪئي ۽ سنڌو ديش جي آزاديءَ جو نظريو ڏيندي عالمي. امن ۽ ڀائيچاري طرف اڳتي وڌندو هلو ويو ۽ انهيءَ کي سنڌ جي مشن جو نالو ڏئي ڇڏيائين.

هن ڪتاب ۾ سيد متعلق انهن سمورن معاملن جي هڪ جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. ليکڪ انهيءَ سان ڪيترو نياءُ آهي پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪري سگهن ٿا. هي سوسائٽيءَ جو ستون ڪتاب آهي. جي.ايم سيد لٽريري سوسائٽي عبدالخالق جوڻيجو جي ٿورائتي آهي، جنهن پنهنجو ڪتاب سوسائٽي کي ڇپائڻ لاءِ ڏنو.

علي نواز ٻٽ
سيڪريٽري
جي. ايم. سيد لٽريري سوسائٽي
ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

خالق جي حڪم تہ مان سندس ڪتاب لاءِ ٻہ اکر لکان مونکي وڏي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو. ڪراچيءَ جي مشيني زندگي، لکڻ جي ڇڏي ڏيڻ ۽ ڪنڌ ۾ پيل سروائيڪل ڪالر ڏاڍو منجهائي ڇڏيو. نيٺ خالق جي حڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ مونکي ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪراچي ڇڏڻي پئي. هڪ دوست وٽ بدين وڃي رهيس ۽ اتي هي ٻہ اکر لکي سگهيو آهيان جيڪي اوهان جي آڏو آهن.

خالق سنڌ جي انهن محب وطن ماڻهن جي تاريخي سلسلي جو هڪ سپاهي آهي جن پنهنجي زندگي پنهنجي وطن کي ارپي ڇڏي هئي. هن وقت هي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سپاهين جو سرواڻ آهي. خالق کي مون ڪيترين ئي جاين تي سنڌ جو ڪيس پيش ڪندي ڏٺو آهي، هي جنهن مدلل طريقي سان سنڌ جي آزاديءَ جو ڪيس دنيا جي آڏو رکي ٿو، اهڙي طرح جيڪڏهن سنڌ جون سموريون سياسي ڌريون سنڌ جي ڪيس کي دنيا آڏو پيش ڪن تہ، مان سمجهان ٿو تہ، هن وقت جي معروضي حالتن مطابق سنڌ جي آزادي ڪا مشڪل ڳالهہ ڪا نہ آهي.

خالق جا هي مضمون جيڪي هن مختلف وقتن تي سائين جي. ايم. سيد جي نقطئہ نظر کي پيش ڪرڻ لاءِ لکيا آهن، سي سندس خيالن جي ترجماني ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ واضح ڪن ٿا تہ، هو سائين جي. ايم.سيد جي فڪر کان ڇو ۽ ڇا لاءِ متاثر ٿي سندس سنڌ جي آزاديءَ لاءِ هلايل تحريڪ جو ڪارڪن بڻيو. خالق هنن مضمونن ۾ سائين جي.ايم.سيد جي فڪر کي واضح ۽ چٽي نموني پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ سائين جي.ايم.سيد جي خلاف ٿيل منفي پروپيگنڊا جو پڻ ڪنهن حد تائين جواب ڏنو آهي.

سائين جي.ايم.سيد جي مخالفن وٽ ٻہ ڳالهيون وڏو هٿيار رهيون آهن. هڪ تہ ”سيد سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو ۽ تعليمي ادارن ۾ سندس پوئلڳن جي غنڊه گرديءَ کي خاص طور تي نشانو بڻائيندا رهيا آهن. خالق هنن مضمونن ۾ ڪنهن حد تائين مٿين اعتراض جا چٽي طرح جواب ڏنا آهن، جنهن ۾ هن سائينءَ جي تعليمي خدمتن ۽ سندس قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ تعليم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت واري نقطئہ نظر کي چڱي طرح بيان ڪيو آهي ۽ سائينءَ جي عدم تشدد واري فڪر ۽ عمل صالح واري نظريي کي پڻ چٽي نموني بيان ڪيو آهي. موڪلي سائينءَ جي تاج محل هوٽل ۾ ڪيل تقرير پڻ چڱي طرح ياد آهي جنهن ۾ هن تحريڪ آزاديءَ جي ورڪرن جي اخلاق، ڪردار ۽ عمل صالح تي ڳالهائيندي چيو هئو تہ "اوهان جيستائين پنهنجي اخلاق ۽ عمل کي نہ سڌاريندا، تيستائين سنڌ جي آزادي ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪري سگهندو".

سائين جي.ايم. سيد جي مخالفن وٽ هيو هٿيار مذهب رهيو آهي جنهن کي بنياد بڻائي مخالف، سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۽ قومي نظريي کي غير اسلامي سڏي ماڻهن کي گمراهہ ڪندا رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ سائين جي.ايم. سيد غير مذهبي نہ هيو پر سندس مذهب لاءِ هڪ خاص نقطئہ نظر هيو ( ان تي هن وقت بحث نٿا ڪريون تہ اهو صحيح هيو يا غلط هيو) ان معاملي ۾ سائين جي.ايم. سيد جا محمد امين کوسي ڏانهن لکيل خط سندس مذهبي هجڻ جو وڏو دليل آهن. باقي رهي قومي نظريي جي ڳالهہ تہ هيءَ تاريخي حقيقت آهي تہ جڏهن سائين جي.ايم. سيد مسلمان قوم لاءِ جدا ملڪ ناهڻ جي تحريڪ ۾ مسلم ليگ سان گڏ هئو ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پڻ هڪ قرارداد پاس ڪرائي هئائين. ان وقت ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي مذهبي جماعت "جمعة العلماءَ هند" انهيءَ مسلم قومي (مذهب جي بنياد تي قوم جو وجود) نظريي جي سخت مخالف هئي ۽ سندس هي موقف هئو تہ "مذهب سان ملت جنم وٺندي آهي نہ کي قوم" جمعية العلماءِ هند جي صدر مولانا حسين احمد مدني رح جو مشهور قول هئو تہ "مذهب سے ملت بنتي هے، قومين او طان سے بنتي هين" ان بنيادي نقطئہ نظر سبب ئي جميعة العلماءِ هند مذهبي جماعت هوندي بہ ننڍي کنڊ جي آزاديءَ واري تحريڪ بہ هميشہ ڪانگريس جي اتحادي جماعت رهي.

مسلمانن جو هڪ وڏو عالم ۽ دانشور مولانا ابو الڪلام آزاد ڪانگريس جو صدر رهيو. خالق پنهنجي هڪ مضمون ۾ انجي نالي وٺڻ ڪانسواءِ ان جي جامع مسجد دهليءَ ۾ ڪيل تقرير جو حوالو ڏيندي سائين جي. ايم. سيد جي نيشنلزم واري پرچار کي واضع ڪيو آهي.

آءُ اجان وڌيڪ واضع ڪريان تہ ننڍي کنڊ جو هڪ انقلابي عالم مولانا عبيدالله سنڌي جنهن کي ننڍي کنڊ ۾ جديد قومي نظريي جو باني چئي سگهجي ٿو. انجو چوڻ هئو تہ " هندستان هڪ قوم (جيئن ڪانگريس جو فڪر هئو) يعني هندستاني قوم جو ملڪ ناهي پر هندستان گهڻ قومي ملڪ آهي" انجي باوجود مولانا عبيدالله سنڌي ڪانگريس کي ننڍي کنڊ جي آزاديءَ واري تحريڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مکيه جماعت سمجهي ان ۾ شامل ٿيو هئو. (مولانا سنڌيءَ جي ان نظرئي کان متاثر ٿيندي ئي محمد امين کوسي جيڪي سائين جي. ايم. سيد کي خط لکيا آهن اهي پڙهڻ جهڙا آهن). مان جڏهن سنڌ ساگر پارٽيءَ جو ڪنوينر چونڊيو هئس ۽ پوءِ وري اندروني اختلافن کري پارٽيءَ ۾ گروپ بنديءَ کان بچڻ لاءِ ڪنوينر شپ ڇڏيندي دوستن کي چيو هئو ته "هن وقت سائين جي. ايم.سيد جي پارٽي "جيئي سنڌ محاذ" سنڌ جي آزاديءَ جي ڪانگريس آهي اوهان ان ۾ وڃي شامل ٿيو".
حقيقت ۾ مذهب نيشنل ازم جو انڪاري ناهي بلڪ مذهب ۾ نيشنل ازم يا قومن جي وجود کي الله جي نشانين منجهان ڪوٺيو ويو آهي.

مسلمانن جي هڪ مفڪر " ابن خلدون" قومي عصبيت تي تمام گهڻو لکيو آهي ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي مذهبي اسڪالر حضرت شاهه ولي الله پڻ ان تي بحث ڪندي لکيو آهي ته " حضرت محمد ﷺ جون به حديثون آهن هڪ نيشنل، ٻي انٽرنيشنل. حضور جن پهريان عرب جا نبيءَ هئا پوءِ ٻين قومن جا نبي هئا".

عربن ۾ ته ايتري نيشنل ازم هئي جو انجا به اهم واقعا جيڪي مولانا شبلي نعماني پنهنجي ڪتاب " الفاروق" ۾ لکيا آهن أهي هتي دهرائڻ ضروري سمجهان ٿو. هڪ ته حضرت محمد ﷺ "ذي قار" جڳهه تي ٿيندڙ ايرانين سان هڪ جنگ (منهنجي خيال ۾ اها جنگ حضور جن جي نبوت جي اعلان کان اڳ جي آهي) ۾ جڏهن فتح حاصل ڪئي هئي ته هي اکر چيا هئائين "هي پهريون ڏينهن آهي جو عربن عجمين کان بدلو ورتو آهي". ٻيو ته حضرت عمر رضه جي زماني ۾ مسلمانن کي ايرانين هٿان "مَروحَہ" جي لڙائي ۾ شڪست ٿي هئي، ان وقت حضرت عمر ڪيترائي شاعر، عرب جي ٻهراڙين ۾ موڪليا ته جيئن ماڻهن کي وڃي ايرانين کان بدلي وٺڻ لاءِ اڀارين. عرب شاعرن جي ان شاعريءَ ۽ تبليغ جو ايترو ته اثر ٿيو جو، عيسائي عربن جا سردار حضرت عمر وٽ آيا ۽ اچي چيائون ته "اڄ عرب ۽ عجم جو مقابلو آهي، هن قومي معرڪي ۾ اسان به قوم سان گڏ آهيون". پوءِ حضرت عمر فاروق انهن کي محاذ جنگ تي موڪليو هئو، محاذ تي مسلمانن جو سپهه سالا حضرت "مثنيٰ" هئو ان "بويب" جي جڳهه تي ايرانين سان جنگ ڪرڻ وقت مسلمانن سان گڏ عيسائي عربن کي مخاطب ٿيندي چيو هئو ته " بهادرو خيال ڪجو متان توهان جي ڪري عرب تي بدناميءَ جو داغ نه لڳي" عيسائي سردارن کي مخاطب ٿيندي چيائين ته "توٽي جو توهان عيسائي آهيو پر هڪ قوم جا آهيون، اڄ قوم جو معاملو آهي توهان ساٿ ڏجو".

حقيقت ۾ نيشنل ازم يا قومي نظريو نهايت طاقتور نظريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اها دنيا جي مجيل حقيقت آهي تہ هر شيءِ تضادن جو مجموعو آهي، يعني هر شيءِ جا مثبت ۽ منفي پهلو هجن ٿا. اهڙي طرح نيشنل ازم جا پڻ ٻہ پهلو آهن هڪ مثبت پهلو ۽ ٻيو منفي پهلو يعني هڪ بديءَ جو ۽ ٻيو نيڪيءَ جو. بديءَ وارو حصو شاونزم وارو حصو آهي جيڪو سامراجيت وارو روپ اختيار ڪري دنيا ۾ فساد جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ٻيو حصو مظلومن جو هٿيار بڻجي دنيا ۾ امن امان پلائي، ڀائيچاري ۽ محبت جو ڪارڻ بڻجي ٿو. سنڌ جا ماڻهو گهڻو ڪري انهيءَ حصي جا علمبردار رهيا آهن شاهہ صاحب چوائي:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سائين جي.ايم. سيد پڻ انهيءَ فيضن مان فيضياب ٿيو هئو ۽ سندس نيشنل ازم مثبت نيشنل ازم هئي جيڪو دنيا ۾، سنڌ سان گڏ دنيا جي سمورين قومن ڪي خوش و خورم ڏسڻ ٻيو چاهي سندس سوچ شاونسٽ سوچ نہ هئي. سندس سوچ جو مثبت انداز سندس هڪ خط پڙهڻ مان ٿئي ٿو، جيڪو هن محترم امين ڪوسي کي لکيو هئو، جنهن ۾ هن محاجر، پنجابي مستقبل مفادن جي خلاف ڳالهائيندي لکيو هئو تہ "آءُ چشمئہ محبت مان فيض ياب آهيان، انڪري بلاشاهہ ۽ خواجہ نظام الدين جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ نفرت نٿو رکي سگهان، پر هن کي خبر هئڻ گهرجي تہ سنڌ سرورِ ڪونين جو پيارو ملڪ آهي ان تي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبو قائم ڪرڻ سندن لاءِ نئي نقصان ڪار آهي". حقيقت ۾ پاڪستان ۾ نيشنل ازم جا مخالف ٻن قسمن جا ماڻهو آهن هڪ اهي جيڪي شاونسٽ آهن ۽ سندن شاونزم سامراجيت واري حد تائين پهچي چڪي آهي ۽ هو پاڪستان ۾ پنهنجي اڪثريت ۽ طاقت جي آڌار تي قومن کي غلام بڻائي سندن ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن اسلام تہ ڪڏهن سوشلزم تہ ڪڏهن پاڪستان ازم تہ ڪڏهن وري جمهوريت جي نالي کي استعمال ڪندا رهن ٿا. ٻيا اُهي آهن جيڪي غلام قومن سان تعلق رکڻ جي باوجود اقتدار جي لالچ ۾ ٻيج لٽڪائو سياست ڪندي پنهنجي قوم جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ مٿيان هٿيار استعمال ڪندا رهن ٿا.

بنگال جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ سائين جي.ايم. سيد جي نيشنل ازم واري سياست پنجاب جي شاونزم کي ايترو تہ وائڪو ڪري ڇڏيو آهي جو سنڌ ۾ ٻيج لٽڪائو سياست ڪندڙن کي بہ نيشنلزم جي ڳالهہ ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪين ڪالاباغ ڊيم، ڌارين جي آبادڪاري وغيره جي مسئلن تي ڳالهائڻو پوي ٿو، ٻي صورت ۾ سنڌ مان سندن تڏا ويڙهہ ٿي ويندي. هن وقت پاڪستان منجهہ قومي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تضاد جي آيار ۾ وفاقي سياست جي ناڪامي ۾ دنيا منجهہ نيشنل ازم واري نظريي جي فتح وارين معروضي حالتن کي سامهون رکندي سنڌ جي نيشنلسٽن کي پنهنجي ماضيءَ جي ڪوتاهين جو محاسبو ڪرڻو پوندو ۽ تنظيم سازيءَ واري ناڪاميءَ جو جائزو وٺڻو پوندو ۽ جديد دنيا جي جديد گهرجن کي سامهون رکندي سنڌ جي آزاديءَ جون راهون متعين ڪرڻيون پونديون. فقط نعري بازيءَ کان هٽي پنهنجي اخلاق ۽ صالح عمل سان سنڌ جي ماڻهن کي متحد ۽ منظم ڪرڻو پوندو تہ من نئين صدي سنڌ لاءِ آزاديءَ جي صدي ثابت ٿي پوي.

"حافظ محمد صديق ميمڻ"
۷ ڊسمبر ۱۹۹۹ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ۱۷ جنوري ۽ سنڌ

۱۷ جنوري جي تاريخ جديد سنڌ جي تاريخ ۾ بلاشڪ هڪ اهم ڏينهن جي جاءِ والاري ٿي. ان ڪري نہ تہ سنڌ ۾ موجود سيدن جي هڪ ڊگهي ۽ وسيع سلسلي ۾ هڪ بئي سيد جو واڌارو ٿيو پر ان ڪري تہ اڄ جي سنڌ کي نئون رخ ڏيڻ ۽ سياڻي جي سنڌ جا نقش ونگار تيار ڪرڻ ۾ ان تاريخ جو تمام وڏو ڪردار آهي. بيشڪ ٻين ماڻهن بہ ۽ ٻين ڏينهن تي بہ سنڌ جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، پر اهي ڪوششون غير مربوط نموني، غير واضح شڪل ۾ غير مستقل مزاجيءَ سان ۽ ٽڙوٽڙ نموني ٿيون آهن. جڏهن تہ ۱۷ جنوري جي معرفت هڪ واضع مقصد سان هڪ متعين منزل ڏانهن مستقل مزاجيءَ سان سفر جاري رهيو آهي. سنڌ جي قومي آزادي واري ان جدوجهد جو مرڪز ۱۷ جنوري تي ٿيندڙ، جي ايم سيد جي سالگرهہ رهي آهي جتي ٿڪل ٽٽل ۽ منجهيل ماڻهوايندا آهن ۽ پوءِ نئين جوش ۽ ولولي عزم ۽ همت سان سنڌ جي روشن مستقبل جو مقصد کڻي قافلن جي صورت ۾ واپس ورندا آهن. پيا بہ ڪيترائي سچاڻ شخص آهن جن جو جديد سنڌ کي تخليق ڪرڻ ۾ حصو ۽ ڪردار آهي پر انهن مان ڪيترا مخصوص مرحلي تي آيا پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، وري گم ٿي ويا يا ٿڪجي ويهي رهيا. (ڪي تہ اهڙا بہ آهن جن پنهنجي زندگي سنڌ لاءِ ڏنل قربانين جي قيمت وصول ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي)ڪيترائي انتهائي سچا سنڌ دوست ٿي گذريا آهن جن سنڌ جي تشخص کي سونهن بخشيندڙ مختلف مخصوص شعبن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ادب ۾ جوهر ڏيکاريا تہ ڪن تاريخ کي نئون ۽ حقيقي رخ ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو. ڪي سياست جي ميدان جا شهسوار ٿيا تہ ڪن سماجي خدمتون سر انجام ڏنيون، ڪن تعليم لاءِ پاڻ پتوڙيو تہ ڪن سنڌ جي شاندار تهذيب ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ مهارت ڏيکاري پر جي ايم سيد هڪ اهڙو شخص آهي جنهن سنڌ جي شخصيت جي انهن سڀني پاسن کي سنوارڻ، سينگارڻ ۽ خوبصورت بنائڻ ۾ حصو ورتو. نہ رڳو حصو ورتو پر اها هڪ نا قابل ترديد حقيقت آهي تہ انهن موضوعن تي نئين رخ سان، حب الوطنيءَ جي بنياد تي ۽ سائنسي نقطہ نگاهہ کان سڀ کان پهرين قلم، جي ايم سيد کنيو پين لفظن ۾ ائين چئجي تہ جي- ايم سيد رستو ڏيکاريندڙ يا مثال قائم ڪندڙ Trend Setter آهي، بنياد وجهندڙ آهي، اهڙا بنياد جن تي اڳتي پين ماڻهن اچي تعمير لاءِ سرون رکيون قومون پنهنجي تاريخ ۽ تاريخي هيرن جي حوالي سان سڃاتيون ويندي يون آهن. سنڌ جي تاريخ کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪرڻ جنهن ۾ راجا ڏاهر هيرو ۽ محمد بن قاسم غاصب هجي، سو بہ پاڪستان جهڙي مذهب جي بنياد تي ٺهيل ملڪ ۾ اها جرئت صرف جي ايم سيد ئي ڪري سگهيو. ان جي پاداش ۾ سيد تي جيڪي پٿرن جا مينهن اُٺا سي هن کلندي برداشت ڪيا. جنهن جو نتيجو اهو نيو آهي جو اڄ ڪوبہ سنڌ ۾ مذهبي جنونيت نہ ڦهلائي سگهي. لطيف، جنهن کي اڄ اسان سڀئي. (قطع نظر پنهنجي مڪتبہ فڪر جي) سنڌ جي سڃاڻپ جي علامت ٿا مڃيون. تنهن کي يا تہ روزي، نماز جي تبليغ ڪندڙ ۽ محمد جي شان ۾ قصيدا چوندڙ مولويءَ جي شڪل ۾ يا وري اهڙي صوفيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو ويندو هئو جيڪو چوندو هجي تہ "ڇڏي ڏي ملڪ دنيا کي ويهي پڌ عشق جون ڳالهيون" . اهو جي ايم سيد ئي هئو. جنهن "پيغام لطيف" ذريعي لطيف کي ان جي اصلي حيثيت ۾ هڪ مفڪر، عالم، انسان دوست ۽ محبت وطن سنڌي طور پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. جيڪو سنڌ جي خوشحالي ۽ انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ سوچي ۽ لوچي ٿو. ان ڪانپوءِ ئي جديد قومي ۽ سيڪيولر بنيادن تي سنڌي ادب هڪ باقاعده تحريڪ جي شڪل وٺي سگهيو. ان ڳالهه تي ڪنهن گهڻي دليل دلائل جي ضرورت ئي ڪانهي تہ سياست کي سنڌ جي قومي مفادن جي تابع بنائڻ جو تصور سڀ کان پهرين سيد ئي ڏنو. نہ رڳو تصور ڏنو پر ان تي اهڙي مدلل طريقي سان ۽ اهڙي مستقل مزاجيءَ سان جدوجهد ڪئي جو اڄ مسلم ليگ، پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلامي جهڙيون سياسي پارٽيون جيڪي پنهنجي فلسفي مطابق سنڌ جي عليحده قومي تشخص کي مڃين ئي ڪونہ ٿيون، سي بہ سنڌ ۾ سياست ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سنڌ دوست چوائڻ تي مجبور آهن. سنڌ جي تعليمي ۽ تهذيبي ۽ ثقافتي ميدان ۾ ترقيءَ جو جي ايم سيد کي ڪيترو اونو رهيو آهي ان جو ثبوت سنڌ يونيورسٽي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ بزم ساهہ ڪلچرل سينٽر جهڙن ادارن لاءِ سندس ڪيل ڪوششن ۽ "سنڌي ڪلچر" جهڙي ڪتاب لکڻ مان ملي ٿو. "سنڌي ڪلچر" هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن عالمي طور مڃيل فلسفن جي روشنيءَ ۾ تهذيبي طور سنڌي قوم جي عليحده ۽ شاندار تشخص کي واضح ۽ مضبوط بنياد فراهم ڪيا. ائين چئجي تہ سنڌ جي قومي ڍانچي جي وکريل ذرن کي ميڙي چونڊي، جنڊي ڦوڪي پاڻ ۾ ڳنڍي ۽ سنڌ جي قومي تشخص جي تنل تارن کي جوڙي سنڌي قوم جي هڪ مربوط ۽ مستحڪم تصوير سنڌين سان گڏوگڏ سڄي دنيا آڏو پيش ڪئي. سنڌ جي قومي تاريخ جي وچايل ورقن کي غلاميءَ جي تهہ مان ڪڍي ترتيب ڏيئي هڪ اهڙي ڪتاب جي شڪل ڏني جنهن کي هرڪو آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. اِءُ اها ڳالهہ دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ سنڌ تہ ڇا پر سڄي دنيا جي قومن ۾ اهڙا تمام ٿورا ماڻهو پيدا ٿيا هوندا جن ڪنهن قوم جي قومي تشخص جي ايترن گهڻن پاسن تي هڪ ئي وقت ايترو نمايان رول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس خلاف پروپئگندا ۾ ڪردار ڪشيءَ جي مهم وڌندي ٽي وڃي. ان ۾ افسوس جي ڳالهہ رڳو اها آهي تہ ان مهم ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ شامل آهن. جيڪي سچو ڏينهن سنڌ سنڌ ڪندا ٿا وتن ۽ سنڌ جو نالو وٺي سنڌ پرست جدوجهد ۾ ان جي سرواڻ سائين جي ايم سيد جي مخالفت ۾ ايترو اڳتي وڌي ٿا وڃن جو سنڌ جا حق غصب ڪندڙ پنجابي حڪمرانن ۾ انهن کي طاقت بخشيندڙ هن خطي ۾ قومن جي قاتل فوجي جنرلن جي حمايت ڪرڻ کان بہ نہ ٿا ڪيٻائن.

اسان نٿا چئون تہ جي ايم سيد تي تنقيد نہ ٿئي يا هو ڪو فرشتو آهي ۽ غلطي ڪري ئي نہ ٿو سگهي. هڪ انسان هئڻ جي حيثيت ۾ هو بہ غلطيون ڪري ٿو سگهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ هن ڪيتريون ئي غلطيون ڪيون بہ آهن. سنڌ جي حوالي سان ۽ سنڌي قوم جي مستقبل جي حوالي سان. انهن غلطين جو تنقيدي جائزو ضرور ورتو وڃي پر ان ۾ بہ ڳالهين جو ضرور خيال رکيو وڃي هڪ تہ جي ايم سيد تي انهن غلطين يا ڪوتاهين جي حوالي سان تنقيد ڪئي وڃي جيڪي هن ڪيون آهن نہ اهي جيڪي تنقيد ڪندڙ جي ذهن ۾ آهن يا سندس خواهش آهي تہ جي ايم سيد اهڙيون غلطيون ڪري يا جن بابت هن کي مفروضا جوڙي ورتا آهن. ٻيو اهو تہ جن ڳالهين جي حوالي سان جي ايم سيد تي تنقيد ڪئي وڃي انهن ئي ڳالهين جي حوالي سان سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ٻين سياسي ڌرين ۽ ليڊرن جي ڪردار جو بہ تنقيدي جائزو ورتو وڃي ائين نہ تہ ڪنهن مخصوص عمل جي حوالي سان جي ايم سيد تي تہ تنقيد جا تير وسائجن. پر ساڳئي قسم جو عمل جئوٽي، پنجوٽي شدت سان اسان جو ڪو من پسند ماڻهو ڪري تہ جئون تہ ان ۾ بہ هوندي ڪا سنڌي قوم جي ڀلائي.

هاڻي مٿين ڳالهين جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي نجات لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ جي ايم سيد ۽ ٻين ليڊرن جي ڪردار تي مختصر نظر ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون موقعي مان فائدو وٺندي فوج جي قوت کي گهٽاءِ ۽ سول جمهوري ادارن کي مضبوط بناءِ ان ۾ ئي هن ملڪ جي عوام جي ۽ خود ٺنهنجي بهتري آهي". پر ان جي ابتڙ ٿيو اهو ته جناب ذوالفقار علي ڀٽي عوام جي چونڊيل حڪومتن کي ڊسمس ڪيو، سياسي پارٽين تي بندش وڌي، سياستدانن کي جيلن ۾ وجهرايو ۽ فوج کي نه رڳو هر طرح مضبوط ڪيو پر مخالفن کي ڪچلڻ لاءِ هڪ دفعو وري استعمال ڪيو. ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جنهن جي نشاندهي سائين اڳ ۾ ڪري چڪو هئو، يعني فوج ذوالفقار علي ڀٽي کي قتل ڪرڻ سان گڏوگڏ سڄي ملڪ جي ڀينگ ڪري ڇڏي. هاڻي جيڪڏهن سنڌ جا دانشور ۽ صحافي ذوالفقار علي ڀٽي کي فوج جو دشمن ۽ عوام جو ۽ خاص ڪري سنڌ جو دوست قرار ڏين ۽ جي ايم سيد کي فوج جو دوست ۽ ڀٽي جي موت جو ذميوار ته پوءِ انهن کي ڇا چئجي؟ جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا خاص ڪري سنڌ لاءِ انتهائي بدترين ثابت ٿي. ان جي حوالي سان به جي ايم سيد کي بدنام ڪرڻ ۽ ڪن ٻين ليڊرن کي هيرو ڪري پيش ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا ويا وڃن. ڳالهه کي مختصر رکڻ لاءِ صرف ٻه ٽي ڳالهيون هتي ڪبيون، ورنه ضياءُ دور جي ڪهاڻي ته تمام ڊگهي آهي. ١٩٨٣ع ۾ ايم آر ڊي جي پليٽ فارم تان تحريڪ هلائي ويئي، جنهن جو زور صرف سنڌ ۾ هيو. نتيجي طور سنڌ ۾ وڏي فوجي ڪارروائي ٿي، سوين ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترائي ڳوٺ ساڙيا ويا. ۽ ڪيترن گهرن تي بلڊوزر گهمايا ويا هاڻي ان تحريڪ ۾ جي ايم سيد شريڪ ته ٿي نه پيو سگهي، ڇاڪاڻ ته اها هڪ ٻي سياستي ڌر (پيپلز پارٽي) پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ هلائي هئي. ايئن ئي جيئن جي ايم سيد ٻاران ٿيندڙ جدوجهد ۾ پيپلز پارٽي يا ڪي ٻيون پارٽيون شريڪ ڪونه ٿيون ٿين، ۽ نه ئي ٿينديون. باقي سنڌي ماڻهن جي قتل عام کي نندينڌي سائينءَ اقوام متحده ۽ ٻين عالمي ادارن کي اپيلون موڪليون ته اهو بند ڪرائڻ

لاءِ مداخلت ڪئي وڃي. ان جي پيٽ ۾ پيپلز پارٽي جنهن اها تحريڪ هلائي هئي ان کي جڏهن پاڪستان جو اقتدار مليو تہ ان جي ليڊر مسز بينظير ڀٽو برهماڻي ڳوٺ تي چڙهائي ڪندڙ ڪرنل سان گڏ ڪيترن فوجين کي اعزاز ڏنا. ضياءُ الحق جي ايم سيد کان طبيعت پڇڻ اسپتال آيو تہ چيو ويو تہ جي ايم سيد، جنرل ضياءَ سان نہ ملي ويو پر ان ئي ضياءُ الحق جي مقرر ڪيل وزير اعظم جوڻيجي (پيپلز پارٽي جوڻيجي واري عرصي کي بہ مارشل لا جو حصو ڳڻيندي آهي) جي سڏ تي بينظير ڀٽو صاحبہ وزير اعظم هائوس وڃي نڪتي ۽ ڪانفرنس ختم ٿيڻ ۽ ٻين ليڊرن جي هليو وڃڻ ڪانپوءِ ڪافي دير وزير اعظم هائوس جي مهمان خاني ۾ آرام بہ ڪيائين. تہ دليل ڏنو ويو تہ، اهو سڀ ڪجهہ جمهوريت لاءِ آهي. سائين جي ايم سيد کي غفار خان جي عيادت لاءِ هندستان وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي تہ ان تي بہ هاءِ گهوڙا ٿي، پر ٻيا ليڊر بار بار لنڊن، پئرس ۽ آمريڪا جا چڪر هڻندا پيا رهن تہ مڙيئي خير هو.

ڪجهہ اسان جا پيارا دانشور دوست چوندا آهن تہ پاڪستان ۾ سياسي ڌريون مجموعي طرح ٻن ڪئمپن ۾ ورهايل آهن هڪڙيون فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ جون حمايتي ۽ ٻيون مخالف. جي ايم سيد پهرين ڪئمپ ۾ شامل آهي. جڏهن تہ بينظير ڀٽو ٻي ڪئمپ جي مهندار آهي. واهہ سائين واهہ! واهہ توهان جي دانش! پاڪستان ۾ ٽي دفعا ايوب خان، يحيٰ خان ۽ ضياءُ الحق جي قيادت ۾ فوج سنڌوسنئون اقتدار تي قبضو ڪيو آهي. انهن ٽنهي جي مارشل لا جو پورو دور سائين جيل ۽ نظربنديءَ ۾ رهيو آهي. ٻئي طرف پيپلز پارٽيءَ جي باني ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ايوب خان جي مارشل لا کان ڪئي ۽ ٣٠ لک بنگالين جي لاشن ۽ ٢ لک بنگالي نياڻين جي لٽيل عصمتن مٿان يحيٰ خان جي مارشل لا حڪومت ۾ نائب وزير اعظم ٿيو ۽

ان جي نمائندي طور اقوام متحده ۾ وڃي بنگلاديش جي آزادي جي مخالفت ڪيائين. نه رڳو ايترو پر بعد ۾ پاڻ دنيا جو پهريون سول چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو. جنرل ضياءَ جي دور ۾ فوج ماڻهن سان جيڪي ڪلور ڪيا، انهن جي ڪري ١٩٨٨ع جي چونڊن کي هڪ قسم جو ريفرنڊم تصور ڪندي عوام پيپلز پارٽي کي فوج جو مخالف سمجهندي ووٽ ڏنو پر پوءِ سڄي دنيا ڏٺو (سنڌ جي دانشورن شايد نه ڏٺو هجي) ته محترمه بينظير ڀٽو جمهوريت جي بحاليءَ جو ايوارڊ جمهوريت جي بحالي واري تحريڪ (ايم آر ڊي) کي ڏيڻ بجاءِ فوج کي ڏنو.

اها به سڄي دنيا کي خبر آهي ته پاڪستان ۾ وقوع پذير ٿيندڙ سمورن غير جمهوري ۽ غير آئيني واقعن ۾ اهم هٿ غلام اسحاق جو هوندو آهي. جنرل ضياءَ جو به هو خاص صلاحڪار ۽ غالباً سڀ کان وڌيڪ قابل اعتماد شخص هئو. بقول پيپلز پارٽي جي چيئر پرسن بيگم نصرت ڀٽو ته ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جي صلاح جنرل ضياءَ کي اسحاق خان ئي ڏني هئي. ان ساڳئي غلام اسحاق کي ووٽ ڏيئي صدر، پيپلز پارٽيءَ بنايو. پوءِ جيڪڏهن اهو ڪاوڙجي بينظير صاحبه کي حڪومت تان هٽائي ڇڏي ته ان ۾ به قصور جي ايم سيد جو؟

ساڳين ١٩٨٨ع جي چونڊن ۾ سڄي ملڪ جي ۽ خاص ڪري سنڌ جي عوام پاران فوج جي بالادستيءَ خلاف مليل ڀرپور اختيار (Mandate) جي باوجود پيپلز پارٽي جي ليڊر فوج جي سربراهه اسلم بيگ جو ڪڙو وڄي ڪڙڪايو ته جيو ويو ته اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ائين ضروري هئو. اسان هتي صرف اهو پڇنداسين ته ائين ڪرڻ ضروري ته هئو پر ڇا ائين ڪرڻ درست به هئو؟ ۽ پوءِ ان ملاقات جي نتيجي ۾ فوج جا سمورا شرط مڃي اقتدار ورتو ويو. (اهو اسان نه ٿا چئون محترمه بينظير اقتدار تان لهڻ کانپوءِ خود چيو ته فوج جا ڪين پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرضيءَ سان حڪومت ڪرڻ نہ ڏيندي هئي ايتري قدر جو پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن ماڻهو کي عملاحڪار بہ نہ پئي رکي سگهي) تڏهن بہ سنڌ ۾ خوشيءَ جا جشن ملهايا ويا. تازو جنرل آصف نواز سان بينظير ڀٽو جي ملاقات تي، ايڏو خوشي جو اظهار ڪيو ويو جڻ ڪا وڃايل دولت ملي ويئي هجي ۽ اها اميد ڏيکاري ويئي تہ هاڻي مڙيئي ستائي واءُ ورڻ جو آسرو ٿيو آهي.

جيڪڏهن الطاف حسين، جي ايم سيد سان ملڻ حيدر منزل تي آيو (تيستائين ايم ڪيو ايم هڪ بہ سنڌيءَ کي قتل نہ ڪيو هئو) تہ چيو ويو تہ الطاف دهشتگرد ۽ جي ايم سيد دهشتگردن جو دوست آهي پر جيڪڏهن پهرين آڪٽوبر ۱۹۸۸ع واري سنڌين مٿان قيامت گذرڻ بعد بينظير صاحبہ عزيز آباد وڃي سنڌ دشمن نقطن تي ناهہ ڪري ايم ڪيو ايم کي سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪري ۽ پيپلز پارٽي جي حڪومت جي ڇانو ۾ ويهي ايم ڪيو ايم جا دهشتگرد پورا ٻارنهن مهينا بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جو رت وهائيندا رهن تہ اهو سڀ ڪجهہ پارٽيءَ جي مجبوريءَ جي نالي ۾ جائز قرار ڏنو وڃي.

جيڪڏهن جام صادق علي سيد سان رڳو ملاقات ڪري تہ ٻنهي پارجي تہ سيد سنڌ وڪڻي ڇڏي، پر جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جو سينئر وائس چيئرمين مخدوم طالب المولیٰ نہ رڳو جام جي حمايت ڪري پر پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل ان جا پٽ سينيٽ جي چونڊن ۾ کلم کلا جام جي اميدوارن کي ووٽ ڏين تہ ان تي خاموشي ۽ پوءِ مخدومن خلاف ڪو قدم کڻڻ بجاءِ بينظير صاحبہ هالن جي ياترا ڪري ۽ گلن جا تحفا موڪلي تہ ان کي سنڌين جي ڀلائي لاءِ ڪنيل قدم قرار ڏنو وڃي.

اسان جي ”پڙهيل ڳڙهيل، سنڌ دوست ۽ ترقي پسند“ دوستن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻچا ٻڙائيءَ جو آخري مثال اهو آهي تہ ڪوويت واري جنگ کان ڪجهہ وقت پوءِ هڪ دعوت ۾ ڳالهائيندي سائين جي ايم سيد چيو تہ جيڪڏهن واقعي آمريڪا جي "نيو ورلڊ آرڊر" جو مقصد قومن کي آزادي ڏيارڻ آهي تہ پوءِ سنڌ بہ غلام آهي، ان کي بہ آزادي ڏياري. ان تي ڪردار ڪشيءَ جو هڪڙو طوفان بدتميزيءَ ڪڙو ڪيو ويو. سيد کي عوام دشمن ۽ آمريڪا نواز سڏيندي بدنام ڪرڻ لاءِ مضمون ڇاپيا ويا. ايڊيٽوريل لکيا ويا ۽ سنڌ جي عشق ۾ ٻڏل شاعرن قطعا لکيا. تازو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ مسز بينظير ڀٽو نہ رڳو آميريڪي پاليسين کي جائز قرار ڏنو آهي پر ڪيس اپيل ڪئي آهي تہ ائٽمي هٿيارن جي خطري سبب پاڪستان جي جيڪا امداد بند ڪئي وئي آهي، اها جاري ڪئي وڃي ۽ پاڪستاني فوج کي گہ ربل هٿيار ۽ پرزا ڏنا وڃن. ۽ اها ڳالهہ تہ هاڻي بار بہ ڄاڻي ٿو تہ پاڪستاني فوج هٿيار ڪنهن خلاف استعمال ڪندي آهي؟

مجال آ جو اتي ڪنهن جي ترقي پسنديءَ کي جُهبو اچي يا ڪنهن جي سنڌ سان محبت کي جوش اچي شايد مضمون ۽ ايڊيٽوريل لکندڙن جي قلمن مان مس ڪپي ويئي ۽ شاعرن کان ذات ڇڏائي ويئي.

اڄ هن مضمون ذريعي سنڌ جي باشعور ماڻهن خاص ڪري اديبن، دانشورن، ۽ صحافين کي ايترو عرض ڪندس تہ ڀيلي ڪجهہ تہ سنڌ تي رحم ڪريو يا خدا جي خوف کان ڊڄو. ڪڏهن تہ پنهنجي قلم کي انصاف ڪرڻ لاءِ بہ ڪتب آڻيو. هن ڏکئي وقت ۾ سنڌ جي قومي جدوجهد کي پنهنجي پسند نا پسند جو شڪار نہ بڻايو ۽ تاريخ طرفان توهان کي سونپيل ڪردار کي ذاتي انائن جي ڀينٽ نہ چاڙهيو. ڪن شخصيتن جي خاطر سنڌ جي قومي مفادن کي قربان نہ ڪريو. بلڪہ سنڌ ۽ سنڌ جي قومي مفادن جي ڪسوٽيءَ تي شخصيتن کي پرکيو پوءِ اها شخصيت جي ايم سيد جي، بينظيرجي، رسول بخش پليجي جي،

عبدالواحد آريسر جي، ممتاز علي ڀٽي جي، ڄام صادق علي جي، قائم علي شاهہ جي يا ڪنهن ٻئي جي هجي.

اڄو تہ ڳڌ جي طئي ڪريون تہ سنڌ جا قومي مفاد ڪهڙا آهن، انهن تي قبضو ڪنهن ڪيو آهي ۽ اهو ڪهڙي طريقي سان حاصل ٿي سگهن ٿا؟ پوءِ انهن طئي ٿيل بنيادن تي سمورن ليڊرن، سمورين سياسي پارٽين ۽ سمورين سياسي تبديلين بابت اسان پنهنجا موقف متعين ڪريون ۽ اهي ئي اسان جي همدردين ۽ مخالفتن، دوستين ۽ دشمنين جا بنياد هجڻ ڪپن.

جاڳو 17 جنوري 1992ع



ڄام ساقي، خالق جوڻيجو ۽ ٻيا
سن ۾ ٢٦ اپريل ١٩٩٥ع واري ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي.ايم. سيد جي سوچ ۽ ڪردار

”عوامي آواز“ جي ۳۰ جنوري واري اشاعت ۾ ”قومي تاريخ جو الميو ۽ جي.ايم. سيد“ جي عنوان سان امان شيخ جو هڪ مضمون ڇپيو آهي. مضمون جو عنوان ۽ ان ۾ آيل مواد کي پڙهڻ سان سمجهه ۾ نٿو اچي ته مضمون لکڻ جو اصل مقصد ڇا آهي؟. ليکڪ پنهنجي ايڏي ساري محنت ذريعي پڙهندڙن کي ڇا ٻڌائڻ ٿو چاهي. پاڪستاني حڪمرانن جي ملڪي مسئلن بابت مجموعي رويي جي نشاندهي ڪرڻ ٿو چاهي يا حڪمرانن جي، جي.ايم. سيد جي سالگره تي ظاهر ڪيل رد عمل بابت ڪجهه چوڻ ٿو چاهي؟ جي.ايم. سيد جي ذاتي ۽ سياسي ڪردار تي روشني وجهڻ ٿو چاهي يا جيئي سنڌ جي تنظيمي صورتحال تي پنهنجا ذاتي ويچار ظاهر ڪرڻ ٿو چاهي؟ انهن سڀني ڳالهين تي (دانسته يا نادانسته طور) مضمون ۾ گفتگو ڪيل آهي ۽ انهن سڀني تي گفتگو ڪري به سگهجي ٿي پر طوالت کان بچڻ لاءِ ان کي اتي ڇڏجي ٿو. بهتر ٿيندو جيڪڏهن ليکڪ پاڻ وضاحت ڪري يا پڙهندڙ فيصلو ڪن هتي صرف انهن نقطن جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي، جيڪي جيئي سنڌ جي تنظيم، سائين جي.ايم. سيد جي شخصيت سان سڌو سنئون واسطو رکن ٿا ۽ ڳڏوگڏ حقيقتن جي به ابتڙ آهن.

امان صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”۱۹۷۳ع جي آئين ٺاهڻ ۾ اندروني طور پاڻ (سائين جي.ايم. سيد) به هٿ ونڊايو“ ڀهرين ڳالهه ته سچي دنيا ان ڳالهه کي ڄاڻي ٿي ته سائين جي.ايم. سيد ڪڏهن به ڪو ڪم خفيه طريقي نه ڪندو آهي. جيڪو چوڻو ۽ ڪرڻو هوندو اٿس اهو اعلانيه ڪندو آهي. ٻي ڳالهه ته اهو بلڪل غلط آهي ته ڪو سائين جي.ايم. سيد ۷۳ واري آئين ٺاهڻ ۾ ڀٽي جي مدد ڪرڻ لاءِ بلوچ ۽ پٺاڻ اڳواڻن وٽ ويو هئو. حقيقت اها آهي ته، سيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ نعپ جي اڳواڻن وچ ۾ ناهه ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ضرور ڪيو هيون پر اهي ۱۹۷۲ع ۾. اهو، اهو وقت هئو جڏهن بنگلاديش جي آزاديءَ کانپوءِ باقي بچيل ملڪ ۾ قوتن جي نئين سر صف بندي ٿي رهي هئي. سائين جي.ايم. سيد جي ڪوشش جو مقصد اهو هئو ته پاڪستان تي هميشه فوج جي بالادستي رهي آهي. هن وقت فوج اخلاقي ۽ مارلي طور ڪمزور آهي، ان موقعي مان فائدو وٺندي سڀني سياسي قوتن کي گڏجي (سياسي اختلافن کي وقتي طور پاسي رکندي) جمهوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادارن کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. ان سڄي صورتحال تي سائين جي.ايم. سيد جا ان وقت جا خيال تفصيل سان هڪ ڪتابچي ۾ ڏنل آهي جيڪو ”صدر ڀٽي جي خدمت ۾ عرضداشت“ جي نالي سان ڇپيل آهي. سائين جي.ايم. سيد جي انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ ١٩٧٢ع جو عبوري آئين ٺهيو هئو جنهن جي نتيجي ۾ مارشل لا ختم ٿي، بلوچستان ۽ سرحد ۾ اتي جي چونڊيل نمائندن تي ٻڌل نعپ ۽ جميعت علماء اسلام جون حڪومتون ٺهيون ۽ ملڪي ادارن کي جمهوري انداز ۾ هلائڻ بابت ڀٽي ۽ نعپ قيادت وچ ۾ اصول طئہ ٿيا. اڳتي هلي ڀٽي انهن سڀني معاهدن جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ دفعو وري فوج جو دخل ملڪي معاملن ۾ وڌڻ لڳو. بهرحال اهو هڪ الڳ ۽ تفصيلي بحث آهي. جنهن تي ڪنهن ٻئي دفعي گفتگو ڪبي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مضمون نگار پاڻ ان وقت سائين جي.ايم. سيد جي سياست سان لاڳاپيل هئو. پوءِ بہ الائي ڇو ڳالهين کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو اٿس يا تہ يادگيري گهٽجي ويئي اٿس يا ڄاڻي واڻي پنهنجا ڪجهہ خيال سائين جي.ايم. سيد جي ڪاتي ۾ وجهڻ ٿو چاهي، ورنہ سڄي دنيا کي خبر آهي تہ ١٩٧٣ع جي آئين خلاف سائين جي.ايم. سيد جي رهبريءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٢٨ اپريل ١٩٧٣ع تي ڪيڏو زبردست احتجاج ڪيو هئو. (جڏهن تہ ان وقت تائين اجا اهو آئين نافذ بہ ڪونہ ٿيو هئو) بلڪ حقيقت تہ اها آهي تہ پوري پاڪستان مان ١٩٧٣ع جي آئين خلاف اٿندڙ اهو واحد آواز هئو.

ٻئي هنڌ ليکڪ موصوف لکي ٿو ”نيٺ ١٩٧٧ع ۾ فوج سنئون سڌو جنرل ضيا جي اڳواڻيءَ ۾ اقتدار تي قبضو ڪري ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪئي. فوجي حڪمرانن پنهنجي رٿابنديءَ هيٺ هڪ پاسي جناب سائين جي.ايم. سيد تان پابندين کي دور ڪري ڇڏيو.....“ معزز لکيک سان گڏوگڏ سڀني پڙهندڙن جي وضاحت لاءِ عرض تہ نظربنديءَ جون پابنديون سائين جي.ايم. سيد تي جنرل ضيا جي مارشل لا جو سڄو عرصو برقرار رهيون. اهي پابنديون ١٩٧٣ع جي آئين خلاف احتجاج ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽي ٢٨ اپريل ١٩٧٣ع تي نافذ ڪيون هيون. جڏهن ١٩٧٧ع ۾ جنرل ضياءُ اقتدار تي آيون تہ هن ملڪ جي تقريباً سمورن سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪن کي آزاد ڪري ڇڏيو. انهن ۾ نعپ جا بلوچ ۽ پٺاڻ اڳواڻ بہ شامل هئا جن تي بغاوت جو ڪيس داخل هئو. نہ رڳو اهو پر جنرل ضياءُ جي مارشل لا حڪومت ڀٽو حڪومت جي ڪنيل تقريباً هر قدم کي غلط سڏيندي تبديل ڪري ڇڏيو پر سائين جي.ايم. سيد جي نظربنديءَ کي برقرار رکيو ۽ جڏهن سکر ايئرپورٽ تي صحافين ضياءُ الحق کان سائين جي.ايم. سيد جي گرفتاريءَ بابت پڇيو تہ وراڻيائين ”سيد جي گرفتاري اسانکي ڀٽي کان ورثي ۾ ملي آهي. بهرحال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن سيد پنهنجي خيالن ۾ تبديلي آڻي ته پوءِ ڪيس آزاد ڪرڻ تي غور ڪري ٿو سگهجي". ان مان اهو به پتو پوري ٿو ته پاڪستان جا سمورا حڪمران ۽ سياستدان هڪ ٻئي سان سخت دشمنيءَ جي باوجود جي.ايم. سيد مخالفت ۾ هڪ ٻئي سان سهمت آهن. جيئن سکر جهنڊي واري واقعي وقت ڏسڻ ۾ آيو يا هينئر نشترپارڪ واري جلسي کانپوءِ نظر اچي رهيو آهي.

اڳتي مسٽر امان شيخ لکي ٿو ته "....... انهيءَ حد تائين جو (سيد) ۱۹۷۳ع جي جمهوري تحريڪ جي به مخالفت ڪرڻ لڳو". ان مسئلي ۾ آءٌ صرف ايترو چوندس ته مسٽر امان يا ڪو بيو هڪڙو به اهڙو بيان ڏيکاري جنهن ۾ سيد ان تحريڪ جي مخالفت ڪئي هجي. البته سيد اهو چئي ان ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو هئو ته اها سچي اقتدار جي ويڙهه آهي. جڏهن ضياءَ الحق حيدرآباد اسپتال ۾ سائين کان طبيعت پڇڻ آيو ته ڳالهيون ڪندي سائين کان پڇيائين ته "سائين چو توهان ايم آر ڊي جي تحريڪ کان لاتعلق رهيا" سائين چيس ته "اسانکي خبر هئي ته اها اقتدار جي جنگ هئي. توهان چاهيو ٿا ته ڪرسيءَ تي هميشه توهان ويٺا رهو ۽ هو چاهين ٿا ته توهانکي هٽائي پاڻ ان ڪرسي تي ويهن" اڳتي جي حالتن ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي ليڊرن جي بعد واري ڪردار سائين جي نقطہ نگاهه کي درست ثابت ڪيو آهي. بينظير پتو صاحبہ اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ جنرل ضيا واري ساڳي ٿير سان گڏجي ساڳين ضياءَ ۽ جوڻيجو دور وارين پاليسين تي عمل ڪيو ۽ هينئر وري خود چوي ٿي ته نواز شريف حڪومت سندس (بينظير) دور جي ناهيل پاليسين تي عمل ڪري رهي آهي.

ان کانپوءِ شيخ صاحب جيئي سنڌ جي حصن ۾ ورهائجڻ تي تنقيد ڪندي ان جا ڪارڻ ڳڻايا آهن. انهن ڪارڻن تي ڳالهائڻ کان پهرين آءٌ هن لکت جي وسيلي هڪڙي بنيادي ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهندس. اهو اڪثر چيو ويندو آهي ته جي.ايم. سيد جي غلط پاليسين جي ڪري جيئي سنڌ حصن ۾ ورهائجي ويئي. آءٌ امان صاحب سميت سيني ليکڪن، دانشورن ۽ سياسي ڪارڪنن کان پڇان ٿو ته ڇا جيئي سنڌ پهرين ۽ واحد جماعت آهي جنهن ۾ گروپ ٿيا آهن. ڇا ڪميونسٽ پارٽي ۾ گروپ ڪو نہ ٿيا. انڊين نيشنل ڪانگريس حصن ۾ ڪانہ ورهائي، عوامي نيشنل پارٽي ۾ گروپ ڪونہ ٿيا. پيپلز پارٽي کان الڳ ٿي ماڻهن پنهنجون پارٽيون ڪونہ ناهيون. (بلڪہ حقيقت اها آهي ته پيپلز پارٽي مان نڪرندڙ ماڻهن پاران ناهيل پارٽين جو تعداد سيني کان وڌيڪ آهي) ۽ عوامي تحريڪ جا حصا ڪونہ ٿيا. انهن سيني ۽ دنيا ۽ سنڌ ۾ ٻين الاهي سارين پارٽين جي ٽٽڻ جو ڪير ذميوار آهي. ان مان منهنجي مراد اها ڪونهي ته ڪو گروپ بنديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو عمل سنو آهي پر اهو حالتن جو اثر نتيجو هوندو آهي. جنهنکي رڳو اسانجون خواهشون روڪي نہ سگهنديون آهن.

هاڻي اچون ٿا مسٽر امان پاران چاڙهيل سبين طرف. سندس نظر ۾ جيئي سنڌ ۾ حصا ٿيڻ جو پهريون سبب اهو آهي تہ "جناب سائين جي.ايم. سيد جي سموري تحريڪ جو بنياد جذباتي، ابهرائپ ۽ ذهني لست ماڻڻ واري فلسفي تي رکيل آهي". ان سوچ تي آءُ شيخ صاحب کي چا چوان! سائين جي.ايم. سيد جو سنڌ جي آزاديءَ وارو فلسفو انساني سماج جي ارتقا جي ڳوڙهي مطالعي، سنڌ جي تاريخ جي گهري ادراڪ ۽ پاڪستان اندر ٢٥ سالن تائين قومن سان روا رکيل ورتاءُ جي جائزي تي ٻڌل آهي ۽ دنيا اندر موجوده وقت ۾ ايندڙ تبديلين سيد جي ان فڪر جي سچائيءَ تي ثابتيءَ جي مهر هڻي ڇڏي آهي تہ اسلام، ڪميونزم، جهموري يا ڪنهن بہ ٻئي نظريي جي آڌار تي ڪنهن قوم کان آزاديءَ وارو ان جو تاريخي حق نٿو کسي سگهجي.

ٻيو ڪارڻ شيخ صاحب اهو ٿو ٻڌائي تہ "سموري تنظيم روايتي طور جناب سائين جي.ايم. سيد جي پيرن ۾ پيل آهي". ان لاءِ آءُ صرف ايترو چوندس تہ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ٻي ڪهڙي پارٽي آهي جنهن جي قيادت سائين جي.ايم. سيد کان وڌيڪ جمهوريت پسند آهي؟ ان سوال جو جواب ملڻ تي آءُ ان موضوع تي وڌيڪ ڪجھ لکندس.

ٽيون سبب ليکڪ جي خيال ۾ اهو آهي تہ "جيئي سنڌ تحريڪ ۾ اهڙا ماڻهو ويٺل آهن جن جا لاڳاپا ڳجهن هٿن سان آهن. جن جي ذمي ڪم رکيل آهي تہ تحريڪ کي وڏڻ ويجهڻ نہ ڏجي ۽ سموري تحريڪ تير تڪلي ۾ سياسي دٻاءُ لاءِ استعمال ڪجي؟؟!. اهو ڪارڻ نہ بلڪہ هڪ الزام آهي ۽ نهايت سنگين الزام جيڪو مسٽر امان شيخ پوري جيئي سنڌ جي تنظيم تي لڳايو آهي ۽ اهڙي ريت نهايت غير ذميواري جو مظاهرو ڪيو آهي. پهرين ڳالھ تہ ڪنهن مسئلي جو تجزيو ڪرڻ وقت زور دليل لائل تي هجڻ کپي، الزام تراشي ۽ فتوا بازيءَ کان پرهيز ڪرڻ کپي. ٻي ڳالھ تہ هاڻي جڏهن تہ مسٽر امان اهڙو سنگين نوعيت جو الزام لڳائي چڪو آهي تہ کيس ان کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ثبوت پيش ڪرڻ گهرجي.

وڌيڪ همراھ لکي ٿو تہ هينئر صورتحال اها وڃي بيٺي آهي تہ سنڌوديش جو نعرو فقط سياسي خود غرضي، جذباتي ۽ جنوني ڪيفيت لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ان جي حق ۾ دليل اهو ٿو ڏئي تہ دنيا جي گولي تي جيڪا تيزيءَ سان ڦير ڦار اچي رهي آهي ان کان سنڌ جو متاثر ٿيڻ ضروري آهي. ان ڪري ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي آزادي وڏيڪ يقيني ٿي ويئي آهي ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ ايندڙ تبديليون ان ئي حقيقت ڏانهن اشارو ٿيون ڪن. آخر ۾ آءُ معزز ليکڪ کي گذارش ڪندس تہ پنهنجو نقطہ نگاهہ پيش ڪرڻ وقت سياسي ٻولي استعمال ڪئي وڃي ۽ فتوابازي کان پاسو ڪيو وڃي.

(امان شيخ جي مضمون ”تاريخ جو الميو، ۽ سيد“ جي پس منظر ۾ لکيل عوامي آواز ۴ فيبروري ۱۹۹۲ع).



ڊاڪٽر سليمان شيخ، شاهہ محمد شاهہ ۽ خالق جوڻيجو

سن ۾ ٢٦ اپريل ١٩٩٥ع واري ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد : سچ جو قيدي

پاڪستان ۾ ڪجهه عرصو اڳ ۾ ايم آر ڊي جي نالي سان تحريڪ هلي هئي. ان جو مفهوم هئو جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ. جيتوڻيڪ ان وقت ڪجهه ماڻهن جو اهو به چوڻ هو ته پاڪستان ۾ جمهوريت ڪڏهن رهي ئي ڪانهي ته پوءِ بحالي وري ڇا جي؟ بهرحال اها تحريڪ هلي ۽ سڀ کان وڌيڪ ۽ سڀ کان زوراڻتي نموني سنڌ ۾ هلي. پوءِ ۱۹۸۸ع ۾ جنرل ضياءَ جي حادثاتي موت کان پوءِ چونڊون ٿيون ۽ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي ته چيو ويو ته جمهوريت بحال ٿي آهي.

ان کان پوءِ پاڪستان جي "خالق" جماعت مسلم ليگ جي حڪومت آئي ۽ هينئر وري پيپلز پارٽي جو دورِ اقتدار آهي. پ پ جي ڪجهه زوراڻتن حامين جو ته اهو چوڻ آهي ته صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت ملڪ ۾ قائم ئي هينئر ٿي آهي. جڏهن ته ان جي مخالفن جي وري اها دعويٰ آهي ته اهڙي خراب حڪومت پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪا نه آئي آهي. خير پاڪستان ۾ ڪيتري جمهوريت آهي يا ناهي يا ان جي شڪل صورت ڪهڙي آهي ان لاءِ تي سگهي ٿو ته بئي هنڌ ڪتي ان جا معيار، ان جا رنگ، ان جا تصور ۽ ان جون شڪليون پيون هجن پر مان ته جمهوريت کي ان جي انهيءَ شڪل صورت سان پرکيندس جيڪا سنڌ ۾ نظر ايندي ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي مختصر تاريخ اهو واضح ڪيو آهي ته هتي جي "حڪمرانن" جا مختلف مسئلن تي مختلف علائقن ۽ ماڻهن ڏانهن رويا مختلف رهيا آهن. بلڪل اهڙي طرح جيئن آمريڪا جا جمهوريت ۽ انساني حقن ۽ آزادين بابت نظريا ۽ رويا پنهنجي ملڪ لاءِ ٻيا ۽ ٻين خاص ڪري پوئتي پيل ۽ غلام ملڪن لاءِ ٻيا رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو هڪ پاسي آمريڪا کي دنيا جو سڀ کان ڀهريون ۽ سڀ کان بهترين جمهوري ملڪ مڃيو وڃي ٿو ته ٻئي طرف ڪالهه تائين ۲ ۽ ڀاڱي ۳ دنيا ۾ کيس سامراج جي لقب سان ياد ڪيو پئي ويو. ان جا ڪارڻ هئا. مثال طور مخالف ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي هيڊ آفيس ۾ اوزار لڳائي ان جي ليڊرن جون ڳالهيون ٻڌڻ جهڙي "سنگين" ڏوهه جي پاداش ۾ ريپبليڪن صدر رچرڊ نڪسن تي غداريءَ جو ڪيس هلڻ، جنهن ان عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي جان ڇڏائي پر ان ئي صدر نڪسن جي دور ۾ ويٽنام جي شهرن ۽ ڳوٺن تي انڌا ڌنڌ بمباري ڪرڻ ۽ زهريليون گيسون ڇڏي لکين ماڻهن کي ماريو ۽ معذور بڻايو ويو. پر ان تي آمريڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جمهوريت پسندن کي لوڏو ئي ڪو نہ آيو.

جمهوريت جي هوندي تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجي پسند ۽ مطلب مطابق تشريح ڪري ٿو. جيئن ايوب خان بہ پنهنجي قائم ڪيل نظام کي "جمهوريت" جو نالو ڏنو هو. پر عام طور ۽ عالمي طور جمهوريت جي جيڪا قابل قبول وصف آهي ان مطابق جمهوريت جي عمارت چئن پاوَن تي تعمير ٿي سگهي ٿي. حڪومت، پارليامينٽ، عدليہ ۽ پريس. انهن منجهان اڄ هڪڙي پائي يعني عدليہ جي حوالي سان سنڌ ۾ جمهوريت کي پرکڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

جمهوريت جي وصف ڪندي اهو ڪو نہ چيو ويو آهي تہ عدليہ جمهوريت جو چوٿون حصو آهي. ان صورت ۾ چئي سگهجي ها تہ جيڪڏهن ڪٿي چوٿون حصو يا ٢٥ سيڪڙو موجود نہ آهي تہ ٧٥ سيڪڙو تہ آهي. پر هتي تہ اهو چيو ويو آهي تہ عدالت يعني انصاف جو گهر چوٿون پائو آهي جنهن جي غير موجودگيءَ ۾ جمهوريت جي عمارت ڪڙي تي ئي نٿي سگهي.

سنڌ ۾ سنڌ جي ڳالهہ، سنڌ جي نجات ۽ بقا جي ڳالهہ ۽ سنڌين جي مستقبل جي ڳالهہ خصوصاً ۽ خالصتاً صرف جي. ايم. سيد ڪندو رهيو آهي. سو بہ ايتري صفائي، جرئت ۽ مستقل مزاجيءَ سان جو سيد جو نالو سنڌ جي وجود جو هڪ اٿمت حصو بڻجي ويو آهي. بيشڪ پيپلز پارٽي سنڌي ماڻهن جي تمام اڪثريت جي حمايت يافتہ پارٽي آهي پر ان ڪڏهن بہ پنهنجي سياست سنڌ جي حوالي سان نہ ڪئي آهي ۽ ان جي ليڊرن ڪڏهن پاڻ کي دنيا آڏو بحيثيت سنڌيءَ جي نہ پيش ڪيو آهي. ان ڪري سنڌ ۾ جمهوريت جي ڏسڻ جي لاءِ جي. ايم. سيد سان ان جي ورتاءَ کي ڏسڻو پوندو ۽ سنڌين سان ٿيندڙ "انصاف" جو بہ ان مان بهتر اندازو ٿي سگهندو تہ انهن جي وڪالت ڪندڙ جي. ايم. سيد سان ڪهڙو انصاف ڪيو ٿو وڃي. سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ جي. ايم. سيد گذريل پنيهہ مهينن کان قيد آهي ۽ سندس ڪيس تڪڙي اڪلاءَ واري عدالت ۾ چالان ٿيل آهي پر اڄ ڏينهن تائين ان جي هڪڙي بہ شنوائي هلي ناهي.

هاڻي مختصر اهو ڏسجي تہ اصل ۾ ٿيو ڇا هي جنهن جي ڪري اهو ڪيس هيڏي عالمي پائي جي همگير شخصيت جي خلاف داخل ٿيو آهي. جي. ايم. سيد ڪو بہ قتل ناهي ڪيو نہ ئي ڪنهن مخالف جي قتل لاءِ ڪنهن کي هشي ڏني اٿائين، نہ اسيمبلي جي اندر ڪنهن مخالف ميمبر جي دليل جو جواب نہ ڏئي سگهڻ جي صورت ۾ ان کي ذاتي بندوق بازن جي هٿان ڪٽڪو ڪيرايو آهي. ۽ نہ ئي ڪن ڌاڙيلن يا دهشتگردن کي پناهہ ڏني اٿس. نہ تہ نسل ۽ ٻوليءَ جي فرق جي بنياد تي سوين بي نگاهہ راهگيرن کي قتل ڪيو اٿائين ۽ نہ ئي وري اقتدار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصول لاءِ دارالحڪومت تي چڙهائيءَ جي ڌمڪي ڏني اٿائين. نہ ڪنهن ليڊر وانگر پنهنجي پوئلڳن کي گهر جا ٽپڙ وڪڻي هٿيار خريد ڪرڻ جي تلقين ڪئي اٿس ۽ نہ ئي وري ڪهن شينهن جي پٽ وانگر مخالفن جا پيٽ ڦاڙڻ ۽ چونڪ تي ڦاهي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي اٿس. هن ڪيو رڳو اهو آهي تہ پنهنجي مادر وطن سنڌ جي موجوده ٻرندڙ صورتحال ( جنهن بابت سنڌ اندر پاڪستان ۾ ۽ سڄي دنيا ۾ روزانو ڪيئي مباحثا، ليڪچر ۽ سيمينار ٿين ٿا ۽ ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب ڇپجن ٿا). جي حل لاءِ پنهنجي مشاهدي، علم ۽ تجربي جي روشني ۾ پنهنجون تجويزون ١٧ جنوري ١٩٩٢ع تي ڪراچي جي نشترپارڪ ۾ ماڻهن جي هڪ ميڙ آڏو پيش ڪيون اهو حل سندس نظر ۾ سنڌ جي آزادي آهي.

ان ڳالهہ تي ان وقت جا مسلم ليگي حڪران ڪاوڙجي پيا ۽ سيد تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪري ڪيس قيد ڪيو ويو. وقت بدليو. مسلم ليگي حڪمران بدليا. انهن جي جاءِ تي پيپلز پارٽيءَ وارا اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويٺا پر سيد جي ڪيس ۽ قيد جي صورتحال نہ بدلي. يعني ساڳيو ئي سيد قيد ۾ بند بغاوت جو ڪيس تڪڙي اڪلاءَ واري ڪورٽ جي ڪٻٽ ۾ بند. اهو ان صورت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن ملزم چئي رهيو آهي ۽ بار بار چئي رهيو آهي تہ ڪيس هلايو وڃي ۽ مونکي ڪورٽ ۾ پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو قانوني اخلاقي ۽ بنيادي حق ڏنو وڃي. اهو ان وقت ٿي رهيو آهي جڏهن موجوده حڪومت جو سربراهہ ۽ ان جا وزير ۽ مشير ڏينهن رات پاڻ کي دنيا آڏو عدل، انصاف ۽ انساني حقن جي علمبردار طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ ۾ مصروف آهن. هڪ جلاوطن ليڊر جنهن تي ڪيترن ماڻهن جو قتل، تشدد، اغوا، ايذاءَ رساني ۽ ٻين اهڙن انسانيت سوز اسم جي ڏوهن جا ڪيس داخل آهن ان لاءِ وزير اعظم صاحبہ وڏي فخريہ انداز ۾ چوي ٿي تہ "اهو واپس اچي اسان مٿس ڪليل عدالت ۾ ڪيس هلائينداسين ۽ ڪيس انصاف حاصل ڪرڻ جا سمورا موقعا ۽ سموريون سهولتون مهيا ڪيون ويندين". ان حد تائين جو عالمي غير جانبدار مبصر ويهارڻ لاءِ تيار آهن. ٻئي طرف وزير اعظم جو پياءُ آهي. ان تي پڻ ملڪ خلاف بغاوت ڪرڻ، رياست خلاف مسلح جنگ ڪرڻ، قتل ۽ دهشتگردي جا ڊزن کن ڪيس داخل هئا. اهي بہ انهن ئي ساڳين خصوصي عدالتن ۾ داخل هئا. انهن سمورن ڪيسن جو فيصلو ڇهن مهينن اندر ٿي ويو. جڏهن تہ سيد جي ڪيس کي ٣٢مهينا گذري وڃڻ باوجود اجا هڪڙي بہ شنوائي نہ ٿي آهي. نہ رڳو ايترو پر ڪجهہ عرصو اڳ ۾ جڏهن ملڪ جو انصاف وارو وزير ملڪ کان ٻاهر ويو ۽ انساني حقن جي عالمي ادارن طرفان ڪائنس جي. ايم. سيد بابت سوال ڪيو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ڏنائين تہ "اسان سيد کي ضمانت تي آزاد ڪيو آهي ۽ سندس علاج لاءِ ملڪي سطح جو ميڊيڪل بورڊ قائم ڪيو آهي."

هتي ٿورڙو ذڪر انهن خصوصي عدالتن جي جوڙجڪ ۽ حيثيت جو- اهي عدالتون گذريل مسلم ليگي حڪومت جي دور ۾ قائم ڪيون ويون هيون ۽ انهن جو ڪم ان وقت جي صدر غلام اسحاق خان جي زير نگراني روئيداد خان، جلال حيدر ۽ وي اي جعفري هٿان ان وقت جي مخالف ڌر خلاف ٺاهيل ڪيس هلائڻ هو. صحافين وڪيلن ۽ انساني حقن جي تنظيمن پاران اٿاريل اعتراضن جي جواب ۾ مسلم ليگي حڪومت جي انصاف واري وزير چيو هئو تہ آهي بہ عام عدالتن وانگر ئي آهن رڳو فرق اهو آهي تہ عام عدالتن ۾ ڪيس تمام گهڻا هجڻ جي ڪري هر ڪيس جو وارو اچڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳيو وڃي ۽ جيئن تہ مخالف ڌر جي خلاف ڪيل ڪيس انتهائي اهميت وارا ۽ حساس نوعيت جا آهن تنهن ڪري انهن کي هلائڻ لاءِ اهي ڪورٽون قائم ڪيون ويون آهن جيئن اهي تڪڙا ڪيس هلائي ملڪ ۽ عوام جي ڀلي خاطر جلدي فيصلا ڏين جڏهن تہ ان وقت جي مخالف ڌر جي اڳواڻ انهن عدالتن کي (Kangroos Court) چوندي انهن کي قانون ۽ انصاف جي منافي قرار ڏنو هو ۽ انهن جي فوري خاتمي جي گهر ڪئي هئي. هينئر انهي مخالف ڌر جي اڳواڻ کي حڪومت جي سربراهہ ٿئي تقريباً هڪ سال پورو ٿيڻ وارو آهي پر اهي ڪورٽون خيرن سان اڃا قائم ۽ دائم آهن. جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ حڪمرانن جا پنهنجي لاءِ قانون ٻيا هوندا آهن ۽ حڪومت لاءِ ٻيا. سو هي ڪو پهريون ڪيس/ الزام ڪونهي جنهن تحت بغير شنوائيءَ جي سنڌي نيشنلزم جو سرواڻ سالن تائين قيد آهي نہ ئي ڪو موجوده حڪومت پهرين حڪومت آهي جيڪا سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي ڳالهہ ڪي دنيا جو سڀ ڪان وڏو ڏوهہ ٿي سمجهي. هونءَ تہ پاڪستان ٺهڻ شرط ئي ۽ ان جي پهرئين حاڪم جناح صاحب جي وقت ڪان وٺي جي. ايم. سيد کي پاڪستان جي قرارداد پاس ڪرائڻ جي سزا ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. پر اسان هتي شروعات تڏهن کان ٿا ڪريون جڏهن کان ملڪ ۾ عام چونڊن جو سلسلو شروع ٿيو آهي ۽ جڏهن کان چيو وڃي ٿو تہ اها جمهوريت قائم ٿي آهي جنهن جي بحاليءَ لاءِ ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي ۾ تحريڪ هلي هئي.

جولاءِ ١٩٧٢ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ قائم پيپلز پارٽي جي پهرين حڪومت سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري جو بل پيش ڪيو جيڪو اسيمبليءَ تمام وڏي اڪثريت سان پاس ڪيو. ان بل جي خلاف ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪجهہ ماڻهن طرفان هنگاما ڪرايا ويا جن ۾ ڪيترا ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتل ڪيا ويا ملڪيتن کي ساڙيو ويو ۽ لٽ مار ڪئي ويئي. ٻئي پاسي ٻل جي حمايت ۾ سنڌي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ جي. ايم. سيد سنڌ جي عوامي دوري تي نڪتو. ان تي ٻل پيش ڪندڙ حڪومت جو رد عمل اهو ٿيو ته وڳوڙ ڪرائيندڙ اردو ڳالهائيندڙ ليڊرن ۽ دانشورن کي ۽ انهن سان گڏ ڪجهه سنڌي شاعرن ۽ دانشورن کي اسلام آباد گهرايو ويو ۽ اهو چيو ويو ته اهي ٽيستائين مرڪزي حڪومت جا مهمان رهندا جيستائين (پاس ڪيل ٻل جي متبادل لاءِ) ڪو ٺاهه نٿو ٿئي ۽ پوءِ ائين ٿي ٿيو جڏهن ته ٻئي پاسي پاس ڪيل ٻل جي حمايت ۾ دورو ڪندڙ سيد کي قيد ڪيو ويو امن امان ۾ خلل وجهڻ جي الزام ۾. جڏهن ته دوري دوران حيدرآباد ۾ سندس جلسي تي بمن سان حملو ڪندڙن منجهان امن امان کي ڪوبه خطرو ڪونه هئو تنهن ڪري انهن مان ڪوبه گرفتار ڪونه ٿيو. ڇهن مهينن تائين بغير ڪنهن شنوائيءَ جي قيد رکڻ کانپوءِ جنوري ١٩٧٣ع ۾ سيد کي آزاد ڪيو ويو.

مارچ ١٩٧٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن طرفان ڄامشوري ۾ هڪ سنڌي شام ملهائي ويئي ۽ ان ۾ خاص مهمان طور تقرير ڪندي جي. ايم. سيد هاڻي وانگر سنڌ جي مسئلن ۽ مصيبتن جي حل لاءِ پنهنجون تجويزون ۽ رايا پيش ڪيا ان ڏوهه جي پاداش ۾ اپريل ١٩٧٣ع ۾ ڪيس نظربند ڪيو ويو ۽ اها نظربندي بغير ڪنهن شنوائي، بغير ڪنهن سبب ڄاڻائڻ ۽ بغير ڪنهن وقفي جي ١٤- سال يعني ١٩٨٧ع تائين جاري رهي. ان دوران جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ قائم پيپلزپارٽي جي حڪومت ختم ٿي ان جي جاءِ تي ان جي سخت دشمن جنرل ضياءَ جي اڳواڻيءَ ۾ مارشل لا حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. سيد جي اهڙي نظربنديءَ بابت جنرل ضياءَ جو موقف هو ته جي. ايم. سيد جي نظربندي اسان کي پ پ حڪومت کان ورثي ۾ ملي آهي جنهن کي اسان برقرار رکيو پيا اچون يعني هونءَ جنرل ضياءَ کي پيپلز پارٽي جي حڪومت کان ايتري نفرت هئي جو ان جي ٺاهيل هر اداري کي (آئين سميت) ڊاهي يا ٽوڙي مروڙي ڇڏيو جتي ڊاهڻ ممڪن نه ٿيو ته، ادارن جا نالا تبديل ڪري ڇڏيائين جهڙوڪ اسٽيل ملز ڪارپوريشن ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه. پ پ حڪومت جي ڪنيل تقريباً هر قدم کي ڪلعدم ڪري ڇڏيائين پر جي. ايم. سيد جي نظربنديءَ واري پ پ جي ورثي کي ساهه سان سانديو پيو اچي. جڏهن ته ساڳئي پ پ حڪومت پاران قيد ڪيل ولي خان کي جنرل ضياءَ اقتدار ۾ اچڻ شرط آزاد ڪيو جنهن پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ چيو هو ته "اسان گولي جو جواب گولي سان ڏينداسين" . ان نظربندي جي شروع وارن ڏينهن ۾ سيد کي هڪڙو دفعو ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آتي بہ هينئر وانگر سيد پنهنجي ڪيل ڳالهہ جو دفاع ڪندي چيو تہ آءٌ سنڌ جي مصيبتن ۽ مسئلن جو حل قومي آزاديءَ ۾ ئي سمجهان. ان سلسلي ۾ اها مزيدار ڳالهہ بہ پڙهڻ ۾ ايندي آهي تہ، سيد جي اهڙي اقرار تي جج صاحب ڪجهہ گهبرائجي ويو ۽ جناب جي. ايم. سيد کان پڇائين تہ پلا سي آءِ ڊي وارن ۽ ٻين سرڪاري اهلڪارن کي ڪورٽ کان ٻاهر موڪليان تہ پوءِ توهان پنهنجو بيان جاري رکو. جنهن تي سيد وراڻيو تہ مان چاهيان ٿو تہ اهي تہ ضرور ويٺا هجن ۽ حڪمرانن کي وڃي ٻڌائين تہ مان ڇا ٿو چوان. لڳي ٿو تہ سيد جي ان ڏينهن واري اقرار کان رڳو سامهون ڪرسي تي ويٺل جج ڪو نہ گهبرايو هو پر هن ملڪ جا سمورا حڪمران ٽولا گهبرائجي ويا هئا ۽ اهڙا تہ ڪي گهبرايا جو اڄ ڏينهن تائين وري ڪڏهن سيد کي ڪورٽ ۾ نہ آندو اٿئون.

۱۹۸۷ع ۾ جيئن ئي سيد آزاد ٿيو تہ، پنهنجو نقطہ نگاهہ سنڌي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ دوري تي نڪتو. پروگرام تحت ڪيس اتڪل اڌ سنڌ جو دورو ڪرڻو هئو پر اڃا پنهنجو ضلعو دادو ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ داخل مس ٿيو تہ ڪيس گرفتار ڪري سينٽرل جيل ڪراچي ۾ رکيو ويو. اهو قيد ۾ بنا ڪيس هلڻ جي ڇهہ مهينا ڪن هليو. ان وقت جناب محمد خان جوڻيجو ملڪ جو وزيراعظم هيو، ان جون بہ سموريون خوبيون الائي ڪيڏانهن اڏري ويون. ۱۹۸۸ع ۾ پيپلز پارٽي جي ٻيو ڀيرو حڪومت قائم ٿي تہ بہ ساڳي ڪهاڻي دهرائي وئي. ۱۹۸۹ع ۾ سيد سنڌ جي عوامي رابطي جي دوري تي نڪتو. سکر هوائي اڏي تي لهي شڪارپور ضلعي جو دورو ڪري جيڪب آباد پهتو تہ گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ پ پ حڪومت کي ختم ڪري هڪ نگران حڪومت ٺاهي وئي پر سيد اهو ئي بغير ڪيس هلڻ جي قيد رهيو. هن دفعي مٿس پاڪستان جو جهنڊو ساڙڻ جو الزام هئو. ڪيس جي هڪ ملزم محترمہ حميده کهڙو ٽن مهينن تائين ان عبوري حڪومت ۾ وزير رهي جنهن حڪومت سيد کي قيد رکيو.

۱۹۹۰ع ۾ چونڊون ٿيون جن جي نتيجي ۾ مرڪز ۾ مسلم ليگ جي ۽ سنڌ ۾ ڄام صادق عليءَ جي حڪومت ٺهي جيئن تہ ڄام وٽ پنهنجي ڪا بہ پارٽي ڪا نہ هئي ۽ پيپلز پارٽي جي قوت کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻين ڌرين جي حمايت جي ضرورت هئي. ان کان علاوه ڄام صاحب پاڻ کي ڪجهہ وڌيڪ چالاڪ سمجهندو هئو سو هن جي. ايم. سيد جي پ پ دشمنيءَ کي نظر ۾ رکندي ڪيس اهو سمجهي آزاد ڪرايو تہ پ پ دشمنيءَ کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪندو پر سيد جي نہ تہ ڪنهن سان خدا ڪارڻ دشمني آهي نہ دوستي. هن جي زندگي جو هر حصو، هر رخ، هر پل سنڌ سان واڪيل آهي. سو جيئن ئي ڪيس موقعو مليو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هزارين ماڻهن جي آڏو ۽ ملڪي غير ملڪي پريس ۽ مختلف سياسي اڳواڻن ۽ دانشورن جي موجودگيءَ ۾ سنڌ جي نجات بابت پنهنجي سوچن جو اظهار ڪيو. اسلام آباد ۾ ٿرٽلو مچي ويو ۽ جام صادق علي وري سيد کي قيد ڪيو جيڪو اڄ سوڌو جاري آهي.

هينئر پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ ان جا اتحادي گذريل ڪجهه سالن دوران سنڌ ۾ ٿيندڙ هر برائيءَ جي جڙ جام صادق علي کي قرار ڏا ڏين ۽ ان جو ڪنيل هر قدم سندن ٿي نظر ۾ عوام دشمنيءَ ۽ ملڪ دشمنيءَ تي ٻڌل هئو پر اهي به سيد جي گرفتاريءَ واري جام جي ٻي قدم کي درست سمجهندي سيني سان سانديو ٿا اچن. ان سموري ڪهاڻيءَ منجهان سڀ حقيقتون واضح ٿي سامهون اچن ٿيون. پهرين اها ته سيد جو گناهه هڪ ۽ سدائين ساڳيو رهيو آهي يعني سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي بقا ۽ نجات جي ڳالهه ڪرڻ جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ڳنهيو جنهن ڪاريهر تي پير پيو." ٻي حقيقت اها سامهون اچي ٿي ته اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهندڙ مختلف شخص هڪ ٻئي سان دشمنيءَ جي حد تائين اختلاف رکڻ جي باوجود ساڳين حڪمران قوتن جا مفاد سنڌ جي مفادن جي ابتڙ آهن. چوٿين ڳالهه اها واضح ۽ چٽي ٿي بيهي ٿي ته سيد جي سچ جو حڪمرانن وٽ ڪو جواب ڪونهي. سمورا وسيلا ۽ تشهير جا سمورا ذريعا سندن ڪنٽرول ۾ آهن پر ان جي باوجود سيد جي موقف جو جواب ڏيڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر ڪيس عدالت ۾ پيش نه ڪرڻ ۽ سندن موقف نه ٻڌڻ جي حق ۾ ڪو ڪوڙو سچو جواز به ڪو نه ٿا پيش ڪري سگهن. ان ڪان علاوه جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏسجي ته سيد جي قيد ۽ نظربنديءَ سان جمهوريت جي هڪ نه پر ٻن پاون يعني آزاد پريس ۽ آزاد عدليه جي خلاف ورزي ٿئي ٿي. آزاد پريس مان مراد اها هوندي آهي ته ملڪ جي سيني فردن کي ملڪي معاملن تي پنهنجي راءِ جي اظهار ڪرڻ جو مڪمل ۽ غير مشروط حق هجي. هتي پهرين ته حڪمران پنهنجي سوچ کان مختلف سوچ جو اظهار برداشت نٿا ڪن ۽ فوراً سيد کي قيد ٿا ڪن ۽ پوءِ جڏهن هو ملڪي آئين ۽ قانون تحت ڪورٽ ۾ پنهنجو نقطه نگاهه پيش ڪرڻ جو حق ٿو گهري ته حاڪم اهو به نٿا ڏين.

آخر ۾ آءٌ سنڌي ماڻهن کان عام طور ۽ دانشورن، صحافين ۽ ليکڪن کان خاص طور اهو پڇڻ جي جرئت ٿو ڪريان ته، حڪمران ته سيد لاءِ جيڪو به سوچين ٿا يا چون ٿا ان لاءِ انهن جا پنهنجا مفاد آهن جيڪي سنڌ جي مفادن سان ڪو نه ٿا ٺهڪن پر توهان جا ٿا چئو؟ توهان جا ٿا سوچيو؟ مون کي نه ٻڌايو، مون سان نه ڳالهايو، پر پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. پنهنجو پاڻ کان پڇو ۽ پنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ڪي جواب ڏيو تہ توهان جو جي. ايم. سيد ڏانهن اهڙو لاتعلقي ۽ لاپرواهيءَ وارو رويو ڇو آهي؟ ڇا توهان جي خيال ۾ جي. ايم. سيد جو ڏوهہ سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي وڪالت ڪرڻ ڪان علاوه ڪو ٻيو بہ آهي؟ ڇا سيد جي آواز سان لاپرواهيءَ جو لاڙو رکندي اسان پنهنجي قومي تاريخ، قومي بقا ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل سان لاپرواهي اختيار ڪرڻ جي ڏوهہ جا مرتڪب نٿا ٿيون؟ ڇا وقتي ۽ ننڍا ننڍا مفاد اسان تي ايترو غالب ٿي ويا آهن جو اسان وٽ مستقل ۽ اجتماعي قومي مفادن لاءِ، اسان نہ وقت بچيو آهي نہ وسيلا؟ جيڪڏهن ماڻهن جي مقبول ليڊر ۽ پارٽيءَ سان ڪا زيادتي ٿي ٿئي تہ اسان پنهنجي سمورين صلاحيتن، وسيلن ۽ قوتن سميت بلڪ انهن کان بہ وڌي چڙهي جيڪي سچو ڏنهن سندن حقن ۾ پروپئگنڊا ڪندا ٿا رهون، ڏانهون ٿا ڪريون پر جيڪڏهن ساڳيو عملُ، ساڳي زيادتي وڏيڪ شدت سان ڪنهن اهڙي شخص سان ورجائي وڃي جنهن سان ماڻهن جي گهٽائي گڏ نہ هجي، تہ اسان خاموش ٿي وڃون. ڇا ماڻهن جي گهٽائي گڏ هجڻ يا نہ هجڻ سان سچ ۽ حق تبديل ٿي تو وڃي؟. ڇا ان ڏس ۾ سموري انساني تاريخ اسانکي اهو ٿي ٻڌائي؟ جيڪڏهن مٿين سوالن جا جواب ها ۾ اچن تہ پوءِ اسان هر پابندي، هر تعلق، هر ذميداري کان آجا آهيون جيڪي وٽي سو چئون، جيڪي وٽي سو ڪيون ، جيڪي وٽي سو لکون پر جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب نہ ۾ ٿا اچن تہ پوءِ اسان کي سيد جي آواز تي ڪن ڏيڻو پوندو. ۽ ان آواز جي روشنيءَ ۾ اسان تي وقت، تاريخ ۽ قوم جي طرفان ڪهڙيون ذميواريون عائد ٿيون ٿين انهن تي ڌيان ڏيڻو پوندو.

عوامي آواز ٢٦ سيپٽمبر ١٩٩٤ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد: امن ۽ پيار لاءِ جاکوڙيندڙ صوفي سياستدان

نوٽ: لاهور هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر سيد افضال حيدر جو لکيل هيءُ مضمون محترم جي. ايم. سيد جي ٩٠ سالگرهه جي موقعي تي ١٧ جنوري ١٩٩٢ع جي انگريزي اخبار "فرنٽيئر پوسٽ" ۾ شايع ٿيو هئو.

جناب جي. ايم. سيد منهنجي پاران توهان کي سالگره مبارڪ. آءٌ توهان کي جنم ڏينهن جي مبارڪ ڏيڻ چاهيان ٿو. ڇاڪاڻ ته توهان نه رڳو پنهنجي ئي ديس ۾ قيد و بند ۽ نظربندي هيٺ ٢٩ سال گهارڻ جو قومي رڪارڊ قائم ڪيو آهي پر اڄ پنهنجي ٩٠ جنم ڏينهن تي پڻ هڪ اهڙي ڏوهه جي الزام هيٺ بنا ڪيس هلڻ جي قيد آهيو، جيڪو موجوده ملڪي قانون تحت خاص ڪورٽن اندر تڪڙي اڪلاءَ جو گهرجائو آهي.

ضياء ڪريسيءَ جي دور ۾ وڪيل برادريءَ اهو محسوس ڪري ورتو هئو ته پاڪستان جي سياسي سرشتي ۾ مرڪز مخالف رجحانن جي وڌڻ جو هڪڙو بنيادي سبب ملڪ جي مختلف صوبن جي باشندن جي وچ ۾ رابطي جي کوٽ آهي. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي نهايت شاهڪار ۽ مشهور ورثي جا مالڪ هجڻ جي باوجود ۽ سماجي، سياسي، لساني، مذهبي، تاريخي، ادبي ۽ ثقافتي ميدانن ۾ ڪيترين هڪ جهڙاين جي باوجود اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان هن تاريخي خوبصورت ۽ روايتي طور شاهڪار خطي جا رهواسي هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ هڪبئي جو احساس ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ويا آهيون. اهو خيال ايندي ئي ذهن کي جهٽڪو ٿو لڳي ته اسان سيني کي گڏ ملائي هڪ خوبصورت ۽ رنگين قالين اُڻڻ جي لاءِ ڪا به نوس ۽ مثبت ڪوشش ڪا نه ڪئي ويئي. ان سلسلي ۾ آءٌ اڪثر ڪري بابا فريد گنج شڪر ( جنهن جي معنيٰ آهي ماکي ۽ مصري جو ڪوڙ) جيڪو پاڪ پتڻ ۾ بهشتي دروازي جي ڪري مشهور آهي. هڪ روايت موجب هڪڙي دفعي سندس هڪ پوئلڳ شيخ فريد کي ڪينچي پيش ڪئي اهڙي سوڪڙي واپس ڪندي شيخ صاحب فرمايو ته ڪيس ڪينچيءَ جي نه پر هڪ سُئيءَ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته سندس زندگيءَ جو مشن ڪترڻ نه پر ڳنڍڻ آهي. منهنجي خيال ۾ صوفي درويشن جي رنگين گودڙي شيخ فريد الدين شڪر گنج جهڙن عظيم انسانن جي تعليمات جي علامت آهي جن هن نندي ڪنڊ جي گهڻ نسلي، گهڻ قومي، گهڻ مذهبي ۽ گهڻي زباني سماج کي پيار، ڀائيچاري، امن رواداري ۽ انساني وقار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٺي ڏاڍي سان سڀيو. اسلام جي ان ئي تشريح جي اڄ اسان کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي ۽ هڪ پرامن دنيا جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو استحصال نه هجي ۽ انساني صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا پورا موقعا هجن. ان لاءِ اڪير ٿي آهي جيڪا لکين محنت ڪش ماڻهن کي بابا فريد ۽ اهڙن ٻين بزرگن جي مزارن تي وڃڻ لاءِ اتساهي ٿي. هونءَ ته قبر، گذاري ويندڙ انسان جي آخري آرامگاهه آهي. اها موت جي علامت آهي پر لکين ماڻهو بزرگ انسانن جي قبرن تي ان ڪري ٿا وڃن جو اتان کين اميد جو پيغام ملي ٿو. حقيقت ۾ اهي زيارتي هڪ عظيم تصور ۽ هڪ مستقل قدر کي خراج عقيدت پيش ڪندا آهن ۽ اهو اعليٰ قدر آهي انسان جي آزادي.

مون پنهنجي مضمون جي شروعات ان ڳالهه سان ڪئي ته وڪيل برادريءَ رابطي جي کوٽ کي قومي ٻڌيءَ جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ طور محسوس ڪيو ۽ ان سوچ جنم ورتو ته ان خال کي پرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن ١٩٧٣ع ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي صدر جي حيثيت ۾ مون ملڪ جي سمورين مک بار ائسوسئيشنن جو دورو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڊسمبر ١٩٨٣ع ۾ اسان سنڌ جو دورو ڪيو. هڪ سينئر وڪيل ڊاڪٽر پرويز حسن ڪجهه ڏينهن تائين مون سان گڏ رهيو ان دوران جناب جي. ايم. سيد سان ملاقات طئي ڪئي ويئي اهو ٢٥ ڊسمبر جو ڏينهن هئو (جنهن ڏينهن قائد پيدا ٿيو هئو) ۽ مون سيد صاحب کي ٻڌايو ته مون ڄاڻي واڻي ساڻس ملاقات لاءِ اجوڪي ڏينهن جو انتخاب ڪيو هئو. اسان سان روزاني اخبار "نوائے وقت" جو حيدرآباد وارو نمائندو محمد علي پڻ پنهنجي فوٽو گرافر سميت گڏ هئو. سيد صاحب سان اسان جي انٽرويو جو متن "نوائے وقت" جي فائيلن ۾ محفوظ آهي ۽ مان هتي ان کي دهرائڻ جي ضرورت محسوس نه ٿو ڪريان.

البته اهو ٻڌائڻ آءٌ ضروري ٿو سمجهان ته اسان جو ٽن صوبن جو سفر ڪو ائين ئي سڄ ۾ رکڻ ڪونه هئو. پر انساني هم آهنگي ڏانهن قيرو ۽ پنهنجي مادر وطن جي اتحاد جو سنيهو هئو ان ئي دوري دوران مون جي. ايم. سيد جهڙن ماڻهن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو. اسان وچ ۾ گفتگو لڳ ڀڳ اٺ ڪلاڪ هلي منجهند جي ماني، شام جي چانهن، رات جي ماني. اسان جي. ايم. سيد سان گڏ ئي ڪاڏي پيتي، ان کان علاوه وقفي وقفي سان بسڪوٽن وغيره سان تواضع ٿيندي رهي. ان دوران اسان هڪ پوري دور جي زندگي ۽ سياست جو جائزو وٺندا رهياسين. سيد رڪارڊ جو نهايت شاندار حافظ آهي. هي پنهنجي لائبريري ۾ نادر ڪتابن کان علاوه رسالا، قلمي نسخا، تصويرون ۽ ورهاست کان اڳ ۽ پوءِ واري تاريخي ۽ پُر آشوب دور جو سمورو رڪارڊ وڏي حفاظت سان سانڍي رکيو آهي. هن اهي خط به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانديي رکيا آهن جن ۾ ڪيس گاريون ۽ ڌمڪيون ڏنل آهن. هن وقت تائين هو سٺ کان وڌيڪ ڪتاب لکي چڪو آهي انهن ۾ سندس آتم ڪٿا "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" به شامل آهي جيڪو هٿ جي لکيل پنج هزار صفحن تي مشتمل آهي. بين بي انتها مصروفيتن جي باوجود ادب کي ايترو وقت ڏيڻ دراصل پنهنجي زندگيءَ جي مقصد سان سندس لگن جو ثبوت آهي. هن پنهنجي مقصد لاءِ زندگي ارپي ڇڏي آهي. دنيا جي ڪنهن به معيار تي پرکجي ته اهو هڪ شاندار ڪارنامو آهي.

ڇا هن ڪڏهن عشق ڪيو؟. ان سوال جو جواب آهي ته اها. سندس ڪمري ۾ توهان کي ٽي تصويرون نظر اينديون انهن ۾ هڪ مادام تريڪي آهي جيڪا سيد صاحب جي پراڻي واقف ڪار هئي جنهن سان سيد جي دوستي اڄ کان سٺ سال اڳ هئي هڪ دفعي جڏهن سيد هڪ اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪوهستان ويل هئو ته ان وقت هو سائس ملڻ سندس ڳوٺ آئي. جيتوڻيڪ پاڻ هن لاءِ نياپو ڇڏي ويو هئو. پر هن گهڻو وقت ترسڻ کان انڪار ڪيو جو ان وقت ۾ سفر تمام ڏکيو هئو. بمبئي پهچڻ کان فوراً پوءِ هوءَ مري ويئي. هن جي موت جي خبر سيد صاحب کي وڏو صدمو رسايو. ان صدمي منجهان نڪرندي مٿس وڏي حقيقت جو انڪشاف ٿيڻ لڳو. حضرت ابراهيم جا لفظ سندس ذهن ۾ گونجڻ لڳا ڪيس صحيح جواب ۾ صحيح رستو ملي ويو هئو. هو اهي لفظ دهرائڻ لڳو. "مون کي ٽڪجي ويهي رهڻ وارن سان ڪا به محبت ناهي". اهڙيءَ ريت هن طرفان پاڻ کي ۽ لڪل حقيقت کي ڳولڻ جي سفر جي شروعات ٿي. ان کان وڌيڪ هن جو پيار ڇا ٿيندو، هڪ اهڙي شيءِ جيڪا موت ۽ تباهيءَ کان مٿانهين آهي. ڇا ڌرتيءَ سان محبت ۽ وطن سان محبت هڪ مسلمان جي ايمان جو حصو ناهي؟ سيد پنهنجو جواب ڳولي لڌو هئو. تڏهن کان وٺي سنڌ ئي هن جو خواب آهي ۽ هو ان خواب جي هڪ روشن ۽ خوشحال تعبير لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي.

غلام مرتضيٰ ٻن سالن جي عمر ۾ ئي يتيم ٿي ويو هو. هن جي والد سيد محمد شاهه کي قتل ڪيو ويو هئو. حفاظت جي خيال کان ڪيس اسڪول وڃڻ جي اجازت نه ملي البته ڪجهه بنيادي تعليم ڪيس حويليءَ ۾ ئي ڏني ويئي. مخالفانه محول ۾ زندگي گذارڻ سان ڪيس اهڙي همٿ ۽ سمجهداري حاصل ٿي جيڪا رڳو انهن کي حاصل ٿيندي آهي جيڪي فطرت کي قريب هوندا آهن. سندس ملڪيت عدالت جي هٿ هيٺ هئي. جيتوڻيڪ قانون جي نظر ۾ هو اڃا صغير هو، پر هن مڪاني سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي پيرن تي زندگي گذارڻ جو فن سکي ورتون . پهرين پنهنجي تعلقي جي مڪاني اداري ۾ چونڊيو ان کانپوءِ ڪراچي ڊسٽرڪٽ بورڊ جو وائيس چيئرمين ۽ پوءِ ١٩٢٩ع ۾ ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيئرمين ٿيو. ١٩٣٠ع ۾ هاري ڪانفرنس منظم ڪيائين ۽ ان جو پهريون سيڪريٽري ٿيو. ان هاري ڪانفرنس بي زمين هارين جي مسئلن کي کنيو. ان ڪانفرنس سان تبديليءَ جي هوا گهلڻ لڳي. آخرڪار اها ٽيننسي ليجسليشن ڪميٽيءَ جو پيش خيمو ثابت ٿي. جيڪا سنڌ اسيمبليءَ ١٩٤٣ع ۾ مقرر ڪئي.

جي.ايم.سيد بمبئي کان سنڌ جي علحدگي واري تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪرڻ کان پوءِ، ١٩٣٥ع واري ايڪٽ ذريعي وجود ۾ ايندڙ پهرين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سنڌ جي هارين جي مسئلن جي حل لاءِ قانوني قدم تجويز ڪرڻ واسطي قائم ڪيل ٽيننسي ڪميٽيءَ تي مقرر ٿيو. ان ڪميٽيءَ جي رپورٽ ١٩٤٥ع ۾ شايع ٿي.

مسٽر ڊيئل مل دولتراڻي جي تجويز هئي ته بي زمين هارين کي زمين وارو بنائڻ لاءِ زميندارن کان انهن جي ملڪيت نه کسي وڃي. هن جو خيال هئو ته رڳو زميندارن جي نظرداري ۽ سرپرستيءَ ۾ ئي هاري موثر نموني ڪم ڪري ٿا سگهن. هن ڪميٽيءَ کي خبردار ڪيو ته ٻهراڙيءَ جي معاشيات کي هٿ نه لاتو وڃي.

بهرحال جي. ايم. سيد ان سان اتفاق نه ڪيو ۽ پنهنجو اختلافي نوٽ لکيو. جنهن ۾ ڪميٽيءَ ميمبرن جي اڪثريت جي راءِ کي رد ڪندي ٽي ڳاليون تجويز ڪيون ويون.

1. ٽيننسي حق سڀني هارين کي غير مشروط طور ڏنو وڃي.

2. ٻٽئي سسٽم ختم ڪري ان جي جاءِ تي سرڪاري انتظام هيٺ هڪ ٽيننسي سسٽم نافذ ڪيو وڃي.

3. وڏيون جاگيرون بغير ڪنهن معاوضي جي کسيون وڃن ۽ زمين کي مرحليوار قومي ملڪيت بڻايو وڃي.

جنهن وقت هو اڃا نابالغ هو ۽ سندس زرعي زمين عدالت جي ڪنٽرول ۾ هئي ته ١٩١٩ ۾ خلافت تحريڪ جي حمايت ۾ هن پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ڪانفرنس منعقد ڪرائي. سيد جي ان قدم کي ان وقت جي ڪراچيءَ جي ڪمشنر مسٽر گبسن هوڏ قرار ڏيندي ڌمڪي ڏني ته ڪورٽ جي هٿ هيٺ سندس زمين منجهان ملندڙ رقم کي روڪيو ويندو. پر سيد بغاوت ڪري چڪو هئو. هن بي رحم طاقت جي سامهون "نه" چوڻ جو بي بها راز ڳولي لڌو هئو اها بغاوت هن جي باقي زندگي جو حصو بڻجي چڪي هئي. ۽ هن جي اندر کي سچائيءَ جي جستجو ۾ پنهنجي ڌرتي جي پيار سان پريو ڇڏيو هئو. تهذيب، فن ۽ ثقافت جي ڌرتي ۽ امن ۽ پيار جو پيغام، صوفين ۽ انسانيت دوستن جي ڌرتي جنهن تي ان وقت انگريز سامراج جو قبضو هئو. اهو پيار ۽ جستجو هن جي سچي سوچ تي ڇانيل آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس زندگيءَ جي ڊگهي جدوجهد جو بنيادي محرڪ.
١٩٨٧ع ۾ هو باچا خان جي مزاج پرسيءَ لاءِ انڊيا ويو هئو. اتي پارٽيا جنتا پارٽيءَ جو اڳواڻ ايل ڪي آڏواڻي ساڻس مليو هئو. سيد ڪيس ٻڌايو تہ هن (سيد) پڻ هڪ وقت سکر ۾ منزل گاهہ مسجد جي ڪاز جي حمايت ڪئي هئي. جڏهن ١٩٣٩ع ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جهڳڙو پيدا ڪرايو ويو هئو ۽ ان لاءِ جيل بہ ويو هئو. ان سڄي جهڳڙي جي پويان مقصد شهيدالله سومري جي حڪومت ڊاهڻ هئو. سموري راند سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهي پئي ويئي ۽ ان لاءِ مذهب کي استعمال ڪيو پئي ويو. هن آڏواڻيءَ کي اهو بہ چيو تہ هندستان ۾ فرقي پرستي ئي مسلمانن ڌاران عليحده مملڪت لاءِ مطالبي جو سبب بڻي. فرقي پرستي ۽ تعصب جي ڪري اڻ مٽ انساني تباهي اڃا تائين جاري آهي. ان ڪري هن تجويز ڏني تہ سياسي مقصدن لاءِ مذهن جي استعمال تي بندش وڌي وڃي. آڏواڻيءَ چيو تہ نهرو خاندان جي هندستان ۾ سياسي گرفت تمام مضبوط آهي ان ڪري سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هندستاني سياست ۾ فرقي پرستيءَ کي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ناهي.
١٩٤٦ع جي چونڊن ۾ جي. ايم. سيد کي شڪست ڏني وئي چاڪاڻ تہ هو پاڪستان جي حق ۾ تاريخي نهراءُ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرائڻ کان پوءِ مسلم ليگ کي ڇڏي چڪو هئو. هن قاضي محمد اڪبر جي خلاف پٽيشن داخل ڪئي جنهن ۾ ڪيس ڪاميابي تي ۽ ڪيس چونڊيل ميمبر قرار ڏنو ويو. پر پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ڪانئس قسم نہ کڻايو ويو اها ياد رکڻ جي ڳالهہ آهي تہ مسلم ليگ کان عليحدگيءَ کان پوءِ سيد صاحب پنهنجي ساٿين سان گڏجي پروگريسو مسلم ليگ ناهي هئي. چاڪاڻ تہ پاڻ آل انڊيا مسلم ليگ ۽ آل انڊيا ڪانگريس جي وچ ۾ ناهہ ڪرائڻ ۾ ناڪام ويو سيد جي راءِ هئي تہ ڀارت متحد رهڻ کپي جيڪو ڪنفيڊريشن سسٽم تي ٻڌل هجي. جڏهن تہ گانڌي جي ۽ ڪانگريس چاهيو ٿي تہ متحده ڀارت ۾ هڪ مظبوط مرڪز هجي ۽ قائد اعظم هڪ عليحده مسلم ملڪ جي گهر تي ڪئي. هن ١٩٤٦ع واري اليڪشن احرار، خاڪسار ۽ جميت علماءِ هند جي مدد سان وڙهي هئي.
١٩٦٦ع ۾ سيد بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وڌو. ان کان علاوه هو سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين بہ رهي چڪو هئو ۽ نيشنل عوامي پارٽي ۾ پڻ سندس اهم رول رهيو هئو. ١٩٧٢ع ۾ جيئي سنڌ هلچل جو آغاز ڪيائين هن جو خيال آهي تہ آخرڪار پنجاب کي هن خطي جي اتحاد لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو آهي. پر اهو صرف تڏهن ممڪن آهي تہ ڀهرين هتان جي قومن کي آزادي ملي. سندس اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ پڪو يقين آهي تہ ايران ۾ وچ اوڀر تائين ڦهليل هي خطو امن ڏانهن دنيا جي رهنمائي ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ علم جا بنياد دنيا جي هن حصي جي لڪل ۽ وساريل روايتن ۾ ملن ٿا. سيد کي شڪايت آهي تہ پنجاب جي ماڻهن صوفين جي روايتن کي وساري ڇڏيو آهي ۽ اسٽيبلشمنٽ پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ اقبال جي خيالن جي سرپرستي ڪري رهي آهي.

سيد صاحب جي لکيل ڪتابن منجهان هڪ نهايت اهم "پيغام لطيف" آهي ان ۾ هن شاهہ لطيف جي پيغام جو تفصيلي جائزو ورتو آهي. ان دوران سائين غلام مرتضيٰ شاهہ لطيف پاران ذڪر ڪيل مختلف موضوعن بابت پنهنجو نقطہ نگاهہ پڻ پيش ڪيو آهي. در حقيقت ان ڪتاب ذريعي سيد صاحب دنيا جي ماڻهن کي عام طور ۽ سنڌ جي ماڻهن کي خاص طور زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيئن هو پاڻ ان کي ڏسي ٿو. پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ هن قومن جي عروج ۽ زوال بابت پڻ تفصيل سان لکيو آهي.

مضمون ختم ڪرڻ کان پهرين آءٌ شاه لطيف جي هڪ بيت جو ذڪر ڪندس جيڪو شاهہ لطيف بابت سيد جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ خادم حسين سومري ڏنو آهي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

جي. ايم. سيد شاهہ لطيف جي روايتن جو وارث آهي جن ۾ ڌرتيءَ سان پيار واري سنڌ جي ماڻهن سان محبت، ڌاريي غلبي کان ديس جي آزادي، سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ خوشحالي، اجتماعي ڀلي لاءِ ذات کي قربان ڪرڻ جو جذبو، رواداريءَ کي مستقل دوستي ۽ باهمي هم آهنگيءَ جو بنياد سمجهڻ، امير ماڻهن جي موقعي پرستيءَ کي رد ڪرڻ، خوني جهيڙن جو خاتمو ۽ اجتماعي ڀلي لاءِ مثبت ۽ بامقصد ڪردار ادا ڪرڻ شامل آهن.

مون کي يقين آهي ملڪ جي محبت جي. ايم. سيد کي عزيز آهي، توهان کي هن کي سمجهڻو پوندو ۽ هن سان ڀائيچاري، امن، برابري ۽ پيار جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو پوندو. پوءِ ڏسو تہ هن جو رد عمل توهان کي حيران ڪري ڇڏيندو. ماڻهن جي ڀلي لاءِ توهان خالي چيڪ جي توقع هن جهوني سيد کان ڪري سگهو ٿا. پنهنجي وڏن جي روايتن کي برقرار رکندي هو تعاون ۽ پُرامن بقاءِ باهميءَ جي سڏ کي ڪڏهن بہ رد نہ ڪندو جيڪو ئي شاندار ۽ مشترڪ ورثو رکندڙ ٻنهي قومن جو حتمي مقصد هجڻ کپي.

عوامي آواز ڪراچي ١٧ جنوري ١٩٩٥ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڄ نہ اوطاقن ۾

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جي جيءُ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا

سيد سنڌ آهي ۽ سنڌ سيد آهي. اهو جملو ڪن حمايتي يا مخالف ماڻهن جي سوچن کان ٻاهر نڪري، خود پنهنجي لاءِ هڪڙي جاءِ ٺاهيندو پيو وڃي ۽ مونکي ائين ٿو لڳي تہ ايندڙ وقت جي سنڌ ۾ اهو هڪ "چوٽي" واري حيثيت رکندڙ جملو هوندو. جڏهن "سيد" لفظ چئجي ٿو يا آئينده اچاريو ويندو تہ ڪنهن کي پڇڻ ۽ ٻڌائڻ جي ضرورت ڪونہ آهي تہ ان جو مطلب جي ايم سيد آهي، بلڪل ائين جيئن اڄ جڏهن ڪو ماڻهو چوندو آهي شاه جو ڪلام تہ هر ٻڌندڙ پوءِ اهو پڙهيل هجي يا اڻ پڙهيل خود بخود اهو سمجهي ويندو آهي تہ ڳالهہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پئي ٿئي، جيتوڻيڪ سنڌي ۾ شاعري ڪندڙ شاه سون ۽ هزارن ۾ هوندا، پر پنهنجي فن، فڪر ۽ جاڪوڙ وسيلي شاهہ ٻين شاهن کان خودبخود منفرد ٿي ويو آهي، ان ۾ ڪنهنجي بہ شعوري ڪوشش ناهي. جيڪڏهن انگريزي ٻولي جو سهارو وٺجي تہ شاه The Shah ٻڌجي چڪو آهي. ساڳي ريت پنهنجي علم، عقل، سچائي، ايمانداري، جاڪوڙ، مستقل مزاجي محبت ۽ خلوص سبب جي ايم سيد The Syed ٻڌجي چڪو آهي. جيڪڏهن اڄ ڪنهن کي منهنجي ڳالهہ سان اختلاف آهي تہ سياڻي ان کي سندس پاڙيسري ۽ گهر جا ڀاتي ٻڌائيندا.

سيد سنڌ آهي ۽ سنڌ سيد آهي، ان مان ڪير اهو مطلب نہ وٺي تہ اسين سيد کي سنڌ جو متبادل ٿا سمجهون پر ان جو مطلب اهو آهي تہ سنڌ سان پنهنجي ازلي عشق ۽ غير متزلزل لڳاءُ جي نتيجي ۾ سيد سنڌ سان منسلڪ ٿي چڪو آهي، ڳنڍجي چڪو آهي. هڪ ٿي چڪو آهي، اهڙي نموني جو انهن کي ڪير هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن آهي ڪنهن ۾ جرئت تہ پنهوءَ کان سسئي جدا ڪري ڏيکاري، ملير کان مارئي جو نالو ڌار ڪري ڏيکاري، اسلام کان محمد جو نالو عليحده ڪري ڏيکاري يا ڪميونزم ۽ مارڪس کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڏيکاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ايم سيد زندگي جي طويل رستي تي هلندي، پير پٿون ڪنڊڙ پهاڙن سان پُر رستي تان هلندي، ڦهري ڪنن سان ڀريل رستي تان هلندي، زهريلن نانگن جي ٻرن سان سلهاڙيل رستي تان هلندي، سيلهه ڪنڊن سان سٿيل رستي تان هلندي اڄ موت جي وسيع وادي ۾ پهچي چڪو آهي. هاڻي جيڪڏهن سيد سنڌ آهي ۽ سنڌ سيد آهي ته پوءِ ڇا ائين سمجهجي ته سنڌ به فنا ٿيڻ واري آهي؟ نه بلڪل نه، ائين ناهي بلڪه حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. جي ايم سيد پنهنجي سڄي ڄمار جي جاکوڙ سان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي هڪ نئين زندگي عطا ڪئي ۽ سيد جي موت سنڌي قوم کي لافاني ۽ لازوال بڻائي ڇڏيو آهي. اتي به سيد پنهنجي اصول کي اٽاهون ڪري ڏيکاريو، پنهنجي قول ۽ فعل جي يڪسانيت کي ثابت ڪري ڏيکاريو. سيد هميشه چوندو هئو ته فرد قومن لاءِ هوندا آهن، قومون فردن لاءِ نه هونديون آهن. ۷۴ - ۱۹۷۳ع جو زمانو هو، ملڪ تي ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت هئي ۽ مان گهڻن ماڻهن جي ان ڳالهه سان بلڪل متفق آهيان ته ڀٽي صاحب ڪيترا اهڙا وڏا ۽ منفرد ڪم ڪيا، جيڪي ڀِرڳو هو ئي سر انجام ڏيئي ٿي سگهيو. ٻئي ڪنهن جي مجال ناهي. هونءَ ته اهڙن ڪمن ۽ ڪارنامن جي لسٽ تمام ڊگهي آهي. پر هتي رڳو انهن جو ذڪر ڪبو، جن جي هتي ضرورت آهي. اهو ڀٽو صاحب ئي هو جنهن سندس خيالن سان اختلاف رکڻ جي ڏوهه ۾ ”هڪ وقت ۳۱ شاگردن کي سنڌ يونيورسٽي مان ريسٽيڪيٽ ڪرايو. ائين به سندس ئي دور ۾ ٿيو، جو هڪ وقت ۳٦ سنڌي پريسن، رسالن ۽ ڪتابن تي بندش وڌي ويئي ۽ اهو به سندس ئي دور هو. جو پهريون دفعو باقاعده سرڪاري نموني بهاري اچڻ لڳا. سائين جي ايم سيد کي قيد رکڻ واري پاڪستاني حڪمرانن جي روايت کي ته هونءَ ئي صاحب موصوف برقرار رکيو پئي آيو. ان وقت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان اسان تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ان ۾ چار مطالبا رکيا. ريسٽيڪيٽ آرڊر واپس ورتا وڃن، سنڌي پريسن ۽ ڪتابن تان بندش لاٿي وڃي، بهاري نه آڻڻ جو اعلان ڪيو وڃي ۽ جي ايم سيد کي آزاد ڪيو وڃي. مطالبن بابت سائينءَ جي راءِ وٺڻ لاءِ اسان سن ويا سين. سائين ڳالهه ٻڌڻ ۽ مطالبا پڙهڻ کان پوءِ چيو ته ٻيا مطالبا صحيح آهن، باقي منهنجي آزاديءَ وارو مطالبو ڪڍي ڇڏيو. پڇڻ تي وراڻيائين ته منهنجي آزادي وزير اعليٰ ۽ وزيرا عظم جي اختيار کان ٻاهر آهي، هرو ڀرو ان مطالبي کي شامل ڪرڻ سان ٻين مطالبن تي به اثر پوندو.

ٻيو وري غالباً ۱۹۷۸ ۾ شيرين سومرو جو مشهور واقعو ٿيو. جنهن ۾ هڪڙو فوجي مارجي ويو. انجي الزام ۾ علي حيدر شاهه کي گرفتار ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ آءُ سائين وٽ ويٺو هوس تہ ٻہ نوجوان آيا ۽ چوڻ لڳا تہ سائين علي حيدر شاهہ جي آزاديءَ لاءِ ڪجهہ ڪجي. سائين چيو تہ، اسان وڪيل ڪري ڪورٽ ۾ ڪيس لڙڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. نوجوان چوڻ لڳا تہ سائين ائين همراهہ ڪون ڇٽندو. "ڪجهہ" ڪجي ان تي ٿورو ناراض ٿيندي سائين وراڻيو تہ علي حيدر شاهہ کي اهڙو ڪم ڪرڻ کان پهرين سوچڻ کپندو هو تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي؟ ان جا نتيجا ڪهڙا نڪري سگهن ٿا. هندستان جي تحريڪ آزادي ۾ جيڪي ماڻهو جيل ويندا هئا انهن کان وچن ورتو ويندو هو تہ اهي ضمانت لاءِ درخواست نہ ڏيندا. اسان تہ وري بہ ضمانت لاءِ ڪوشش ڪريون ٿا. باقي اها ڳالهہ سيني کي سمجهي ڇڏڻ کپي تہ فرد قومن لاءِ قربان ٿيندا آهن. قومن کي ڪڏهن بہ فردن لاءِ قربان ناهي ڪبو"

سيد پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي موت جي ذريعي پنهنجي ان سونهري اصول کي سو فيصد صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو. سيد پنهنجي زندگي سنڌي قوم جي لاءِ گذاري. زندگيءَ جو هڪ هڪ پل سنڌي قوم لاءِ قربان ڪيو تہ سنڌي قوم جي خاطر ئي موت کي ڳلي لڳاياائين. نيم مرده سنڌي قوم کي جيارڻ جي جاکوڙ ۾ زندگي جا ٽيهن کان وڌيڪ سال قيد ۾ ڪاٽياائين تہ انهي ئي ذلتون سهڻ جي عادي سنڌي قوم کي دنيا ۾ عزت ۽ مرتبي وارو مقام ڏيارڻ جي ڳالهہ ڪندي قيد ۾ ويو ۽ اتي ئي اسان سيني کي خدا حافظ چيائين. سيد اڄا ١٤ سالن جو هو يعني اڃا هوش ئي مس آيو هئس تہ قوم لاءِ ويڙهہ شروع ڪيائين ۽ جڏهن ٩٢ سالن جي عمر ۾ جناح اسپتال جي آء سي يو ۾ بيهوش پيو هو. تڏهن بہ سنڌين خاطر ويڙهہ جاري رکيو پيو اچي. جيڪڏهن ايڏي وڏي جدوجهد ايڏي ڏکي زندگي ۽ ايڏي عظيم قرباني جي ڪهاڻي کي هڪ جملي ۾ سموئجي تہ ائين چئبو تہ سيد اوٿان اوٿان ڪرڻ بجاءِ سنڌ سنڌ ڪندو هن دنيا ۾ آيو ۽ ڪن ذاتي نجات وارن جملن چوڻ بجاءِ سنڌ جي نجات جي ڳالهہ ڪندو هن دنيا مان هليو ويو. ۽ وري اهو سڀڪجهہ ۽ ايترو ڪجهہ انهي قوم خاطر جنهن پنهنجو تہ ڪيس، جنهن پراون جي پاسي ۾ ويهي مٿس تير وسايا، جنهن غيرن جي گود ۾ ويهي مٿس چٺرون ڪيون، جنهن سندس لاءِ موت جون دعائون گهرندڙ ن جا گيت ڳايا. الله اڪبرا سيد قومپرست هئڻ سان گڏ هڪ عاشق ۽ هڪ صوفي بہ هو. هن پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي موت جي ذريعي نہ رڳو قومپرست ڪارڪنن کي رستو ڏيکاريو، پر عاشقن جي بہ عزت وڌائي ۽ صوفين جي دعوي کي سچو ڪري ڏيکاريو. "اونهہ دي اوه جائي سانون اپڻي توڙ نڀاوڻ ڏي" جي عملي تصوير سيد ئي هو ۽ مليا تہ ملندياس نہ تہ گهوري جان جتن تان، وارن لفظن کي سيد پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت سان افق تي اهڙو روشن لکي ويو آهي، جو اهي ذهنن جو سچ جي روشنيءَ تي وڏيڪ چمڪن ٿا تہ اونداهي رات ۾ ستارن وانگر نمڪن ٿا ۽ انهن کي ڪا بہ زماني جي گرد ميرانجهو نہ ٿي ڪري سگهي.

ايڏين محبتن، ايڏين وفادارين، ايڏين سچاين ۽ ايڏين قربانين کي ٺڪرائيندڙ سنڌي ماڻهن کي ڇا چئجي ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ڇا چئجي؟ جيڪڏهن ان صورتحال لاءِ هڪڙو جملو استعمال ڪجي سو بہ سولي سنڌي جو تہ اهو ٿي ٿيندو تہ، سنڌي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيا آهن.

او سنڌي ماڻهوئو! توهان کي ڪجهہ احساس آهي، توهان ڇا پيا ڪريو؟ توهان ڇا نہ پيا ڪريو؟ ۽ توهان کي اندازو آهي توهان ڪيترو ۽ ڪهڙو وقت وڃائي رهيا آهيو؟ توهان اڳ ۾ ئي تمام گهڻو وقت وڃائي چڪا آهيو. پر هينئر وقت تمام تيزي سان سفر ٿو ڪري. دنيا اڳي جيڪو سفر پنج سو سالن ۾ ۽ پنجاهہ سالن ۾ طئي ڪندي هئي اهو هاڻي پنجن سالن ۾ پئي ڪري ان ڪري هاڻي جيڪڏهن ۽ جيڪو وقت توهان ضايع ڪيو تہ ان جو پورائو شايد توهان ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهو. توهان تاريخ سان مسخريون ڪندا ٿا رهو. پر خدارا ڪجهہ تاريخ سان مذاقون ڪندڙ قومن جي حشر تي بہ نظر وجهو توهان وقت سان بي قدرايون ڪري رهيا آهيو. پر پنهنجي ايندڙ نسلن جي صدقي وقت سان بي قدرايون ڪندڙ ماڻهن جي انجام کي ٿورو ڏسو. وقت جو وير ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي ۽ تاريخ جا فيصلا ڏاڍا بي رحم ٿيندا آهن. ڇا توهان کي رڳو آمريڪا نظر ٿو اچي، آمريڪي ڌرتي جي اصلي ڌڻين ريڊ انڊين جي حالت نظر نٿي اچي؟ ڇا توهان کي پنهنجي پياري سنڌ ۾ انساني تهذيب لاءِ ڪعبي جي حيثيت رکندڙ موهن جي دڙي جهڙا شهر اڏيندڙ دراوڙي نسل جا ماڻهو پنهنجي ارد گرد ڦرندي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن؟ توهان خبر ناهي ڪهڙي نشي ۾ انهن حقيقتن کي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان عاري رهيا. پر جيڪڏهن پاڻهي ئي نہ ڏٺو تہ هو جهونو جوڳي ڏيئو کڻي ان جي لاٽ کي طوفانن ۽ انڌارين کان بچائيندي توهان کي روشن مستقبل جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ رڙندو رهيو. پر توهان جي ڪنن ۾ شايد شيهو پرجي چڪو آهي. تاريخ جو ادراڪ رکندڙ ۽ وقت جي نبض تي هٿ رکندڙ حاذق حڪيم توهان کي محرومين، توهان جي مصيبتن، توهان جي ناڪامين ۽ توهانجي مشڪلاتن جي حل لاءِ نسخو هٿ ۾ ڪنيو توهان کي سڏيندو ويو هليو. پر توهان هن جي آواز کي، هن جي سڏن کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شابس هجيو. شابس هجي توهان کي، شابس هجي ان پيغمبر صفت شخص کي بہ جو هن پنهنجي سموري حياتي ان لاءِ صرف ڪئي تہ توهان جو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي ايندڙ نسل جو مستقبل محفوظ ٿئي. توهان موت ۾ هن جو ساٿ نہ ڪونہ ڏنو. پر هن جي دشمنن (جيڪي اصل ۾ توهان جا دشمن آهن) سان گڏ ٻيهي مٿس پٿر ۽ تير وسايا. پر هن ڪڏهن بہ توهان جي لاءِ پاراتو يا بد دعا نہ ڪيي. سائين ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ماڻهن جي بي وقوفين، نااهلين، منافقين ۽ دغابازين تي ڪاوڙجي انهن کي ڳالهاءِ ڪيندو هو. هڪ دفعي اسان پڇيس تہ سائين توهان سنڌي ماڻهن سان محبت ٿا ڪريو پوءِ انهن کي ڳالهايو ڇو ٿا؟ تہ چيائين انسان آهيان، ڪاوڙ ايندي آهي ڊپ ٿيندو اٿم تہ متان سنڌي قوم لاءِ ڪو پاراتو يا ڪا بد دعا نہ نڪري وڃي ان ڪري ڳالهين جي صورت ۾ ڪاوڙ ٻاهر ڪيندو آهيان. ان تي مون غور ڪيو ۽ هاڻي بہ ويچار ڪريان ٿو تہ صاف نظر ٿو اچي تہ منهنجي سائين سان ساٿ جي ٢٣ سالن ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ سندس پاران ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو اظهار تہ ڪيترا دفعا ٿيو، پر بد دعا هڪ دفعو بہ ٻڌڻ ۾ نہ آئي ۽ آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ سائين وٽ مختلف وقتن تي ۽ مختلف حالتن ۾ ويندڙ مختلف خيال رکندڙ ماڻهو ان جي شاهدي ضرور ڏيندا.

پر اڃا بہ وقت ناهي ويو. اي سنڌيو! اي هن ديس جي ڌرتي جا رکوالو، اي منهنجا لاپرواهہ همر وطنو، ڪجهہ سوچيو، ڪجهہ ڪريو. انساني تهذيب کي خوبصورتي بخشيندڙ توهان جي وڏن جي صدقي شايد تاريخ توهان کي هڪ موقعو اڃا ڏيڻ چاهي ٿي. وقت جي ان ويلي کي هٿان نہ وڃايو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو آئنده توهان يا توهان جو ايندڙ نسل ڪجهہ ڪرڻ بہ چاهي پر خبر پوي تہ وقت واريءَ جيان مٺين مان وهي چڪو آهي ۽ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي ۽ پوءِ (الله نہ ڪري) سنڌ جي مٽيءَ سان محبت ڪندڙ شاعر نارائڻ شيام جا اهي خدشا حقيقت جو روپ ڌارڻ لڳن، جڏهن هن توهان جي لاپرواهي ۽ بي حسي تي ڳوڙها ڳاڙيندي چيو تہ:

الله ائين م ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي

تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

توهان هن جي زندگي ۾ سيد جا سڏ ۽ پڪارون نہ ٻڌيون پر جيئن تہ هو توهان سان محبت پيو ڪري تنهنڪري ڪاوڙجڻ ۽ سهائڻ بجاءِ توهان لاءِ اهي سڏ پڪارون تاريخ جي ورقن ۾ رڪارڊ ڪري محفوظ ڪري ويو آهي. ان اميد تي تہ توهان هڪ ڏينهن ضرور انڌ جي ڪھوڙي تان لهي پنهنجي پيرن ۾ نهاريندؤ. واهہ واهہ اها بہ سيد جي عظمت ۽ سنڌي قوم سان اٿاهہ محبت جي هڪ ٻي نشاني هئي تہ هو ڪڏهن بہ نا اميد نہ ٿيو ۽ شاهہ سائين جي اها سٽ اڪثر اچاريندو هو تہ "پاڻهي ايندم هوت، آءٌ بہ ڪجهہ اڳيري ٿيان" يا زندگي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئين حصي ۾ جمن دريدر جو هيءُ شعر تہ جڻ سائين جي اندر جي آس جي عڪاسي ڪندو هو.

ونئي هر هر جنم وربو، مٺا مهراڻ ۾ ملبو،
ختم اونداهہ ٿي ويندي چٽي چاندڻ ۾ ملبو.

اهو شعر پاڻ اڪثر پڙهندو ۽ پڙهائيندو رهندو هو ۽ ان وقت سائين جي اکين ۾ جيڪا چمڪ ۽ چهري تي جيڪا سرهائي ايندي هئي اها سامهون ويٺلن اندر ولولو پيدا ڪري ڇڏيندي هئي.

اڄ ڪان انڪل اڌ صدي اڳ ۾ هندستان جي هڪ اهڙي ئي تاريخ جو شعور رکندڙ ڏاهي دهليءَ جي جامع مسجد جي منبر تان بيهي حقيقتن ڪان فرار ڪندڙ پنهنجي هم مذهبن کي ائين ئي پڪاري چيو هو تہ ڪجهہ هوش ڪريو. انڌ جي گهوڙي تي چڙهي توهان تباهيءَ جي رستي تي وڃي رهيا آهيو. اهو رستو توهان کي اهڙي منزل تي وٺي ويندو. جتي ڪير بہ توهان کي پنهنجو نہ ڪندو ۽ توهان هوا ۾ لٽڪيل رهندا. ان وقت انهي منڪر جا سڏ انهن ماڻهن جي ٽولين ۽ ٽهڪن جي شور ۾ گم ٿي ويا. پر پوءِ توهان ڏٺو تہ وقت انهن ماڻهن سان ڪهڙو حشر ڪيو؟ جي نہ ڏسي سگهيا آهيو تہ ڏسو اهي توهان جي آس پاس پکڙيا پنهنجي مقدر تي ماتم ڪري رهيا آهن. توهان کي بہ سنڌ جو مدبر ائين صدائون ڏيئي رهيو آهي. ڪالهہ هو حيدر منزل جي اڱڻ تان بيهي توهان کي سڏ ڪندو هو. اڄ سن جي مٽيءَ مان توهان کي پڪاري رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي تہ تباهي جي رستي ڪان موٽي اچو ذلت جي راهہ کي ڇڏي عزت ۽ وقار جو رستو اختيار ڪريو. اهو رستو جيڪو ڏاهر ورتو جيڪو روپلي ڪولهي ۽ هوشو شيدي ورتو، اهو رستو جيڪو مخدوم بلاول ۽ شاهہ لطيف اختيار ڪيو.

خدارا هن جي آواز تي ڪن ڏيو. هن جا سڏ وقت جي پڪار اٿو هن جو آواز هن جون صدائون تاريخ جو نغارو اٿو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو توهان جو انجام اهو ٿئي جيڪو دهليءَ جي جامع مسجد جي منبر مان نڪرندڙ آواز تي ڪن لاتار ڪرڻ وارن جو ٿيو آهي.

سنڌ سان محبت ايتري جو سنڌ جي پلي لاءِ ٿورو بہ جنهن ماڻهوءَ هٿ پير ٿي هنيو ان سان بہ محبت. اسان جيڪي عام طور قومي ڪارڪن ٿا سڏجون انهن سان تہ بلڪل ائين پيار ڪندو هو جيئن هڪ شفيق پيءُ پنهنجي اولاد سان ڪندو آهي. بلڪ مان دعوا سان چئي سگهان ٿو تہ هڪڙي لحاظ ڪان ان ڪان بہ وڌيڪ چو تہ عام طور ڪنهن پيءُ کي رڳو چار يا پنج پٽ هوندا آهن تڏهن بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن نه ڪنهن جي ڪنهن ڳالهه ڪنهن عمل تان اهو ناراض ٿي پوندو آهي. پر هتي سون، هزارن جي تعداد ۾ قومي ڪارڪن منجهان ڪنهن سان ڪڏهن ناراض نه ٿيو. يا ڪڏهن ڪڏهن ڪن معاملي تي سندس حقيقي اولاد ۽ قومي ڪارڪن جي راءِ وچ ۾ اختلاف ٿي پوندو هو ته سائين قومي ڪارڪن جي راءِ کي اهميت ڏيندو هو. اها هڪ عام انسان ۽ عام سياستدان جي وس کان ٻاهر جي ڳالهه آهي ۽ اسان قومي ڪارڪن جو رويو ۽ ڪردار سائين جي زندگي ۾ ڪهڙو هو؟ اهو هڪ ارڏي ۽ ڏاڏلي اولاد وارو. جنهن کي ڪنهن شي جي پرواهه نه هجي. جنهن کي خبر هجي ته منهنجو پيار ڪندڙ نهايت موثر پيءُ ويٺو آهي، جيڪو منهنجي ارڏاين جي نتيجي ۾ ٿيل نقصان جو ڀاڻي پورائو ڪندو، پر هاڻ اسان سيني کي سنڀالي پير ڪٿو پوندو ڇاڪاڻ ته هينئر مٿي تي ڇانو ڪرڻ وارو هٿ باقي نه رهيو آهي. ٿوري غلطي يا هلڪي لرزش به دشمن کي موقعو فراهم ڪندي ۽ اسان کي ناقابل تلافي نقصان پهچائي سگهي ٿو.

سموري زندگي ته ٻسائين جدوجهد ڪئي، پر آخري ڏينهن ۾ بيهوشي جي حالت ۾ به موت سان جيڪا جنگ ڪيائين ان ذريعي اسان کي اهو ئي پيغام ڏيئي ويو ته زندگي جي هڪ گهڙي به ضايع نه ڪيو ۽ آخري ساهه تائين ويڙهه جاري رکو.

پوئين ويڙهه به وڙهه، ويريءَ سان وجود

برسات ٢٧ اپريل ٩٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد
# جي سنڌ جي تاريخ ۾ حيثيت

سنڌ جي هڏ ڏوکين ۽ گهڻ گهرن لاءِ سن جي سر زمين ڪا اجنبي ناهي، سياستدانن جي ميٽنگن ۽ ڪارڪنن جي اجلاسن کان وٺي عوام جي وڏن وڏن ميڙاڪن تائين سڀ هتي ٿيا آهن ۽ جڏهن سن جي شهر ۾ ماڻهن جي وڏي ميڙ جو ذڪر ٿئي ته بنا پڇڻ ۽ بنا ڪنهن جي ٻڌائڻ جي هر ڪو خود بخود سمجهي ويندو ته ”سائين جي سالگرهه“ آهي. اڄ پهريون دفعو سنڌي ماڻهو هڪ وڏي جلسي ۾ شريڪ ٿيندا، پر اها سائين جي سالگرهه نه هوندي. ڪارڪن اڄ به قافلن جي صورت ۾ ايندا پر اڄ سائين ڪو نه هوندو. جنهن سان ملڻ اهي ڪارڪن پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي عزت ۽ سڀ کان وڏي خوشي حاصل ڪندا هئا. جنهن جي چهري تي مرڪ ڏسي، انهن کي زندگي لاءِ نئون اتساهه حاصل ٿيندو هئو. اڄ به سن ۾ سنڌي ماڻهن جون قطارون هونديون پر سن جي مٽيءَ تي پير رکڻ ڪانپوءِ ماضيءَ وانگر سندن پهرين منزل سائين جي اوطاق نه پر قبرستان هوندو.

اهو سڀ ڪجهه سوچيندي ۽ لکندي عجيب ٿو لڳي. سن جو تصور سائين کانسواءِ اعتبار نٿو اچي، پاڻ کي يقين ڏيارڻ لاءِ الاهي جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي. رڳو سن جوئي ڇا؟ سيد کانسواءِ سنڌ جو تصور ۽ ڪير سچ پڇي ته زندگي جو تصور ئي عجيب ٿو لڳي. موت برحق آهي پر اها به حقيقت آهي ته لاشعوري طور الائي ڇو ائين ذهن ۾ ويهي ويو هئو ته ڄڻ سائين ائين ئي هميشه اسان سان گڏ هوندو. ”مون تي سمجهيو هميشه هوندا پرين“ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ جي خاتمي بابت ته خيال ايندو هئو، پر ايڏي وڏي عمر هئڻ جي باوجود ڪڏهن به سائين جي موت بابت خيال ڪو نه آيو. ائين لڳندو هئو ته وقت جي حڪمرانن وانگر موت به هن جي آڏو شڪست کائي ويندو.

اهي ڳالهيون پڙهي ۽ ٻڌي ڪير چئي سگهي ٿو ته اسان تصوراتي دنيا ۾ ٿا رهون يا سچ جي روشنيءَ جهڙي حقيقت کان منهن لڪائڻ جا ڏوهي ٿا ٿيون. جيڪڏهن ائين ڪير چوي ٿو ته اهو بلڪل درست آهي پر ڇا ڪجي؟ جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اسان هوش سنڀاليو آهي، جي ايم سيد سنڌ جي زندگيءَ تي مڪمل طور ڇانيل آهي. جتي بہ سنڌ جو نالو اچي، اتي سيد جو نالو ضرور اچي. سياست جي ميدان ۾ تہ ويهين صديءَ جي سنڌ جي ڪهاڻيءَ ۾ سيد جو نالو سڀني کان مٿانهون نظر اچي ٿو اچي تو پر جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ جو اڀياس زمين ۽ زمين وارن جي حوالي سان ڪبو تہ ان کي بنياد مهيا ڪندڙن ۾ جي ايم سيد شامل آهي، جيڪڏهن جديد، روشن خيال ۽ ترقي پسند ادب ۾ سن جو ڪردار جاچبو تہ ان ۾ بہ جي ايم سيد جو ڪردار بلڪل نمايان نظر ايندو. جاگيرداريءَ جي لعنت ۾ وڪوڙيل سنڌ ۾ سوشلزم ۽ هارين جي حقن واري جدوجهد جو سهرو بہ جي ايم سيد تي آهي. مذهبي بنيادن تي قائم ملڪ ۾ سيڪيولرزم لاءِ اڪيلي سر جي ايم سيد جيڪا واضح ۽ جرئتمندانہ ويڙهہ ڪئي، ان جو ڪتيو نہ رڳو سنڌ جو اڄوڪو نسل، پر پوري پاڪستان جا لبرل ۽ روشن خيال ماڻهو ڪائي رهيا آهن. لطيف کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڳنڍڻ وارو رستو ڏيکاريندڙ بہ جي ايم سيد، سنڌ جي ڪلچر جي خوبين، خامين ۽ خصوصيتن کي پنهنجي علم ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ڳولي ڇنڊي ڦوڪي ۽ انهن کي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکي دنيا جي سڌريل قومن جي صف ۾ بيهارڻ وارو بہ جي ايم سيد، پيو تہ نهيو پر ڪا بہ نصابي ڊگري نہ هئڻ جي باوجود سيد سنڌ جي اقتصاديات تي بہ ايترو لکيو، جو ڪنهن پروفيسر شايد ئي لکيو هجي. ان کان علاوه تعليمي ۽ سماجي ميدانن ۾ هن جي ڪارنامن جا نشان، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل نظر ايندا.

هاڻي ان صورت ۾ ڪير چئي سگهي ٿو تہ جيڪو بہ ماڻهو پاڻ کي سنڌ سان وابستہ ڪندو ان جي زندگيءَ تي، ان جي سوچ، فڪر ۽ عمل تي سيد ڪيترو ڇانيل هوندو؟ اهي تہ ٿيون اجتماعي ڳالهيون پر ذاتي طور بہ ڪيس ويجهو ايندڙ ماڻهن تي سائين وسيع، گهرا ۽ اڻ مٽ اثر ڇڏيندو هو. 1972 ۾ منهنجي سائين سان پهرين ملاقات ٿي. سڄاڻپ جي پهرين ٻن ٽن سالن کي ڇڏي باقي عرصو ائين گذريو جڻ گهر جي ڪنهن انتهائي قريبي ۽ نهايت ٻاجهاري بزرگ سان ساٿ رهيو هجي. سائين وٽ وڃي ائين محسوس ٿيندو هو تہ جڻ پنهنجي گهر ۾ ويٺا آهيون. ايڏو وڏو ليڊر ايڏو وڏو عالم ۽ ايڏي وڏي عمر جو بزرگ هڪ طرف ۽ ٻئي پاسي مان هڪ عام ڪارڪن. پر سائين سان ايترو فري ٿي ۽ اهڙي محبت سان ڳالهيون ٿينديون هيون جو اهڙيءَ طرح مان نہ تہ پنهنجي ڪنهن گهر جي وڏي سان ڪري سگهيو آهيان ۽ نہ ئي وري انهن جدوجهد جي ساٿين سان جيڪي چند سال اسان کان سينيئر هئا. ڪڏهن سائين تاريخ، فلسفي ۽ سياست جي منجهيل مسئلن بابت ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڳالهائيندو هو جيئن ننڍڙي ٻار کي زندگيءَ جون بنيادي ڳالهيون سمجهائبيون آهن. ڪڏهن ائين بحث ڪندو هو، جيئن پاڻ جيڏي سان ڪبو آهي. ڪڏهن سائين ايترو سنجيدو ۽ ڳنڀير ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو هوندو هو جو اسان کي ڳالهائڻ جي همت نہ ٿيندي هئي ۽ ڏهہ ڏهہ پندرهن پندرهن منٽ خاموشيءَ سان انتظار ڪبو هئو تہ سائين ڪا ڳالهہ ڪري، تہ وري ڪڏهن رڳو ڪل ٻوڪ، چرچا، ٽوٽڪا ۽ لطيفا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيو تہ سائين ماڻهو موڪلي گهران گهرائي ڪنهن مسئلي تي راءِ ورتي. انهن سمورين ڳالهين جي نتيجي ۾ آءُ سمجهندو هوس تہ سائين سان منهنجو خاص تعلق آهي، جنهن ڳالهہ تي يقيناً ڪير بہ ماڻهو فخر ڪري سگهي ٿو. ڪافي عرصي تائين آءُ ائين سمجهندو هئس پر پوءِ مونکي خبر پئي ۽ احساس ٿيو تہ اهڙا جيڪڏهن هزارين نہ تہ بہ سوين ماڻهو يقيناً آهن جن کي سائين سان خاص تعلق هجڻ وارو احساس آهي. اها هڪ شخص جي تمام وڏي خوبي ۽ صلاحيت آهي، جو هو ايڏو مصروف هئڻ جي باوجود ذاتي تعلق ۾ ايندڙ ايترن سارن ماڻهن ۾ اهڙو احساس پيدا ڪري جو هر هڪ سمجهي تہ سائين ان کي ٻين کان وڌيڪ ڀائي ٿو ۽ اهميت ڏئي ٿو. ٻيو تہ ٺهيو پر ننڍڙن ٻارن سان بہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ائين ڪچهريون ڪندو هئو جيئن هڪ جيڏن دوستن سان ڪبيون آهن.

ايتريون ساريون خوبيون هڪ شخص ۾ جمع ٿيڻ ڪيس غير معمولي ماڻهن جي قطار ۾ بيهارڻ جي علامت آهي ۽ ان شخص جو سنڌ ۾ جنم وٺڻ سنڌ تي قدرت جي مهربان ٿيڻ جي نشاني آهي. حقيقت اها آهي تہ اهڙا ماڻهو ورلي پيدا ٿيندا آهن ۽ اهي جنهن ملڪ ۾ پيدا ٿين، اهو ملڪ خوش قسمت آهي ۽ جنهن دور ۾ پيدا ٿين اهو دور خوشقسمت آهي.

پير حسام الدين راشديءَ جو چوڻ آهي تہ دريا خان ڪانپوءِ ڪنهن سنڌي ماءُ اهڙو ٻار نہ ڄڻيو آهي. آءُ دريا خان جي عظمت ۽ پير صاحب جي ڏاهپ جو احترام ڪندي سنڌ جي دانشورن ۽ تاريخدانن آڏو اهو سوال رکان ٿو تہ سنڌ جي پوري تاريخ ۾ جي ايم سيد جهڙا ڪيترا ماڻهو پيدا ٿيا آهن؟ سنڌ جي سر زمين تمام زرخيز آهي، ان ڪافي ماڻهو پيدا ڪيا آهن. جن زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن شعبي ۾ نمايان ڪارناما سر انجام ڏنا آهن. ان ڪري ئي وڏا ماڻهو ٿا ليکجن پر جنهن شخص سنڌي قوم جي زندگي جي ايترن گهڻن شعبن ۾ غير معمولي ڪردار ادا ڪيو هجي ان کي ڪهڙي خاني ۾ فٽ ڪري سگهجي ٿو؟

سائين جي ايم سيد جي ان گهڻ پاسائين جدوجهد جي رڳو هڪ رخ تي اڄ ڪجهہ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اهو رخ آهي سياست، هونءَ تہ 15 سالن جي عمر کان وٺي 92 سالن جي ڄمار تائين سائين جي سياسي زندگي مني صديءَ تي ڦهليل آهي، پر ان جو عروج 1972 ع ۾ ٿيو، جڏهن سائين سنڌ لاءِ قومي آزاديءَ جو پروگرام پيش ڪيو. ياد رکڻ کپي تہ اها ڳالهہ ان وقت ڪئي وئي جڏهن 1970 وارين عام چونڊن ۾ مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جي بنياد تي واضح ڪاميابي ماڻڻ جي باوجود. بنگالين جي نمائنده جماعت عوامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليگ کي اقتدار نہ ڏنو ويو. ان لاءِ سائين پاڻ هميشہ چوندو هو تہ تاريخ جي مطالعي ڪرڻ ۽ تجربن ڪرڻ "هٿ ساڙائڻ، کانپوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ سنڌ جي بقا ۽ سنڌي ماڻهن جي نجات صرف آزاديءَ سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي."

سيد جي ان نظريي جي مخالفت هڪ تہ پاڪستان جا حڪمران ٽولا ڪن ٿا ٻيا وري سنڌ ۾ انهن جا اتحادي آهن. جيڪي سنڌ جو نالو وٺي آزاديءَ واري پروگرام جي مخالفت ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي تہ اهو پروگرام ناقابل عمل آهي. حقيقت اها آهي تہ اهڙن ماڻهن منجهان هڪڙا اهي آهن جيڪي سياست کي روزگار طور استعمال ٿا ڪن تنهن ڪري ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نٿا ڪرڻ چاهين جنهن سان سندن روزگار کي نقصان پهچي ۽ ٻيا تہ آهن ئي حڪمرانن جا ماڻهو ان ڪري انهن جي ٻولي ٿا ڳالهائين. جيڪڏهن آزاديءَ جي مخالفت ڪندڙ ماڻهن ۾ اخلاقي جرئت ۽ ايمانداري هجي تہ چون ڪٿي تہ اسان ان تي عمل نٿا ڪري سگهون يا جيڪڏهن هو اهو ڪٿي چون تہ ادا جيئي سنڌ وارن وٽ ايتري قوت ڪونهي جو آزادي وٺي سگهن. تڏهن بہ انهن جي ڳالهہ قابل غور ٿي سگهي ٿي. باقي اهو چوڻ تي قومي آزاديءَ جو پروگرام ناقابل عمل آهي، سچ تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي. ان ڳالهہ کي پرکڻ لاءِ ماضي قريب جي ملڪي ۽ بين الاقوامي صورتحال تي مختصر نظر وجهڻ ڪافي آهي.

ٻي عالمي جنگ کانپوءِ سامراجي طاقتن جي قبضي مان قومن جي آزاديءَ جو هڪ ڊگهو سلسلو هليو، وچ تي وري ان سلسلي ۾ ڪجهہ ڊرائي آئي. جيتوڻيڪ وقتي وقتي سان قومون آزاد ٿينديون رهيون. هاڻي وري سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ جڻ هڪ هٿراڏو ناهيل بند ٽٽي پيو آهي ۽ سموري دنيا ۾ قومي آزاديءَ جو جڻ هڪڙو سيلاب اٿلي پيو آهي. جيڪي قومون ڪميونسٽ نظام هيٺ اچي ويون هيون انهن لاءِ ٻيهر آزاد ٿيڻ ڪنهن وقت ۾ ناممڪن لڳندو هئو بلڪ ان بابت سوچڻ ئي گهٽ ماڻهن ڇڏي ڏنو هئو. هڪڙن جو خيال هئو تہ ڪميونزم ايترو پلو نظام آهي جو آزادي جي ضرورت ۽ اهميت ئي ختم ٿي ويندي تہ ٻيا وري بي پناهہ فوجي طاقت ۽ آمريت کي ڏسي چوندا هئا تہ اتان جان ڇڏائڻ ننڍڙين قومن جي وس کان ٻاهر آهي. پر پوءِ هر ڪنهن ڏٺو ۽ اڃا تائين ڏسون پيا تہ ڪيئن حيدرآباد شهر جيتري آبادي رکندڙ. بالٽڪ رياستون آزاد ٿي ويون ۽ قزاخستان کان وٺي ڪروئشيا تائين سلسلو جاري آهي. ان مان ثابت آهي تہ ڪهڙو بہ نظريو ۽ ڪيڏي بہ طاقت قومن جي آزاديءَ واري فطري حق ۽ خواهش کي ختم نٿا ڪري سگهن.

ان عمل کي مغربي طاقتن ٻهرين تہ ڪميونزم دشمنيءَ ۾ مدد ڪئي، پر ان سان خود سندن ملڪن ۾ بہ قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون ولولو ۽ عزم پيدا ٿيو آهي. آئرلينڊ وارا ته آزادي کي ويجها پهچي چڪا آهن. اسڪاٽ لينڊ جي روڊن تي نعرا پيا لڳن ته جيڪڏهن استونيا ته پوءِ اسڪاٽ لينڊ ڇو نه؟ ڪئناڊا کان ڪيوبا جي آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي منزل ڏانهن تيزي سان وڌي رهي آهي. 20 سالن کان انڊونيشي قبضي جو شڪار تيموري به اٿي کڙا ٿيا آهن. خود پنهنجي پاڙي ۾ ڪشمير کي ڏسون. ڪجهه عرصو اڳ تائين اهو پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ مذهبي بنيادن وارو مسئلو ڏسڻ ۾ ايندو هئو. پر هينئر ٻنهي حصن جا ڪشميري پاڻ کي جديد بنيادن واري علحده قوم سڏين ٿا ۽ هڪ متحده ۽ خودمختيار ڪشمير لاءِ جدوجهد زورن تي آهي.

ان کان علاوه جي ايم سيد جو آزاديءَ وارو نظريو ڪيترو قابلِ عمل ۽ ڪيترو طاقتور آهي اها ڳالهه حڪمرانن کان ڇپي ويجي. جڏهن کان سيد آزاديءَ جي ڳالهه ڪئي تقريباً سموري زندگي قيد رکيو ويو. ان دوران ملڪ تي ڪيترين حڪومتون تبديل ٿيون. فوجي جرنيل، بيورو ڪريٽ ۽ عوامي نمائندا اقتدار تي ويٺا. انهن ۾ سنڌي به هئا ته غير سنڌي به، سمورن سيد کي قيد رکيو. آخر ڪهڙي ڳالهه کان اهي سڀ خائف هئا. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو تختو اونڌو ڪري جنرل ضياءِ حڪومت تي ويٺو ته هن پيپلز پارٽيءَ جي هر ڪم ۽ ڪنيل هر قدم کي تبديل ڪري ڇڏيو. پر سيد جي نظربندي اهو ڇٽي برقرار رکيائين ته اها ڪيس پ پ حڪومت کان ورثي ۾ مليل آهي. هن ولي خان کي به آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن پارليامينٽ ۾ چيو هئو ته هاٿي گولي جو جواب گولي سان ڏيندا سين. انهن بلوچن کي به ڇڏي ڏنو جن عملي طور ڇهن سالن تائين گوليون هلايون ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪجهه عرصي کان پوءِ خود نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو کي به آزادي ڏيئي ڇڏيائين پر سيد قيد ۾ رهيو. جنهن وٽ نه بندوق آهي نه عوام جي بيپناهه قوت گڏ اٿس. اها قومي آزاديءَ واري نظريي جي طاقت آهي جنهن کان سڀ طاقتورڊڄن ٿا. انهن کي خبر آهي ته اها ڳالهه جيڪڏهن عام سنڌي ماڻهن تائين پهچي ويئي ته سندن سڄو مانداڻ ڊهي پوندو. پيو ته ٺهيو پر محمد خان جوڻيجو جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته سياسي آزاديون بحال ڪيائين ۽ ڪنهن به سياسي مخالف کي قيد نه ڪيائين اهو به سيد جي معاملي ۾ ساڳي ٻولي ڪندو رهيو. پنهنجي سڀ کان وڏي مخالف بينظير ڀٽو کي ته لکين ماڻهن جا جلوس ڪيڻ جي آزادي ڏنائين پر جڏهن سائين پنهنجي مختصر آزادي جو فائدو وٺي سنڌ جي دوري تي نڪتو ته، اڃان پنهنجو ضلعو ٽپي بينظير جي ضلعي ۾ داخل مس ٿيو ته جوڻيجي صاحب جي ننڊ ڦٽي پيئي ۽ سائين کي سينٽرل جيل ڪراچي پهچايو ويو.

انهن سيني ڳالهين ۽ عملن منجهان صاف ظاهر آهي ته تاريخ جو مطالعو ڪري، عالمي حالتن جو مشاهدو ڪري ۽ ملڪ اندر تجربا ڪري هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سازائي جنهن نتيجي تي پهتو، يعني سنڌ جي قومي آجپي وارو پروگرام، اهو قابلِ عمل به آهي، طاقتور به ۽ ان ۾ ئي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مستقبل جي تحفظ جي ضمانت آهي. هاڻي اهو اسان تي آهي ته ڪيتري محنت، ايمانداري ۽ عقلمندي سان ان لاءِ جدوجهد ٿا ڪريون. ظاهر آهي سڀ ڪم هڪڙو ماڻهو نٿو ڪري سگهي. سيد پنهنجي حصي ڪان تمام گهڻو ڪم ڪري ويو. هاڻي ڏسڻو آهي ته باقي سنڌي ڇا ٿا ڪن. هونءَ به جنهن مقصد سان سچي سنڌي ماڻهن جو مستقبل وابسته آهي. ان لاءِ جيستائين اهي سيئي جاکوڙ نه ڪندا، تيستائين اهو ڪيئن حاصل ٿي سگهندو. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو آجپي لاءِ جدوجهد نٿا ڪن ۽ سنڌ آجپو نٿي ماڻي سگهي ته پوءِ به اهو نٿو چئي سگهجي ته سيد جو پروگرام يا نظريو ناقابلِ عمل آهي. سائنس جا جيڪي مجيل ۽ ثابت ٿيل اصول ۽ فارمولا آهن. اهي به ته تڏهن نتيجا ڏيندا جڏهن ۽ جتي انهن تي عمل ڪيو ويندو. هائڊروجن ۽ آڪسيجن ملائڻ سان پاڻي ٺهي ٿو، اهو عمل هزارين لکين هنڌن تي نتيجا ڏيئي چڪو آهي. هاڻي جيڪڏهن آءُ پنهنجي ڪن به ڪوتاهين جي ڪري انهن کي نٿو ملائي سگهان ته پاڻي ڪٿان ٺهندو.

عوامي آواز 26-5-1995



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد جو ورثو

موت برحق آهي، هر انسان کي هڪ ڏينهن هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي، پر وڃڻ کانپوءِ هر ڪو ماڻهو ڪجهه نـه ڪجهه ورثو ڇڏي ٿو وڃي ۽ جيڪي ماڻهو ان ڇڏيل ورثي جي مالڪي ڪن ٿا، پوئواري ۽ سنڀال ڪن ٿا اهي وارث سڏيا ٿا وڃن. اهو ورثو زر ، زمين، مال ملڪيت ۽ گهر وغيره تي سگهن ٿا.

غير معمولي ۽ پيغمبرانـه صفت جا ماڻهو جيئن تـه عام ماڻهن کان بلڪل مختلف ۽ منفرد هوندا آهن تنهنڪري انهن جو ڇڏيل ورثو بـه بلڪل مختلف ۽ منفرد هوندو آهي. انهن جو ورثو انهن جا خيال، سوچون، فڪر، عمل، ڪردار، تجربا ۽ تجربن جي نتيجي ۾ چيل ڳالهيون ۽ قول هوندا آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي طبعي زندگيءَ دوران اهڙن شخصن جي ڪيل عملي جدوجهد بـه ان دور ۽ ان ملڪ جي ماڻهن لاءِ وڏي وِٿ هوندي آهي پر ان ڪان وڌيڪ اهميت وارو انهن جو ورثو هوندو آهي ڇاڪاڻ تـه ان ورثي تي ڪنهن بـه مخصوص وقت ۽ مخصوص ملڪ جي حدبندي نـه هوندي آهي. ان ورثي مان صدين تائين ڪروڙين انسان مستفيض ٿيندا رهندا آهن ۽ انهن کي سمجهندي، انهن تي عمل ڪندي ۽ انهن مان فائدو وٺندي پنهنجي ذات، پنهنجي ملڪ ۽ مجموعي طور انسانذات لاءِ گهڻو ڪجهه ڪندا رهندا آهن.

بنا ڪنهن اختلاف جي خطري جي اهو تـه يقين سان چئي سگهجي ٿو تـه جي.ايم. سيد هڪ غير معمولي انسان هئو. ٨٠ سالن تي ڦهليل پنهنجي عملي زندگيءَ دوران هن نهايت ڪٺن ۽ گهڻ رخي جدوجهد ڪئي ۽ ڪيئي ڪارناما سر انجام ڏنا جن منجهان ڪيترا هن کان پويان ايندڙن لاءِ پيڙه جو پٿر ۽ روشنيءَ جو مينار ثابت ٿيا تـه ڪي وقت جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿيا. جيئن سائينءَ جي وفات تي لکندي انگريزيءَ جي اخبار ڊان پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ لکيو تـه "جي.ايم. سيد پنهنجي زندگيءَ دوران ڪيئي معرڪا کٽيا ۽ ڪيئي هارايا پر تاريخ ۾ ڪن شخصن جي ڪردار جو تعين ڪرڻ لاءِ کٽ هار جي بئلنس شيٽ (Balance Sheet) جي اهميت ناهي هوندي".

عام ماڻهن واري ورثي يعني مال، ملڪيت کان سواءِ خاص ۽ غير معمولي انسانن وارو جي.ايم. سيد جو ورثو ايترو گهڻو ۽ ايڏو وسيع آهي جو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهان اسان ذاتي ۽ قومي زندگيءَ جي ڪيترن پاسن ۽ ڪيترن شعبن ۾ رهنمائي حاصل ڪري سگهون ٿا. پر هتي صرف ڪجهه بنيادي ۽ عمومي (General) ڳالهين جو ذڪر ڪريون ٿا.

**ايمانداري:-**

اها خوبي جيتوڻيڪ بلڪل بنيادي ۽ هر اسان لاءِ ضروري آهي پر ان تي عمل ڪرڻ ايترو مشڪل آهي جو صرف پيغمبرانه صفتن وارا ماڻهوئي ان تي پوريءَ طرح قائم رهي سهگندا آهن. يا جيڪڏهن ان کي بئي نموني پيش ڪجي ته ائين چئي سگهجي ٿو ته ايمانداريءَ تي لفظي ۽ روحاني مفهوم ۾ قائم رهڻ سان ماڻهو عام انسانن جي ڪاتي مان نڪري غير معمولي شخصن جي ڳڀ ۾ اچيو وڃي ڇاڪاڻ ته ان هڪڙي لفظ تي قائم رهڻ سان انسان کي ايتريون گهڻيون تڪليفون ڏسڻيون ٿيون پون ۽ ايتريون وڏيون قربانيون ڏيڻيون ٿيون پون جو عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻئي ٻاهر هجن ٿيون بلڪه چڱا ڀلا ڏسڻا وائسڻا ماڻهو به ٿورو ڏکيو وقت اچڻ تي اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن ته ايمانداري سٺي ڳالهه آهي پر ضروري ناهي ته هر وقت ان تي عمل به ڪجي.

جي.ايم. سيد ايمانداريءَ کي هڪ نئون اوج ڏيکاريو خاص ڪري سنڌ جي سماج ۾ جتي منافقيءَ کي هوشياريءَ جو نالو ڏنو ويندو هجي ۽ ڪوڙ ڦڳيءَ کي ڪامياب زندگيءَ لاءِ ضروري قرار ڏنو ويندو هجي. اتي سيد مختلف شين، ڳالهين، واقعن ۽ مختلف شخصن بابت پنهنجا خيال ۽ رايا نهايت ايمانداريءَ سان پيش ڪيا. ڪن ڳالهين بابت جي.ايم. سيد جي راءِ اڳتي هلي غلط به ثابت ٿي پر هن هميشه غلط ثابت ٿيڻ جي خطري کان لاپرواهه جنهن ڳالهه بابت جيڪي محسوس ڪيو سو دنيا آڏو ظاهر ڪيو. ڪيترن مسئلن ۽ معاملن بابت پنهنجي راءِ ڏين جي پاداش ۾ ڪيس تمام گهڻو ڀوڳڻو پيو پر هن جن شين کي جيئن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تيئن ئي ۽ تنهن وقت ئي انهن جو اظهار ڪيو. ان جو سڀ کان وڏو مثال ڪتاب "جيئن ڏٺو آه مون" آهي. ان ڪتاب ڇپجڻ سان جي.ايم. سيد خلاف جيڪو طوفان ڪڙو ٿيو ان کان سنڌ جو هر ماڻهو باخبر آهي پر سيد جي ان ايماندارانه اظهار جو ڪٿيو نه رڳو اسان پر هن خطي جا سمورا ترقي پسند ڪائي رهيا آهن. هاڻي اها ته هڪ عام ۽ سولي سادي ڳالهه آهي ته چڱو ماڻهو اهو آهي جيڪو رڳو ٻين جي ڪئي مان ڪٿيو نه ڪائي پر چڱي ڪم ۾ ڪجهه پنهنجو حصو به شامل ڪري. ان مان اهو مطلب ڪونهي ته ڪو اسان مان هرڪو جي.ايم. سيد ٿي سگهي ٿو پر انهن وڏن ماڻهن جي زندگي هڪڙو مثال هوندو آهي جنهن تي جيترو ممڪن ٿي سگهي هلڻ جي اسانکي شعوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ:-**

جي.ايم. سيد حق ۽ سچ کي رڳو سمجهيو ۽ ان جو اظهار ئي نہ ڪيو پر ان جو ڀرپور نموني ساٿ بہ ڏنو. پنهنجي سمورين صلاحيتن ۽ سيني وسيلن کي استعمال ڪندي ان جي ڪاميابيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ۽ ساٿ بہ اهڙو ڏنائين جو دنيا ياد ڪندي، جنهن بہ ڳالهہ کي، جنهن بہ طريقي کي ۽ جنهن بہ شخص کي صحيح سمجهيائين ان جو ڀيرجي ڏونڪي تي ساٿ ڏنائين ۽ ائين ڪندي ڪڏهن بہ نتيجن جي پرواهہ نہ ڪيائين. سچ جو ساٿ تہ ايمان جو جزو سمجهي ڏبو پوءِ ڀلي تہ مٽ مائٽ يا گهر ڀاتي ڪاوڙجي وڃن يا گهاٽي کان گهاٽا دوست ناراض ٿي وڃن. سچ جي مخالفت ۾ ڪيڏا بہ پيارا ماڻهو هجن ۽ ڪيترا بہ طاقتور هجن انهن جي مخالفت ڪرڻ کان ڪين ڪيٻائيو. جيڪڏهن هندستان جي مسلمانن جو غير متنازعہ ليڊر ۽ پنهنجي محبوب اڳواڻ محمد علي جناح بہ غلط ڳالهہ ڪئي تہ ان جي سامهون مدِ مقابل ٿيڻ ۾ دير نہ ڪيائين. جيڪڏهن ڪن تمام پيارن ماڻهن سندس سوچ جي خلاف مسلم ليگ جو ساٿ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ وڏيڪ دير اتي ويهڻ بہ برداشت نہ ڪيائين. جڏهن تمام ويجهي دوست محمد ايوب کهڙي ون يونٽ ٺهرايو تہ ان جو سڀ کان وڏو مخالف جي.ايم. سيد ئي ٿي بيٺو. ڪڏهن بہ ڪنهن طاقت کان ڊڄي يا لالچ ۾ اچي يا دوستي ياريءَ کان متاثر ٿي سيد ائين ڪونہ چيو تہ آهي درست "الف" پر مان ساٿ "ب" جو ٿو ڏيان. حڪمرانن خلاف حق ۽ سچ لاءِ سندس جدوجهد کان تہ هر ماڻهو واقف آهي.

**بلند اخلاق:-**

سائين اخلاق جي بلنديءَ تي سدائين زور ڏيندو هئو. بلڪہ حقيقت اها آهي تہ سيني ڳالهين کان وڌيڪ زور اخلاق جي درستيءَ تي ڏيندو هئو. سندس چوڻ هوندو هئو تہ ڪيڏو بہ نيڪ ۽ صحيح مقصد هجي پر اهو بد اخلاق ماڻهن جي ذريعي ڪڏهن بہ حاصل ٿي نہ سگهندو. ١٩٧٣ع ۾ هڪ هنڌ تقرير ڪندي سائينءَ چيو هئو تہ اڳتي هلي ڪجهہ غلط قسم جا ماڻهو بہ قومي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويندا. ان وقت صحيح ماڻهن جي سڃاڻ انهن جي اخلاق مان ٿيندي، ائين بہ نہ هئو تہ ڪن ٻين ليڊرن وانگر سائين رڳو ٻوٿلڳن ڪيٰ سيئي اخلاق جون نصيحتون ڪندو هئو. پر پاڻ بلند اخلاق ۽ هڪ مثالي ڪردار جو نمونو هوندو هئو. ٩٠ سالن کان مٿي جي ڀرپور عملي زندگيءَ دوران وڏي کان وڏو مخالف بہ ذاتي توڙي سياسي ڪردار جي حوالي سان سائينءَ تي ڪو الزام نہ لڳائي سگهيو. ١٩٧٧ع ۾ هڪ دفعي سائين ڪراچيءَ ۾ دل جي بيمارين واري اسپتال ۾ داخل هئو. سندس پر ۾ ئي هڪ ڪمري ۾ مهراڻ اخبار جو ان وقت جو ايڊيٽر ۽ انوقت جو، رجعت پسند،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب سيد سردار علي شاهہ پڻ داخل هئو. اهو روزانو سائينءَ وٽ ڪچهري ڪرڻ ايندو هئو. هڪ ڏينهن اسان اٽڪل ٢٥ - ٢٠ ماڻهو سائينءَ وٽ ويٺا هئاسين. انهن ۾ سيد امداد محمد شاهہ بہ موجود هئو. سائين ٻڌايو تہ گذريل ڏينهن سردار علي شاهہ ملڻ آيو ۽ ملاقات دوران چيائين تہ توهان جون بہ خاصيتون بلڪل نمايان آهن هڪ تہ توهان مذهب جا مخالف آهيو ۽ ٻيو تہ توهان انتهائي اعليٰ اخلاق جا مالڪ آهيو. توهان جا اڪثر پوئلڳ مذهب جي مخالفت ۾ نہ توهان کان بہ ٻہ قدم اڳتي آهن پر اخلاق جي معاملي ۾ اهي توهانجي بلڪل ابتڙ آهن، ان ڪانپوءِ هن ڪجهہ برين ڳالهين جا نالا هڪ هڪ ڪري ڳڻايا (جن جو ذڪر هتي ڪرڻ مناسب ناهي) ۽ چيو تہ اهي سڀ توهانجي اڪثر پوئلڳن ۾ آهن. سردار علي شاهہ سائينءَ وٽ روز ايندو هئو ۽ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندو هوندو. انهن منجهان سائينءَ ٻاران صرف قومي ڪارڪنن جي اخلاق سان وابستہ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ، سو بہ ايترن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ بغير ڪنهن مقصد ۽ پيغام جي نہ هئو.

**صالح عمل:-**

جي.ايم. سيد جي قول ۽ فعل ۾ بلند اخلاق سان گڏ صالح عمل جي تمام وڏي اهميت هئي. ان ڏس ۾ سندس سوچ اها هوندي هئي تہ انسانن جي بهتر هجڻ جي واحد ڪسوٽي عمل صالح آهي. علامہ مشرقيءَ جو حوالو ڏيندي سيد اڪثر چوندو هئو تہ: "هر صالح انسان مسلمان آهي ۽ هر غير صالح ڪافر" پنهنجي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي حوالي سان سندس هميشہ چوڻ هوندو هئو تہ: "ٿورا صالح ماڻهو گهڻن غير صالح ماڻهن کان بهتر آهن ۽ هڪ ڏينهن صالح اقليت غير صالح اڪثريت تي غالب ايندي.

**اصول پسندي:-**

اصول پسندي ۽ جي.ايم. سيد جو نالو هڪ ٻئي **سان** لازم ملزوم بڻجي ويا. دنيا ۾ سيد جي سڃاڻ ۽ عزت احترام جو سڀ کان مکيہ ڪارڻ سندس اصول پسندي هئي. سندس وڏي کان وڏا دشمن بہ اهو چوڻ تي مجبور هوندا هئا تہ جي.ايم. سيد هڪ با اصول شخص آهي. بلڪ حقيقت ڏسجي تہ اهو نرم بيان (Understatement) آهي صحيح صورتحال اها آهي تہ اصول پسندي کير جي.ايم. سيد کان سکي. اصولن جي جنگ ۾ سيد ڪڏهن بہ اهو خيال نہ ڪيو تہ مخالفن جو تعداد ۽ طاقت ڇا آهي ۽ سندس ساٿين جو تعداد ڪيترو آهي. سندس چوڻ هوندو هئو تہ: "صحيح، صحيح آهي غلط، غلط آهي، طاقت جي توازن سان انجي اصليت تي اثر ڪونہ ٿو پوي". انڪري ئي ڪيترا دفعا هن اڪيلي سر بہ وڏن وڏن طوفانن جو مقابلو ڪيو اهڙن طوفانن جي پويان حڪمران، سياسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالف، اخبار نويس سڀئي شامل هوندا هئا. سندس واتان ڪنهن ڪڏهن اهو جملو نه ٻڌو ته اصولي طور ته صحيح هيئڻ آهي پر آءُ ڪريان هونئين ٿو.

**ادارن/ اڪثر راءِ جي اهميت:-**

سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ سائينءَ جي حيثيت اها ٻڌجي چڪي هئي جو سيد جو نالو قومي تحريڪ جو هر معنيٰ ٻڌجي چڪو هئو. سنڌ يا سنڌ ڪان ٻاهر ٻاڻهو قومي تحريڪ ڪي ڪنهن پارٽيءَ جي پيت ۾ جي.ايم. سيد جي حوالي سان زياده سڃاڻيندا هئا. اهڙي حيثيت حاصل هئڻ جي باوجود سائين اهم معاملن تي واسطيدار ماڻهن ۽ ادارن ڪان راءِ پڇندو هئو ۽ اڪثريت جي راءِ ڪي اهميت ڏيندو هئو. تفصيل ۾ وڃجي ته اهڙن مثالن سان ڪتاب ڀرجي ويندو پر اختصار خاطر رڳو ڪجهه مثال ڏجن ٿا. جيئي سنڌ محاذ ناهڻ ۽ ان جو چيئرمين ٿيڻ ڪانپوءِ سائين مسلسل قيد ۾ رهيو جنهن ڪري محاذ جي تنظيم ڪاري تي نه سگهي. ١٩٧٧ع ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سائينءَ وٽ آيو ته مان محاذ کي آرگنائيز ڪرڻ ٿو چاهيان توهان اجازت ڏيو. سندس مراد اها هئي ته سائين کيس جنرل سيڪريٽري مقرر ڪري. پر ان جي بجاءِ سائينءَ سڄي سنڌ جي ڪارڪنن جو اجلاس گهرايو ۽ انهن جي آڏو صورتحال رکڻ ڪانپوءِ فيصلو انهن تي ڇڏيائين. ڊاڪٽر ارباب جيئن ته ان ميٽنگ ۾ آيوئي ڪونه هئو. سو موجود دوستن جناب عبدالواحد آريسر جي اڳواڻيءَ ۾ آرگنائيزنگ ڪميٽي مقرر ڪئي. شروع واري دور ۾ محاذ جو اعليٰ ادارو سپريم ڪائونسل هوندي هئي. انهن جو اجلاس هر مهيني سن ۾ ٿيندو هئو. دوست گڏ ٿيندا هئا ته سائين به اجي ڪچهريءَ ۾ وهندو هئو. ڪجهه دير ڪانپوءِ اهو چئي اٿندو هئو ته هاڻي توهان پنهنجو اجلاس ڪريو مان هلان ٿو. ۽ پوءِ صبح جو وري اچي پڇندو هئو ته ڪهڙا فيصلا ڪيوَ. سائين اجلاسن ۾ ويهي پنهنجا فيصلا ٻڌائڻ ان ڪان پوءِ شروع ڪيا جڏهن اسان ڪيس آئيني طور رهبر قرار ڏنو. رهبر جي حيثيت ۾ اهو سندس حق به هئو ته اختيار به.

سنڌ قومي اتحاد جي ٺهڻ وارو عمل سائينءَ جي جمهوري انداز جو واضع ثبوت آهي اهو عمل تقريباً ٻن مهينن تي پکڙيل هئو ان دوران لڳاتار بحث ٿيندا رهيا هڪ هڪ پارٽيءَ سان ۽ هڪ هڪ فرد سان سائين پاڻ به بحث ڪندو رهيو ۽ انهن کي هڪ ٻئي سان گفتگو جا موقعا به ڏيندو رهيو. هڪ اجلاس ۾ رڳو ابتدائي ڪم ٿيو. ان تي اٽڪل ڏيڍ مهيني تائين بحث ٿيندا رهيا. پوءِ ٻئي اجلاس ۾ اتحاد ٺهيو. انهن ٻنهي اجلاسن ۾ به سائين پنهنجي صرف راءِ ڏيئي فيصلو اڪثريت تي ڇڏيو ۽ انهن جي فيصلن کي تسليم ڪيو.

سڀ ڪان اهم مرحلو اهو آهي جڏهن سائين جناح صاحب سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختلاف ڪيو جنهنڪي عام طور ٽڪيٽ جو مسئلو، چيو ويندو آهي، اصل ڳالهه اها هئي ته سنڌ اسيمبليءَ لاءِ ٽڪيٽون جناح صاحب ڏيڻ پيو چاهي جڏهن ته سائينءَ جو موقف هئو ته سنڌ اسيمبليءَ لاءِ ٽڪيٽن جو فيصلو سنڌ مسلم ليگ کي ڪرڻ گهرجي. سادو سودو شخصيت جي مقابلي ۾ اداري کي اهميت ڏيڻ جو معاملو هئو.

**جيئي سنڌ محاذ:-**

سائين جي.ايم. سيد پنهنجي مقصدن ۽ پروگرامن کي عملي شڪل ڏيارڻ لاءِ مختلف سياسي، سماجي، عملي ۽ ادبي تنظيمون/ پارٽيون ناهيندو ۽ نهرائيندو رهيو. سنڌ لاءِ آزاديءَ جو پروگرام ڏيڻ کانپوءِ پهرين ۽ آخري تنظيم جيڪا سائينءَ ناهي اها جيئي سنڌ محاذ هئي محاذ جو پهريون چيئرمين سائين جي.ايم. سيد ٿيو. ان کانپوءِ بيو چيئرمين عبدالواحد آريسر ٿيو ۽ سواءِ ٻن سالن جي وقفي جي سمورو عرصو ان جو چيئرمين رهيو جيستائين ٢٦ مئي تي محاذ کي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيائين. جيتوڻيڪ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندڙ ڪنهن به پارٽيءَ، تنظيم يا فرد کي سائين Disown ڪونه ڪيو پر سندس ورثي طور ڇڏيل پارٽي جيئي سنڌ محاذ آهي.

مٿين مختصر جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته جي.ايم. سيد انساجي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجي علم، عمل ۽ سوچ، مطالعي ۽ مشاهدي، جذبن ۽ احساسن جو نچوڙ ورثي جي صورت ۾ ڇڏيو آهي. هاڻي اهو اسانتي آهي ته ان ورثي جي ڪيئن ۽ ڪيتري حفاظت ٿا ڪريون ۽ ان ورثي کي سيد جي زندگيءَ جي مشن يعني سنڌ جي قومي آزادي ۽ عالمي امن جي حصول لاءِ استعمال ٿا ڪريون. سيد جي نالي ۽ جدوجهد کي پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن جي لاءِ ڪم ٿا آڻيون. جيئن عام طور مسلمان اسلام کي ۽ حضرت محمد ﷺ کي استعمال ڪندا آهن. اهڙا مسلمان جڏهن ڳالهائيندا ته اسلام جي عالمگير خوبين ۽ حضرت محمد ﷺ جي ڪردار ۽ جدوجهد تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏيندا پر عمل ان جي ابتڙ ڪندا پوءِ چوندا ائين ته درست ته اهو آهي جيڪو اسان چئون ٿا پر ان تي عمل ڪن مجبورين جي ڪري نٿا ڪريون ۽ انهن مجبورين ۾ رشوت کائڻ ۽ عياشيءَ واري زندگي گذارڻ جهڙيون مجبوريون به شامل هونديون آهن.

جيئن سيد جو ڇڏيل ورثو به هڪ ڏکيي ۽ ڳهڻ رکي جاکوڙ جو نتيجو آهي تهڙيءَ ريت ان تي ڪير ڪيترو عمل ٿو ڪري ان جو تعين ٿيڻ ۾ به ڪجهه وقت ته ضرور لڳندو.

عوامي آواز ١٤ جون ١٩٩٥ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد جو لاڏاڻو:
# ١٩٩٥ع جو سڀ کان وڏو واقعو

١٩٩٥ع جو سال، اپريل جو مهينو، ٢٥ تاريخ ۽ وقت صبح جو چار لڳي پنج منٽ. غلام مرتضيٰ سيد جنهن کي دنيا جي. ايم. سيد جي نالي سان سڃاڻي ٿي، گذاري ويو. اهو عيسوي سال ١٩٩٥ع دوران سنڌ جو يقيناً سڀ کان وڏو ۽ دنيا ۾ خاص ڪري ڏکڻ ايشيا جي اهم واقعن منجهان هڪ هو. ان سان گڏوگڏ اهو ويهين صديءَ جي سنڌ جي وڏن ۽ اهم واقعن منجهان پڻ هڪ هئو. اهو انڪري تہ اٺويهين صديءَ ۾ انگريزن هٿان غلام ٿيڻ کان پوءِ سنڌ پنهنجو قومي تشخص ۽ سڃاڻپ وڃائي ويٺي هئي جنهن کي ويهين صديءَ ۾ جي. ايم. سيد اچي ورجايو. سنڌ جو غلام ٿيڻ ڪو انوکو واقعو ڪو نہ هو.. دنيا ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي قومون غلام ٿينديون رهيون آهن، پر انهن پنهنجي قومي حيثيت نہ وڃائي آهي ۽ غلاميءَ جي باوجود پنهنجي قومي تشخص ۽ سڃاڻپ کي برقرار رکڻ جو واحد ذريعو هوندو آهي، ان غلاميءَ جي خلاف لڳاتار جدوجهد. خود سنڌ بہ ڪو پهريون دفعو ١٨٤٣ع ۾ غلام ڪو نہ ٿي. پنهنجي تاريخ ۾ اڳ ۾ بہ ڪيترا ڀيرا سنڌ غلام ٿي هئي پر ان وقت جي سنڌين هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ مزاحمت تان هٿ نہ ڪنيو. جڏهن تہ مياڻيءَ جي معرڪي کان پوءِ صورتحال بدلجي ويئي. مختلف سببن جي ڪري هڪ ڊگهي عرصي تائين قومي جدوجهد ۾ مانار اچي وڃڻ سبب سنڌي پنهنجو قومي تشخص وڃائي ۽ وساري ويٺا. نتيجي طور اهي ويهين صديءَ جي پهرين حصي دوران پاڻ کي صرف ماڻهن جو هڪڙو گروهہ سمجهندا رهيا. جيتوڻيڪ ان عرصي دوران انهن مختلف تحريڪن ۾ حصو بہ ورتو پر بحيثيت سنڌي قوم جي نہ پر، ماڻهن جي هڪڙي گروهہ طور. اهڙي صورتحال ۾ جي. ايم. سيد اڪيلو هڪ انتهائي مشڪل ڪاسڪ هئو. هڪ بہ طرفو عمل، هڪ ايڏو وڏو ڪم جنهن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ جيڪر ڪيترن ادارن ۽ پارٽين جي ضرورت پوي. سنڌ جي قومي سڃاڻپ ڪرائڻ ۽ ان قوم جي نجات لاءِ جدوجهد ڪرڻ. هن ننڍي ۽ نفيس جسماني ساخت پر وڏي دماغ، محبت جي عظيم جذبي، عظيم تر عزم ۽ حوصلي واري شخص اڪيليءَ سر اهو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ انهيءَ ڪم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرانجام ڏيندي ڪيترن ادارن کي جنم ڏنائين. هڪ طرف هن سنڌي قوم جي بناوت ۽ سجاوت ڪئي تہ ٻئي پاسي انهيءَ قوم جي حفاظت، بقا ۽ آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪئي. قومن جي تشڪيل شخص نہ پر تاريخ ڪندي آهي. سنڌي قوم جو وجود بہ هڪ ڏکهي تاريخي عمل جو نتيجو آهي پر وقت جي وهڪري ۾ ان جا ترڪيبي جزا ويڙهجي چڪا هئا. سنڌي قوم کي هڪ متحد ۽ مضبوط وحدت بنائيندڙ جزا تاريخ ڪلچر، ادب، ٻولي ۽ لطيف فن وقت جي قهري وار جي نتيجي ۾ پرزا پرزا ٿي، ٽٽي ڀڪري ۽ ڏارئي ديدبي جي دز ۾ ديجي وڃائجي چڪا هئا. جي. ايم. سيد انهن جزن انهن پرزن کي ڳولي، چنڊي ڦوڪي ذرو ذرو ڪري پاڻ ۾ ملايا ۽ پوءِ جديد دور جي تقاضائن ۽ معيارن مطابق انهن جي مرمت ۽ سجاوت ڪري سنڌي قوم جي هڪ اهڙي شاندار عبارت تعمير ڪيائين جنهن کي دنيا جي ڪنهن بہ اهڙي عمارت جي مقابلي ۾ بيهاري سنڌ جا ماڻهو فخر محسوس ڪري ٿا سگهن.

"نئين سنڌ" جي تعمير جو اهو عمل ئي ايڏو وڏو ڪارنامو آهي، جيڪو سيد کي سنڌ جي تاريخ جي عظيم انسانن جي صف ۾ بيهارڻ لاءِ ڪافي آهي پر هن مرد متير ان تي اڪتفا ڪا نہ ڪئي پر سنڌي قوم کي ڌاريي غلبي ۽ بالادستيءَ کان نجات ڏياري هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم طور سنڌس مستقبل کي محفوظ بنائڻ لاءِ پڻ عملي جدوجهد ڪئي ۽ ان جدوجهد، ان جاکوڙ، ان ويڙهہ ۽ ان سفر دوران ئي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيائين. جيتوڻيڪ سيد اڄ سنڌ جي مڪمل نجات واري جدوجهد جي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ لاءِ موجود ڪونهي پر پنهنجي علم ۽ عقل، فهم ۽ فراست، محبت ۽ محنت، جدوجهد ۽ جاکوڙ وسيلي "سنڌ ڪيس" کي ايترو مضبوط ڪري ويو آهي جو دنيا جي ڪائي طاقت ان کان ڪن ٿار ڪري نٿي سگهي.

سنڌي قوم جي نئين سر تشڪيل، نجات ۽ ترقيءَ واري راهہ تي هلندي، هن مهان شخص کي ڪروڙين ڪنڊا صاف ڪرڻا پيا جن سندس هٿن کي چلهي وڌو، لکين لنديون لتاڙڻيون پيون جن ڪيس زهريلا ڏنگ هنيا، ڪيئي ٽڪر ٽاڪڻا ۽ جبل جهاڳڻا پيا جن سندس پير پٿون ڪري ڇڏيا ۽ ڪيترن ئي مرن مانگرن کي منهن ڏيڻو پيو.

١٩٣٧ع ۾ وجود وٺندڙ ملڪ پاڪستان جي تاريخ سنڌ جي سورن ۽ سيد جي قيد ۽ نظربنديءَ جي تاريخ آهي. در حقيقت اهي ٻئي ريل جي ٻٽڙين وانگر برابر ۽ گڏ گڏ هلندا رهيا. پاڪستان ۾ سنڌ جي سورن جو سفر ملڪ جي پهرين سربراهہ محمد علي جناح جي وقت ۾ ڪراچي جي ڪتجڻ سان شروع ٿي، هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت تائين جي آخري حڪمران بينظير ڀٽو جي هٿان ڪالا باغ ڊيم تائين پهتو آهي. سائين جي ايم سيد جي قيد و بند جو سلسلو به جناح کان شروع ٿيو ۽ بينظير جي موجوده دور تائين جاري رهيو. ان عرصي دوران لياقت علي خان، چوڌري غلام محمد، ايوب خان، يحيٰ خان، ذوالفقار علي ڀٽي، ضياءُ الحق، بينظير ۽ نواز شريف جي شڪل ۾ هن ملڪ تي مختلف قسم جي ماڻهن حڪمراني ڪئي. انهن ۾ فوجي ڊڪٽيٽر به هئا، بيوروڪريٽ به هئا ته عوام جا چونڊيل نمائندا به هئا. اردودان به هئا ته پختون به هئا. پنجابي به هئا ته سنڌي ڳالهائيندڙ به هئا پر انهن سڀني ۾ ڳالهيون مشترڪ هيون، 'سنڌ دشمني ۽ سيد دشمني' بلڪ اهي ٻئي هڪ ئي ڳالهه جا ٻه رخ هئا. انهن سمورن حڪمرانن پنهنجي اقتدار کي اينگهائڻ لاءِ ۽ ملڪ جي اصلي حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ تي ظلم ۽ جبر، ڏاڍ ۽ ڦرلٽ جاري رکي ۽ ائين ڪندي جيئن ته هر مرحلي ۽ هر قدم تي ڪين جي. ايم. سيد جي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو تنهن ڪري اسلام، جمهوريت، عوامي راڄ ۽ انساني حقن جي سمورن دعوائن جي باوجود ۽ انهن سمورن اصولن جون ڌجڪڙيون ڪندي سيد کي قيد ۾ رکندا آيا. انهن سڀني منجهان ضياءُ الحق ۽ بينظير ڀٽو جو رويو وڌيڪ قابل ذڪر آهي. جڏهن جنرل ضياءُ مارشل لا لاڳو ڪري ملڪ جو حڪمران بڻيو ته هن پيپلز پارٽي جي حڪومت جي ڪنيل هر قدم کي رد ڪيو ۽ ان جي ڇڏيل هر نشانيءَ کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر جي. ايم. سيد جي نظربنديءَ کي اهو چوندي جاري رکيائين ته ڪيس اها پ پ حڪومت کان ورثي ۾ ملي آهي. بينظير به ضياءُ الحق جي ان سنت تي عمل ڪيو. ڄام صادق علي جي هر عمل کي ملڪ دشمن ۽ جمهوريت دشمن قرار ڏيڻ جي باوجود هن ڄام پاران سيد کي قيد ڪرڻ واري عمل کي عين اسلامي سمجهندي ان کي جاري رکيو نه رڳو ايترو پر قيد دوران جڏهن سيد سخت بيمار ٿي پيو ته سمورن ڏيهي ۽ پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ۽ فردن پاران خاطر خواهه علاج جي اپيلن جي باوجود ڪيس قيد ۾ رکيو، جتي ئي ١٩٩٥ع جو سنڌ جو سڀ کان وڏو واقعو پيش آيو. هڪ لحاظ کان ان عمل لاءِ محترمه بينظير ڀٽو تي ميار به نٿي ڏيئي سگهجي جو ته هن هڪ فرمانبردار ڌيءُ وانگر پنهنجي پيءُ جي ان خواهش کي مڪمل ڪيو جنهن جي تڪميل هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏسي نه سگهيو. پيپلز پارٽيءَ جي پهرين دورِ حڪومت ۾ ذوالفقار علي ڀٽي پنجاب ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته "مون پاڪستان جي سڀ کان وڏي دشمن جي.ايم.سيد کي قيد ۾ رکيو آهي ۽ جيستائين مان آهيان ته ڪيس موت به قيد ۾ ايندو."

بهرحال موت زندگيءَ جي سڀ کان وڏي حقيقت آهي ۽ انسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن مرڻو آهي پر جي.ايم.سيد جنهن طريقي سان پنهنجي زندگي مڪمل ڪئي ان سان سنڌي قوم کي اهڙي زندگي ملي آهي جيڪا ڪانئس ڪير بہ کسي نٿو سگهي. ٩٢ منزلن تي مشتمل سيد جي زندگي هڪ عظيم مينار آهي جنهن جي عظمت هرگذرندڙ ڏينهن سان سنڌ واسين تي وڌيڪ واضح ۽ چٽي ٿيندي ويندي،. جيئن لنڊن ۾ قائم مينار منجهان نڪرندڙ 'بگ بين' جي آواز جو پڙلاءُ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي ٿو تيئن سن جي هن مينار مان ايندڙ سنڌ لاءِ آزادي ۽ امن جي صدا جو پڙاڏو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندو رهندو.

عوامي آواز ڪراچي پهرين جنوري ١٩٩٤ع.



مصنف حيدر منزل تي هڪ محفل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آندي ويئي تہ ڪيس تڪليف ٿيڻ لڳي، جيتوڻيڪ گلن جي خوشبو، خوشبو هئي، جنهن جي حقيقت تي چوڪريءَ جي رد عمل سان ڪوئي اثر ڪونہ پئي ٿيو. البتہ ايترو ضرور ٿيو تہ چوڪريءَ پاڻ کي گلن جي خوشبو جهڙي نعمت کان محروم رکيو. جنهن کان اڄ سموري دنيا مستفيض ٿي رهي آهي.

گوتم ٻڌ، عيسيٰ، محمّد ﷺ، سقراط، گئليلو، نيوٽن ۽ مارڪس اهڙن غير معمولي انسانن منجهان صرف چند جا نالا آهن. جن کي پنهنجي دؤر جي ماڻهن کان مخالفتون، نفرتون ۽ تڪليفون مليون، پر بعد ۾ ايندڙ انسان انهن جي پوڄا ڪئي. ۽ انهن جي فڪر، خيال ۽ ڪردار منجهان روشني وٺندي هن ڪائنات کي اهڙو روشن ۽ تابناڪ بڻايو، جهڙي اها اسان جي سامهون آهي. اهڙن ماڻهن جي عظمت جو ثبوت اهو آهي تہ رومن چرچ جنهن گئليلو جي خلاف تعزير ڪڍيا تہ ان جي هاڻوڪي سربراهہ پوپ جان پال اٽڪل چار صديون گذرڻ ڪانپوءِ پنهنجي غلطي کي تسليم ڪندي گئليلو کان معافي ورتي آهي.

سنڌ جو شمار بہ دنيا جي انهن سرزمينن ۾ ٿئي ٿو، جن دنيا کي بهترين، اعليٰ ۽ ترقي يافتہ تهذيبن سان مالا مال ڪيو ۽ انساني سماج کي اونداهين جي ڪُنڊ مان ڪڍي روشنيءَ جي بلنديُن تائين پهچائڻ وارن انسان ذات جي ڪوششن ۾ سنڌ بہ پنهنجو حصو ادا ڪندي رهي آهي. اعليٰ انساني قدرن جي حاصلات لاءِ ٿيندڙ ان جدوجهد ۾ سنڌ پنهنجو تازہ ترين حصو ( Latest contribution) جي. ايم. سيد جي صورت ۾ پيش ڪيو. جي. ايم. سيد جا آدرش ۽ سندس سموري زندگيءَ جي علم ۽ عمل، سوچ ۽ تجربي جا مرڪزي نقطا اهي ئي هئا، جيڪي مٿي ذڪر ڪيل آهن ۽ ٻين سمورن غير معمولي انسانن جا رهيا آهن بقا ۽ باهمي عالمي امن ۽ انسان ذات جي ترقي. نتيجي طور سندس دور جي ماڻهن جو ذانهنس رويو بہ قريب قريب اهڙو ئي رهيو جهڙو ٻين عظيم انسانن مان انهن جي وقت وارن جو رهيو. انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هئا ۽ آهن. هڪڙا اهي جيڪي سندس پيغام ۽ جدوجهد کي سمجهي نہ سگهيا ۽ ٻيا اهي جيڪي سمجهن تہ پيا تہ سيد ڳالهہ درست ٿو ڪري، پر ساڳئي وقت هو اهو بہ ڄاڻن پيا تہ سقراط ۽ عيسيٰ واري واٽ تمام اٽانگي ۽ سيلهہ ڪندن سان ڀريل آهي جيڪا هن انهن جي اخلاقي جرئت هجي ها تہ چون ها سيد ڳالهہ سچي ٿو ڪري، پر اسان ۾ ان تي هلڻ جي همت ناهي. پر انهن جي وڏي اڪثريت جيئن تہ مفاد پرست هئي ۽ مفاد پرست وٽ اخلاقي جرئت ڪڏهن بہ پنهنجو گهر نہ ناهيندي آهي سو انهن پروپيگنڊا ڪئي تہ جي. ايم. سيد غلط آهي. جيڪڏهن ڪنهن مرحلي تي وقت ۽ حالتن جي. ايم. سيد جي سوچ کي ايترو صحيح ثابت ڪيو جو ان کان انڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ممڪن نہ رهيو تہ پوءِ وري اهڙن ماڻهن چوڻ شروع ڪيو تہ نيڪ آهي سيد جي ڳالهہ تہ درست آهي، پر هو ڪامياب تہ نہ ويو آهي ڪجهہ حاصل تہ نہ ڪري سگهيو آهي اتي بنيادي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي نہ ڪامياب ٿيڻ ۽ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جو معيار ڪهڙو آهي، جيئن تہ انهن ماڻهن جي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ۽ مطلب حاڪمن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، عهدا ماڻڻ ۽ ڏوڪڙ ڪمائڻ هوندو آهي، تنهن ڪري اهي چوندا آهن تہ چاڪاڻ تہ سيد وٽ اهي شيون ناهن. تنهن ڪري اهو ناڪام چئبو. هاڻي جيڪڏهن ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جا اهي معيار مڃجن تہ پوءِ تہ سقراط، عيسيٰ، گئليلو ۽ مارڪس بہ ناڪام انسان هئا. چاڪاڻ تہ اهي نہ رڳو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي حمايتن لاءِ مالي فائدا حاصل نہ ڪري سگهيا. پر پنهنجي زندگين ۾ پنهنجي نظرين، سوچ ۽ فڪر کي ڪامياب بہ ڪو نہ ڪري سگهيا. صرف محمد ﷺ هڪ اهڙو شخص هو، جيڪو پنهنجي زندگيءَ دوران پنهنجي نظريي کي جزوي طور ڪامياب ڪري سگهيو، پر ان ڪاميابيءَ جو ان ڪامياب ۽ عالمگير اهميت سان ڪو مقابلو ئي ڪونهي، جيڪا سندس نظريي کي بعد ۾ حاصل ٿي ۽ جنهن جي بنياد تي اڄ ڪيس پوري انساني تاريخ جو سڀ کان موثر ترين انسان قرار ڏنو ٿو وڃي.

جي. ايم. سيد جن قدرن جي حاصلات لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪئي اهي عالمي حيثيت رکندڙ هئا ۽ جن اصولن جي بالادستيءَ لاءِ اڻٿڪ جاکوڙ ڪئي، اهي بين الاقوامي اپيل رکندڙ هئا. پر سمورن عظيم انسانن وانگر هن بہ انهن لاءِ جدوجهد جو آغاز پنهنجي ماتر ڀوميءَ کان ڪيو. جيئن سنڌ ۾ جنم وٺندڙ هڪ ٻئي غير معمولي انسان ۽ سندس پيشوا شاهہ لطيف بہ چيو تہ .......!!

سائينم سدائينم ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سماجي انصاف، برابري، انساني ڀائيچارو ۽ مذهب، نسل، رنگ جنس، دولت ۽ تعليم جي بنياد تي استحصال جو خاتمو، مادي ۽ روحاني خوشحالي اهي اهڙا آدرش هئا جن جي ڪل ۾ جي. ايم. سيد هن خطي جي سمورن ماڻهن کي ڀاڳي ڀائيوار ڪرڻ ٿي چاهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اتي ٿيندڙ چڱائيءَ جي هر ڪوشش ۽ نيڪيءَ جي تحريڪ ۾ سندس نہ رڳو حصو پر فعال ڪردار رهيو. نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، جمهوري قدرن جي پختگي، سماجي برابري، دولت جي منصفاڻي ورڇ، مختلف قومن جي ٻولي، ڪلچر ۽ تاريخي قدرن جي فروغ لاءِ ٿيندڙ ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي کان وڏي ڪوشش دوران جي. ايم. سيد اڳين صفن ۾ رهيو. حقيقت اها آهي تہ تمام گهڻين اهڙين ڪوششن ۽ تحريڪن جو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ رواج روان رهيو، پر منهنجي خيال موجب اها هن خطي جي ماڻهن جي بدقسمتي هئي جو انهن هن مهان شخص کي نہ سڃاتو. انهن سندس ۽ سندس سائين جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ هتان جي بدديانت، بدعنوان، بداخلاق، آمريت پسند، منافق ۽ عالمي طاقتن جي دلال حڪمرانن جو ساٿ ڏنو. اهي حڪمران پنهنجي ذاتي ۽ گروهي فائدن لاءِ، پنهنجي عالمي آقائن جي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ سيد هتان جي عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ انهن جي حڪمرانن سان وڙهي رهيو هئو، پر هتان جي ماڻهن جو رويو اهڙو ئي رهيو جهڙو انساني تاريخ جي ڀين انيڪ اهڙن مرحلن تي ماڻهن جو رهيو آهي. انهن پنهنجي دشمن جي پاسي ۾ بيهي پنهنجي همدرد، رهنما ۽ محسن تي پٿر اڇلايا. ظالم حڪمران جي اسلحہ خاني جا تيار ڪيل تير هن درويش صفت انسان تي وسائيندا رهيا ۽ پوءِ پنهنجي اهڙي عمل ۽ ڪردار جو نتيجو ماڻهن کي ڀوڳڻو هئو، سو ڀڳي رهيا آهن ۽ سڄي دنيا ڏسي رهي آهي. ملڪ ٽڪرا ٿي ويو، جمهوريت جو ڏيوالو نڪري ويو، مذهبي، نسلي، لساني نفرتون عروج تي پهچي ويون. بدعنواني، بي ايماني، ٺڳي، لالچ، ڌوڪي بازي اقربا پروري، ملڪ جو قانون بڻجي ويون. اخلاقي قدرن، تهذيب، ثقافت کي ناپسنديده شيون قرار ڏيئي ڏيهہ نيڪالي ڏني ويئي. بک بيروزگاري، بدحالي ۽ جهالت پنهنجي انتها تي پهچي چڪي آهي ۽ باقي بچيل ملڪ ڪرپشن ۾ عالمي رڪارڊ قائم ڪري چڪو آهي.

هن ملڪ جي اها حالت ڏسي ۽ خاص ڪري ١٩٧٠ع جي چونڊن ۽ بنگلاديش جي صورتحال کان پوءِ جڏهن سمورن انساني قدرن کي پائمال ڪيو ويو ۽ انسانيت کي ننگو ڪيو ويو. ( هڪ اهڙو عمل جنهن ۾ هتان جا حڪمران ۽ عام ماڻهو برابر جا شريڪ هئا) جي. ايم. سيد پنهنجي جدوجهد جو مرڪز سنڌ کي بڻائڻ جو فيصلو ڪيو. ان جو مطلب اهو هرگز ڪونهي تہ ڪو سندس اصولن، آدرشن ۽ نظرين ۾ فرق آيو. اهي ساڳيائي انسان ذات جي مادي ۽ روحاني ترقي، عالمي امن، ڀائيچارو ۽ رواداري رهيا. پر انهن جي حاصلات لاءِ ويڙهہ جو مرڪز هن سنڌ کي بڻايو. پاڻ سدائين چوندو هيو تہ سنڌ اعليٰ انساني تهذيب جي وارث آهي ۽ مستقبل ۾ بہ هن کي دنيا ۾ امن، انصاف ۽ ترقيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. سندس نقطہ نگاهہ ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي تہ سنڌ جي آزادي اسان جي منزل ڪانهي، پر منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ ڏاڪو يعني آزاد سنڌ کي پوري انسان ذات جي آزادي ۽ نجات لاءِ هڪ مرڪز طور ڪم آڻبو. اها صورتحال اهڙي ئي آهي، جهڙي هن صديءَ جي شروعات ۾ انساني تاريخ جي هڪ ٻئي عظيم ۽ غير معمول شخص وي آءِ لينن جي آڏو هئي. لينن ۽ سندس ساٿي جنهن نظريي جي ڪاميابيءَ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهي رهيا هئا. اهو بين الاقوامي نوعيت جو ۽ سموري انسان ذات کي اپيل ڪندڙ هئو ۽ آهي (بلڪ حقيقت اها آهي تہ ان نظريي جي آخري منزل قومن ۽ ملڪن جون حدبنديون ختم ڪرڻ هئو. پر انساني تاريخ جي عظيم ڏاهي ان جي انتها جي ابتدا هڪ ملڪ روس کان ڪرڻ تي چاهي (۽ ڪري ڏيکاري) جيوٽيڪ سندس ڪيترن تمام سينئر ساٿين جي راءِ هئي تہ ڪميونزم هڪ عالمگير نظريو آهي، جنهن ڪري ان لاءِ جدوجهد بہ سڄي دنيا ۾ هڪ وقت ٿيڻ کپي. ان کي ڪنهن هڪ قوم يا ملڪ تائين محدود نہ ڪجي، پر لينن جو استدلال هئو تہ سڄي دنيا ۾ هن نظام کي ڦهلائڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ مرڪز جي ضرورت آهي. جتان باقي دنيا جي ماڻهن جي رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهجي ۽ جنهن کي هڪ مثال ۽ ماڊل طور پيش ڪري سگهجي. هڪ مرڪز جي اهميت لينن وٽ اها هئي جو جڏهن مغربي طاقتن جو روس جي ڪافي حصن تي قبضو ٿي ويو تہ انهن کي ڇڏائڻ لاءِ جنگ ڪرڻ جي بجاءِ هن اهو چيو تہ جيترو بہ ٽڪرو اسان جي هٿ اچي ٿو اتان اسان سوشلزم جي عالمي پئماني تي تعمير جو آغاز ڪريون ۽ پوءِ دنيا ڏٺو تہ سوشلزم ڪيئن دنيا تي ڇانئجي ويو ۽ ڪيئن ان پنهنجي عالمگير حيثيت مڃرائي (موجوده جهٽڪو هڪ عبوري دور آهي ۽ ڏکهي ۽ همہ گير جنگ ۾ اهڙيون ننڍيون ننڍيون لڙايون ٿينديون رهنديون آهن).

جي. ايم. سيد جو بہ اهو ئي مقصد ۽ اها ئي منزل آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس طريقو بہ بنيادي طور ساڳيو ئي آهي. رڳو وقت حالتن ۽ علائقي (ٻين لفظن ۾ زمان ۽ مڪان) جي حساب سان نالن ۽ اصطلاحن ۾ فرق آهي. سيد جي سوچ جي سچائيءَ سان جڏهن سنڌي ماڻهن جو جذبو شامل ٿيندو تہ يقيناً دنيا لاءِ هن خطي مان بہ روشنيءَ جي هڪ لاٽ اڀرندي جيڪڏهن هتان جا حڪمران ٿولا يا انهن جا ڇاڙتا اهو سمجهن ٿا تہ جي. ايم. سيد جي انتقال سان سندس سوچ ۽ ان جي ڪاميابيءَ لاءِ سندس شروع ڪيل ويڙهہ ختم ٿي ويندي تہ ان سان ئي اهي پنهنجي جهالت ۽ تاريخ کان اڻڄاڻائيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن.

عوامي آواز ڪراچي ٢٥ اپريل ١٩٩٦ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي. ايم. سيد : مدبر سياستدان

اڄڪلهه سياست کي سڀ کان آسان شعبو يا ڌنڌو سمجهيو ٿو وڃي - جيڪو ماڻهو زندگيءَ جي ٻئي ڪنهن به شعبي ۾ ڪجهه نٿو ڪري سگهي يا ڪري سگهڻ جي صلاحيت نٿو رکي اهو سياست جورخ ٿو ڪري - جڏهن ته حقيقت ۾ سياست سڀ کان وڌيڪ مشڪل ڪم آهي ڇاڪاڻ ته توهان زندگيءَ جي ٻئي ڪنهن به شعبي سان وابسته هجو ته توهان لاءِ صرف ان خاص شعبي بابت ڄاڻ ۽ مهارت رکڻ ضروري آهي پر سياست جو شعبو اختيار ڪرڻ سان توهان لاءِ لازمي ٿيو پوي ته توهان انساني زندگي ۽ سماج جي سمورن شعبن بابت مهارت نه تڏهن به گهٽ ۾ گهٽ ڄاڻ ضرور رکو بشرطيڪ توهانجي سياست سماج سان ۽ سياست جو جيڪو اصلي مقصد ۽ مفهوم آهي ان سان Commitment هجي. سياست کي ڪمائي يا تفريح جو ذريعو نه بڻايو جيئن اڄڪلهه اڪثريت ماڻهو ڪن ٿا. ۽ پوءِ اهڙي سياست جو جيڪو نتيجو نڪتو آهي اهو به اسان سڀني جي اڳيان آهي.

بهرحال هميشه ۽ هر هنڌ سياست ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. هڪڙا عام، معمولي ۽ سرسري معيار جا جڏهن ته ٻيا خاص، غير معمولي ۽ عظيم ماڻهو هوندا آهن. اها هن ملڪ جي بدقسمتي آهي جو هتي ميدانِ سياست پهرئين قسم جي ماڻهن سان پريو بلڪه سٿيو پيو آهي جڏهن ته ٻئي قسم جا ماڻهو ورلي ڪي ملندا. پر اهڙي صورتحال جو هڪڙو فائدو به آهي ته اهي چند پوئين قسم جا ماڻهو يعني خاص، غير معمولي ۽ عظيم ماڻهو وڌيڪ نمايان ۽ روشن نظر اچن ٿا. اهڙي ئي ماڻهن منجهان هڪ نالو آهي جي. ايم. سيد جو.

بحيثيت هڪ سنڌيءَ جي سائين جي. ايم. سيد جيڪي ڪجهه چيو ۽ ڪيو ان بابت سوين مضمون ۽ درجن ڪتاب لکجي ۽ ڇپجي چُڪا آهن ۽ اڃا وڌڪ لکبا رهبا پر بحيثيت هڪ سياستدان جي به سيد جو نالو هن خطي جي ماڻهن ۾ تمام مٿانهين جڳهه والاري ٿو. اها ڳالهه اسان کي تڏهن وڌيڪ بهتر طور سمجهه ۾ ايندي جڏهن اسان عام ۽ خاص، معمولي ۽ غير معمولي ۽ سرسري ۽ عظيم سياستدانن جي فرق کي سمجهنداسين.

عام سياستدان رڳو اڄ جي ڳالهه ڪندا آهن جڏهن ته خاص سياستدان صبحاڻي کي وڌيڪ اهميت ڏيندا آهن. معمولي سياستدان پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن کي سڀ کان مٿانهون رکندا آهن پر غير معمولي انسان قوم ۽ مُلڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفادن کي اوليت ڏيندا آهن. سرسري سياستدان رڳو ٿي ويندڙ واقعن جي اپٽار ۽ انهن جي تعريف ۽ تنقيد ڪندا آهن جڏهن ته عظيم شخص ايندڙ حالتن جو ادراڪ ڪري انهن بابت اڳواٽ ڄاڻ ڏيندا آهن ۽ انهن ۾ صحيح رستو اختيار ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي رهنمائي ڪندا آهن.

ان معيار مطابق نظر ڊوڙائينداسين ته اسان کي پنهنجي چوڌاري عام ۽ سرسري قسم جي سياستدانن جا ته انبار نظر ايندا بلڪ سنڌيءَ جي چوٽيءَ مطابق ته جيڪا لٺ هڻ سا سياستدان تي وڃي ٿي لڳي البته مٿينءَ وصف جي روشنيءَ ۾ اسان اهو ڏسنداسين ته واقعي جي. ايم. سيد هڪ خاص ۽ غيرمعمولي سياستدان آهي؟ ان بابت هونءَ ته تمام گهڻو لکي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿو پر هتي آءٌ پنهنجي نقطہ نگاهہ جي ثبوت ۾ صرف چند مثال پيش ڪندس. هتي اهو به واضح ڪندو هلان ته ان ڏس ۾ آءٌ رڳو پنهنجون ذاتي سوچون ۽ عقيدا بيان ڪو نہ ڪندس پر منهنجي طرفان پيش ڪيل دليل اهڙا هوندا جن کي ڪير به ماڻهو حقيقتن ۽ ثبوتن جي روشنيءَ ۾ پرکي سگهي ٿو.

● ١٩٧٠ع ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو عالمي معيارن مطابق هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي آزاد چونڊون ٿيون. انهن ۾ شيخ مجيب الرحمان جي قيادت ۾ عوامي ليگ واضح اڪثريت سان فتح حاصل ڪئي ۽ عام جمهوري اصولن مطابق بنا دير پاڪستان جو اقتدار عوامي ليگ جي حوالي ٿيڻ گپندو هئو. پر ان وقت جي پاڪستان جي مغربي حصي منجهان جي. ايم. سيد واحد سياستدان هئو جنهن سڀ کان پهرين اهو محسوس ڪيو ته حڪمران ٽولو اقتدار عوامي ليگ کي ڪو نہ ڏيندو ۽ ان جو سبب اهو ڏنو ويندو ته عوامي ليگ کي رڳو هڪڙي صوبي مان حمايت ملي آهي. ان ڪري هن ٻين صوبن جي انهن سياستدانن سان رابطو ڪيو جيڪي پاڻ کي جمهوريت پسند چوائيندا هئا. هن ڪين چيو. بلڪ منٿ ڪئي ته توهان عوامي ليگ جو ساٿ ڏيو ته جيئن هن ملڪ کي آئين ملي سگهي ۽ اقتدار عوام جي حقيقي نمائندن کي ملي سگهي جو ته سندس راءِ ۾ صرف اهو ئي هڪڙو رستو هئو جنهن سان هن ملڪ جي قومن ۽ عام ماڻهن کي سندن حق ملي سگهن ۽ صرف ان صورت ۾ هي ملڪ هلي سگهندو. سيد جي ڳالهہ تي ڪنهن ڌيان نہ ڏنو ۽ پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو اهو تاريخ جو حصو آهي.

گذريل ڪجهہ سالن کان وٺي هر سال ڊسمبر جي مهيني ۾ پاڪستان جا وڏا دانشور ۽ ليکڪ ( جن ۾ ڪجهہ اڳوڻا فوجي آفيسر به شامل آهن ) مضمون لکندا آهن ۽ سياستدان سيمينارن ۾ تقريرون ڪندا آهن جن ۾ اهي سيئي سٽرن تي هٿ هڻي چوندا آهن تہ اها هن ملڪ جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي (Tragedy) هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اقتدار عوامي ليگ کي منتقل نہ ڪيو ويو.

● ڊسمبر ١٩٧١ع ۾ بنگلہ ديش جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ باقي بچيل ملڪ جو اقتدار پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪيو ويو جنهن ان کي ”نئين پاڪستان“ جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو ـ ذوالفقار علي ڀٽي سان سخت سياسي اختلافن جي باوجود ۽ بنگال جي حوالي سان سندس منفي ڪردار جي باوجود سائين جي. ايم. سيد نئين پاڪستان ۾ نئين سر ڀٽي سان تعلقات جو هٿ وڌايو صرف جمهوريت ۽ عام ماڻهن جي بهتريءَ خاطر. ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ شرط سائينءَ کيس هڪ کليل خط لکيو جنهن ۾ کيس ٻڌايو ويو تہ ”هن ملڪ جي مڙني براين جو مک سبب اهو آهي تہ اقتدار تي هميشه سول ۽ فوجي بيورو ڪريسي جي بالادستي رهي آهي. هينئر ملڪي ۽ بين الاقوامي حالتون سازگار آهن. انهن مان فائدو وٺندي توهان انهيءَ بالادستيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ سياسي ۽ جمهوري ادارا مستحڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. ان ۾ ئي هن ملڪ جو، ملڪ جي ماڻهن جو ۽ خود تنهنجي ذات جو ڀلو آهي“. نہ رڳو اهو سائينءَ خط لکيو پر ان ڏس ۾ عملي ڪوششون بہ ورتائين ۽ ڀٽي سان سخت اختلاف رکندڙ بلوچ ۽ پٺاڻ ليڊرن ۽ ڀٽي کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندائين صرف ان لاءِ تہ جيئن سياسي ادارا مضبوط ٿين ۽ ڀٽو فوج ۽ بيوروڪريسيءَ جي چنبي کان ٻاهر نڪري. پر ڀٽو جيئن تہ هڪ روايتي سياستدان هئو جنهن کي اقتدار هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز هئو، تنهن سيد جي ان تعاون ۽ ڪوشش کي بہ محض اقتدار وٺڻ خاطر هڪ ڏاڪي طور استعمال ڪيو. فوج ۽ بيوروڪريسيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو، پٺاڻ ۽ بلوچ ليڊرن سان گڏوگڏ سائين جي. ايم. سيد کي بہ قيد ڪيو ۽ ملڪي ۽ سياسي معاملن ۾ هڪ دفعو وري فوج کي داخل ڪيو.

٥ جولاءِ ١٩٧٧ع تي جيڪي ڪجهہ ٿيو اهو ڀٽي جي انهن عملن جو منطقي نتيجو هئو. ۽ پوءِ جيڪي حشر هن ملڪ جي ادارن سان ۽ هن ملڪ جي عوام سان ٿيو ۽ خود ڀٽي خاندان سان ٿيو اهو سائين جي. ايم. سيد جي ظاهر ڪيل خدشن جي عملي شڪل هئي. هينئر تہ تمام گهڻا ”جمهوريت پسند“ اهو چون ٿا تہ جنرل ضيا جي مارشل لا جمهوريت کي ۽ رياستي ادارن کي بي بها نقصان پهچايو پر هاڻي وقت گذري وڃڻ کان پوءِ چا تو تي سگهي سواءِ ماتم ڪرڻ جي. پر جڏهن سيد چيو تي ۽ وقت بہ هئو تڏهن اهي سڀ يا تہ خاموش هئا يا اقتدار جو مزو وٺي رهيا هئا. اهو ئي فرق آهي عام ۽ خاص سياستدان ۾.

●١٩٨٣ع ۾ MRD جي پليٽ فارم تان جنرل ضيا جي حڪومت خلاف هڪ تحريڪ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ شروع ڪئي ويئي جنهن کي جمهوريت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقف کي تنقيد جو نشان بڻايو. جيئن تہ سوويت يونين پنهنجي پوري طاقت ۽ عروج سان قائم هئو تنهنکري هتان جي ”ڪامريڊن“ خاص ڪري گهڻو گوڙ ڪيو تہ جي. ايم. سيد عوام جي توهين ٿو ڪري ۽ جي. ايم. سيد عوام جي طاقت ۾ ويساهہ نٿو رکي وغيره. سيد جو چوڻ هئو تہ ”اسانجي خواهش ڪهڙي آهي ۽ حقيقت ڪهڙي آهي اهي ٻہ جدا شيون آهن. اها اسانجي خواهش آهي تہ طاقت ۽ اختيار جو مالڪ عوام هجي پر حقيقت ۾ انهن شين جي مالڪ فوج آهي“.

ماضي قريب جي تاريخ ڪنهن بہ شڪ شبهہ کان مٿي ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ هن ملڪ ۾ ڪل اختيار ۽ طاقت جي اصل مالڪ فوج آهي. ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر سمورا سياستدان ۽ صحافي ان ڳالهہ جو اقرار ڪن ٿا. تنهنڪري ان لاءِ ڪنهن وڏي بحث ۾ پوڻ بجاءِ صرف ماضي قريب جا هڪ بہ مثال ڏيڻ تي اڪتفا ڪبي. گذريل بينظير حڪومت جي پوين ڏينهن ۾ جڏهن ٻئي وڏيون جماعتون يعني مسلم ليگ ۽ پيپلز پارٽي اقتدار جي ڇڪتاڻ ۾ آمهون سامهون هيون تڏهن پ.پ. وارا چوندا هئا تہ اسانجي حڪومت مضبوط آهي چو تہ ان کي فوج جي مڪمل حمايت حاصل آهي. ٻئي طرف مسلم ليگ وارا دعوا ڪندا هئا تہ بينظير حڪومت وڃڻ واري آهي ڇاڪاڻ تہ ان کي فوج جو اعتماد حاصل نہ رهيو آهي. ملڪ معاملن ۾ فوج جي ڪردار ۽ اهميت جو سڀ کان وڏو ۽ تازہ ترين مثال ڪائونسل آف ڊفينس اينڊ نيشنل سڪيورٽي يا NDS جو نهڻ آهي جنهن جي اڪثر سياسي پارٽين حمايت ڪئي آهي. ان ڪائونسل بابت ٽيليويزن تي ڳالهائيندي پاڪستان جي اڳوڻي چيف جسٽس سيد نسيم حسن شاهہ چيو تہ ”قانوني طور اهو ادارو ٻين رياستي ادارن کان هيٺ آهي پر عملي طور اهو سيني کان مٿانهون هوندو ۽ جيتوڻيڪ ان کي هڪ صلاحڪار ادارو بڻايو ويو آهي پر ان جي صلاح اصل ۾ حڪم هوندو جنهن کي ڪير بہ ٽاري نہ سگهندو“.

عام ماڻهن ۽ عام سياستدانن کي اها ڳالهہ هينئر سمجهہ ۾ آئي آهي جيڪا جي ايم سيد ٢٥ سال اڳ چئي هئي.

● هڪ تمام اهم ڳالهہ جيڪا سيد اڪثر ڪندو هئو ۽ جيڪا سندس سياسي فلسفي جو بنياد هئي سا اها تہ ”هن ملڪ ۾ پنجاب جي ماڻهن ۽ ٻين صوبن جي ماڻهن جي حيثيت ۽ اهميت ۾ فرق آهي، پنجاب وارا حاڪم ۽ باقي ٻيا محڪوم واري حيثت رکن ٿا“. ان تي پنجاب سان واسطو رکندڙ ۽ ان جي حمات ڪندڙ سياستدان اهو چئي پروپيگنڊا ڪندا هئا تہ جي. ايم. سيد مختلف خطن جي ماڻهن جي وچ ۾ نفرت ٿو پيدا ڪري. انهن ۾ پيپلز پارٽي ۽ ان جي ليڊر بيظير پٽو سرفهرست هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازو سندس حڪومت جي خاتمي کان پوءِ محترمہ اهو موقف اختيار ڪيو آهي تہ لاهور ۾ لاڙڪاڻي جي ماڻهن ۾ فرق آهي ۽ اهو تہ سنڌ سان واسطو رکندڙ ٻن وزيراعظمن کي هٽايو ويو تہ انهن جي حڪومتن کي بحال نہ ڪيو ويو پر پنجاب سان واسطو رکندڙ هڪ وزيراعظم کي هٽايو ويو تہ ان جي حڪومت کي بحال ڪيو ويو. نواز شريف حڪومت کي بحال ڪرڻ واري سپريم ڪورٽ جي بينچ جو هڪڙو ميمبر سيد سجاد علي شاهہ هئو جيڪو هن وقت پاڪستان جو چيف جسٽس آهي ۽ جنهنجي ايمانداري ۾ غيرجانبداريءَ کي ماڻهن جي تمام وڏي اڪثريت مڃي ٿي، ان نواز شريف ڪيس ۾ پنهنجو اختلافي نوٽ لکندي چيو هئو تہ "اٿين ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ سنڌ سان واسطو رکندڙ ٻن وزيراعظمن کي آئين جي فقري (B-2) ۵۸ جي اڏيءَ تي قربان ڪيو ويو پر جڏهن پنجاب سان واسطو رکندڙ وزيراعظم جو وارو آيو تڏهن وري فيصلو ابتڙ ڪيو ويو".

ان کان علاوه بينظير ڀٽو جي پهرئين دور حڪومت ۾ جڏهن نواز شريف پنجاب جو وزيراعليٰ هئــو تڏهن هن پنجاب جي الڳ بئنڪ ۽ پنجاب جي الڳ ٽيليويزن اسٽيشن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ بينظير حڪومت ڪيس ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي جڏهن تہ اهڙي صورتحال ۾ ٻئي ڪنهن صوبي جو وزيراعليٰ اهڙي اعلان ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي پر جيڪڏهن ان کان بہ گهٽو گهٽ ڪا خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڇٽي وجهي تہ اهو فوراً غداريءَ جي ڪيس ۾ جيل جي اندر هوندو. ۲۵ سال اڳ ۾ بلوچستان جي وزيراعليٰ سردار عطاءَ الله مينگل سان اهو ڪجهہ ٿي تہ ٿيو هئو.

● ڪن ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ جي. ايم. سيد کي پاڪستان ۽ ان جي وفاق سان خدا ڪارڻ دشمني آهي جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ پنهنجي تجربي ۽ تاريخ جي علم ۽ ملڪي، علائقائي ۽ بين الاقوامي حالتن جي ادراڪ جي نتيجي ۾ اها سندس سوچيل سمجهيل راءِ رهي آهي تہ قومن جي مڪمل حقن جي بحاليءَ کان سواءِ ڪو بہ ملڪ ۽ ڪو بہ نظام گهڻي عرصي تائين هلي نہ سگهندو. مثال طور ۱۹۸۴ع ۾ سائينءَ چيو هئو تہ هندستان ۾ جيڪڏهن اختيارن جي مرڪزيت ختم ڪري انهن جي قومن ۽ علائقن ڏانهن ورهاست نہ ڪئي ويئي تہ هندستان گهڻي عرصي تائين متحد رهي نہ سگهندو. اهڙو بيان پاڪستان جي سمورن اخبارن ۾ ڇپيو هئو جيتوڻيڪ ڪجهہ اخبارن ان کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو هئو.

گذريل سال هندستاني پارليامينٽ جي مٿئين ايوان راجيہ سڀا ۾ ڳالهائيندي هڪ مرڪزي وزير چيو تہ مختلف علائقن جي وچ ۾ عدم توازن وڌندو پيو وڃي ۽ جيڪڏهن خودمختياريءَ جي مطالبن کي دٻايو ويو تہ ايندڙ ڏهن کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پندرهن سالن اندر هندستان جو نقشو تبديل ٿي سگهي ٿو.

● ١٩٧٢ع کان وٺي سائين سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندو ايندو هئو. جڏهن ماڻهو ڪانٽس پڇندا هئا تہ توهان تشدد کي بہ رد ٿا ڪريو تہ پوءِ عدم تشدد جي بنياد تي آزادي ڪيئن حاصل ڪري سگهندؤ؟ تہ سائينءَ جو اهو ئي جواب هوندو هئو تہ عالمي صورتحال ۾ اهڙي تبديلي ايندي جو پرامن طريقن سان آزادي ملي سگهندي. ان وقت ڪجهہ خود ساختہ دانشور ۽ پر مترڙيا سياستدان سائينءَ جي ان ڳالهہ تي کِلندا ۽ چٿرون ڪندا هئا.

گذريل پنجن ڇهن سالن دوران عالمي صورتحال ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن اهي يقيناً انهن دانشورن ۽ سياستدانن لاءِ پڇتاءَ ۽ پشيمانيءَ جو سبب پيدا ڪنديون هونديون. جنهن طريقي سان ۽ جنهن رفتار سان قومون آزادي حاصل ڪري رهيون آهن يا ان طرف وڌي رهيون آهن ان جو اڄ کان ڏهہ سال اڳ ۾ ڪير اندازو بہ نہ پيو ڪري سگهي سواءِ جي. ايم. سيد جي.

● اڄ کان ٢٤ ـ ٢٣ سال پهرين پنهنجي هڪ خطبي ۾ سائينءَ پنهنجي پوئلڳن ۽ قومي ڪارڪنن کي مخاطب ٿيندي چيو هئو تہ مستقبل ۾ توهان تي اهم ذميواريون اچڻ واريون آهن انهن لاءِ پاڻ کي تيار ڪريو. ان وقت ڪافي ماڻهن ان جو اهو مطلب ورتو تہ بس اجهو حڪومت ملڻ واري آهي.

پر اڄ جيڪا عالمي صورتحال ۾ تبديلي آئي آهي ۽ قومي خودمختياريءَ جي هڪ لهر هلي آهي ۽ پاڪستان ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ روايتي مفاد پرستيءَ واري سياست کان عام ماڻهن ۾ جيڪا نفرت ۽ بيزاري پيدا ٿي آهي ان تي غور ڪرڻ سان سائينءَ جي چيل ڳالهہ جو مطلب ۽ مفهوم بهتر نموني سمجهہ ۾ اچي ٿو جيڪو يقيناً اهو هئو تہ مستقبل ۾ آزاديءَ جي حق ۾ واءُ ورندو ۽ سنڌ جا ماڻهو قومپرستن ڏانهن واجهائيندا اهڙي صورتحال ۾ اهڙي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ توهان پاڻ کي سياسي، سماجي ۽ اخلاقي طور تيار ڪريو.

ڪتابن ۾ لکيل ۽ تقريرن ۾ چيل سيد جي مدبرانہ ڳالهين منجهان مٿي صرف چند پيش ڪيون ويون آهن. هونءَ تہ رڪارڊ تي آيل ڳالهين کان سواءِ بيشمار اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي سائين روز مره جي ڪچهرين ۾ ڪندو رهندو هئو. انهن منجهان ڪجهہ مون جهڙن قومي ڪارڪنن جي يادگيريءَ ۾ محفوظ آهن جڏهن تہ ڪيتريون اسانجي نااهليءَ ۽ لاپرواهيءَ سبب ضايع ٿي ويون.

بهرحال ڪيترا سال اڳ بڌايل سيد جي ناصحانہ نقطن جي درست ثابت ٿيڻ سان هڪ ٻي ڳالهہ بہ چٽي ٿي سامهون اچي ٿي. اڄڪلهہ خاص ڪري سنڌ ۾ ڪيترا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو اها تبليغ ڪندا ٿا رهن تہ اصولن ۽ آدرشن جي سياست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو دور گذري ويو. بس سياسي جو مقصد مالي فائدا هجڻ کپن سي ٻه اڄ جو اڄ صبحاڻي کهڙي خبر تہ ڇا ٿيندو. سندن چوڻ مطابق ان ۾ ئي سنڌ ۽ سنڌي قوم جو ڀلو آهي. پر مٿين ڳالهين جي روشنيءَ ۾ اسان چئي سگهون ٿا تہ اهڙي سوچ قوم جي ترقيءَ نہ پر تباهيءَ جي رستي ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. اهڙن ماڻهن کي يا تہ مستقبل جون ڳالهيون سمجهہ ۾ نٿيون اچن يا وري پنهنجي ذاتي فائدن کي قومي مفادن جي پوش ۾ ڍڪڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

عوامي آواز ڪراچي ١٧ جنوري ١٩٩٧ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد : جيئن مون ڏٺو -I

١٩٦٠ع واري ڏهاڪي جو پويون اڌ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا ۽ سياسي چرپر جي حوالي سان اهم موڙ جي حيثيت رکي ٿو. ان عرصي دوران آءٌ اسڪول ۽ بعد ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو هئس. منهنجو ڳوٺ ٻهراڙي ۾ ڪڇي جي علائقي ۾ هو ۽ روڊ ۽ ريل ڪان اٽڪل ڏهه ڪلو ميٽري پري جتي ڪا به سواري ڪا نه ويندي هئي. ان ڪان علاوه منهنجو واسطو غريب خاندان سان هو. انهن سڀني جي ڪري منهنجي ڪتابن، رسالن، اخبارن ۽ ٻين ڳانڍاپي جي ذريعن تائين پهچ گهٽ هئي نتيجي ۾ سياسي معاملن جي ڄاڻ به گهٽ هئي ۽ سنڌ جي باري ۾ ڄاڻ ته اڃا به گهٽ هئي خاص ڪري اسڪول جي ڏينهن ۾. منهنجو هڪڙو سٺوٽ آهي ياسين جوڻيجو بس ان ڪان ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جو نالو ۽ سنڌين جو ذڪر ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

١٩٦٨ع جي آخر ۾ مون ڪاليج ۾ پير پاتو. گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي معرفت. جيئن سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته لاڙڪاڻو سياسي، سماجي، ادبي ۽ ٻين اهڙن معاملن ۾ گهڻو متحرڪ ۽ گهڻن شهرن کان اڳتي وڌيل رهيو آهي. سو مونتي به ان جي انهن خاصيتن جو اثر تيڻ لڳو ۽ سياست ۽ سنڌ بابت منهنجي ڄاڻ ۽ سوچ ۾ واڌارو تيڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ ايوب خان جي خلاف سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلي رهي هئي جنهن ۾ شاگرد برادري تمام گهڻو متحرڪ هئي. لاڙڪاڻي ۾ به ان سلسلي ۾ بائيڪاٽ، مظاهرا، جلسا ۽ جلوس ٿيندا رهندا هئا. انهن ۾ شرڪت ذريعي ئي منهنجي سياست سان عملي وابستگيءَ جي شروعات ٿي. جيتري حد تائين منهنجي معلومات آهي ته ٻين ڪافي شهرن جي ڀيٽ ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ ايوب حڪومت جي خلاف جلوسن ۽ مظاهرن ۾ سنڌ دوستيءَ جو رنگ ڪجهه وڌيڪ هوندو هو. ان جو سبب ڪجهه نوجوان شاگرد اڳواڻ هئا جيڪي تحريڪ ۾ وڌيڪ متحرڪ هئڻ سان گڏ سنڌ جو به گهڻو ذڪر ڪندا هئا. انهن ۾ امان الله شيخ سڀني ڪان نمايان هوندو هو. اتان ڪان ۽ ان ئي سبب جي ڪري منهنجي امان الله شيخ سان قربت وڌندي ويئي جيڪا پوءِ هڪ سٺي دوست ۽ ساٿيءَ جي حيثيت اختيار ڪري ويئي. اهو سنڌ شناسيءَ جي سلسلي ۾ منهنجو ٻيو ڏاڪو هو. اها خبر مون کي بعد ۾ جيتوڻيڪ انهن ئي ڏينهن ۾ پيئي ته ياسين جوڻيجي ۽ امان الله شيخ جي سنڌ شناسيءَ جو ذريعو ۽ محرڪ جي. ايم. سيد آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻو هوندي ئي سياست جي ميدان ۾ گهڻو سرگرم رهيو آهي. سنڌ، پاڪستان ۽ ننڍي کنڊ جون ڪافي ناليواريون شخصيتون لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ رهيون آهن ۽ ڪيترين تحريڪن جو نهايت سرگرم مرڪز اهو ئي شهر رهيو آهي. پر وري جو پاڪستان جي سياسي آسمان تي وجود وٺندڙ نئين سياسي جماعت پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ به لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ هو ته ان ضلعي ۽ شهر ۾ ان جماعت جو اثر ۽ شور ٿيڻ لازمي ڳالهه هو ۽ مان به ان شور کان متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهيس. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽيءَ جي اثر ۽ شهرت جو واحد سبب اهو ڪو نه هو ته ڪو ان جو اڳواڻ لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ هو. نه رڳو واحد سبب پر مک سبب به اهو ڪو نه هو. مک سبب اهو هئو ته ملڪ جا اصلي اقتدار ڌڻي، جن کي اڄڪلهه جي زبان ۾ اسٽيبلشمينٽ تو چئجي اهي هڪ نئين گهوڙي کي ميدان ۾ لاهڻ پيا چاهين. اهي اقتدار تي قابض ٽولا جن تي پاڪستان جي پهرئين ڏينهن کان وٺي پنجاب جي بالادستي رهي آهي ۽ اهڙن ليڊرن ۽ پارٽين کي اڳتي آندو اٿن جن سان پنجاب جي هڪ هٽي وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ ملڪ جي باقي ٻين قومن جي ڦرلٽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان جاري رهي. خاص ڪري سنڌ جي حوالي سان انهن ٦٠ع جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي اها پاليسي به طرفي نموني هلائي، پاڪستان جي ٺهڻ سان سنڌ جي ماڻهن ۾ جيڪو جوش هو ۽ جيڪي خوشفهميون هيون، سي شروع جي ڪجهه سالن دوران ئي حڪمرانن جي قوم دشمن، عوام دشمن ۽ جمهوريت دشمن پاليسين جي ڪري پنهنجو موت پاڻ مري چُڪيون هيون ۽ ٦٠ع وارو ڏهاڪو سنڌ ۾ هڪ نئين سوچ، نئون جذبو ۽ نئين جاڪوڙ ساڻ ڪٺي آيو. انهن سيني شين گڏجي سنڌ جي قومپرست سياست کي هڪ نئون رخ ڏنو ۽ ان سموري تبديلي ۽ اتساهه جو سرچشمو سائين جي. ايم. سيد هو ۽ اهو ئي سياسي ڪارڪنن، اديبن، شاعرن، دانشورن، شاگردن ۽ ٻين محب وطن ماڻهن جي پرجوش ۽ پرعزم قافلي جي رهنمائي ڪري رهيو هو، سو حڪمرانن پنهنجي سامراجي مقصدن لاءِ خطرو محسوس ڪندي سيد کي قيد ڪيو. اهڙي ريت انهن هڪ طرف سنڌ جي نجات واري سوچ کي سنڌ جي ماڻهن تائين پهچڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻئي پاسي سنڌ سميت سيني محڪوم قومن جي غلاميءَ جي زنجير کي مضبوط ڪرڻ ۽ اقتدار تي جاگيردارن ۽ سول ۽ فوجي نوڪر شاهيءَ جي بالادستيءَ کي محفوظ ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ پنهنجي آزمايل مهري ذوالفقار علي ڀٽي کي نئين رنگ روپ سان ميدان ۾ لاٿو. پيپلز پارٽي ۽ ان جي ليڊر کي مشهور ۽ مقبول ڪرائڻ لاءِ انهن مختلف طريقا اختيار ڪيا. سنڌ جي پٺتي پيل سماج ۽ جاگيرداري نظام ۾ انهن هٿ ڪندن اثر ڏيکاريو ۽ جتي ١٩٦٠ع جي ڏهاڪي تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جو ليڊر جي. ايم. سيد هو اتي هاڻي پنجاب جو نمائندو ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ لڳو. گهڻ عمر ۾ گهڻ سياسي ڄاڻ جي ڪري مان به انهن اثرن ڪان مڪمل طور آجو نه رهي سگهيس ۾ ٦٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ منهنجي سوچ اها هئي ته پيپلز پارٽي به سٺي آهي ۽ جي. ايم. سيد به صحيح آهي. ائين ڪٿي چئجي ته آءُ جذباتي طور ڀ ڀ سان هئس ۽ احساساتي طور سيد سان. ١٩٧٠ع واري چونڊ مهم دوران به منهنجي خواهش اها هوندي هئي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي ته ڪامياب ٿئي پر سن واري سيٽ تان ڀ ڀ هارائي ۽ سائين کٽي.

منهنجي سياسي سوچ ۽ مجموعي طرح پوري زندگيءَ تي اثر انداز ٿيڻ وارا ٻه واقعا هڪ ٻئي سان گڏ وقوع پذير ٿيا. ڊسمبر ١٩٧٠ع ۾ پاڪستان جون پهريون عام چونڊون ٿيون ۽ ان ئي مهيني دوران منهنجي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ٿي. پاڪستان ٺهڻ کان ٿورو اڳ ۾ ۽ پوءِ وڏيرن سان گڏجي سياست ڪرڻ ۽ ان جا نقصانده نتيجا ڏسڻ کان پوءِ بقول سائين جي هٿ ساڙائڻ کان پوءِ سائين جي. ايم. سيد ان نتيجي تي پهتو ته سنڌ جي نجات ۽ خوشحاليءَ واري جاکوڙ ۾ وچولي طبقي کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي، پر جيئن ته ننڍي کنڊ جي مذهبي بنيادن تي ورهاست جي نتيجي ۾ سنڌ جو وچولو ڪلاس پنهنجو وطن ڇڏي ڇڪو هو تنهنڪري هڪ نئين مڊل ڪلاس جي تعمير جي ضرورت محسوس ڪندي سائين سنڌ جي تعليمي ادارن تي توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. نتيجي ۾ سنڌ جي تعليم جو مرڪز هئڻ ڪري ڄامشورو سنڌ جي قومپرست تحريڪ جو به مرڪز بڻجڻ لڳو. ڄامشوري جي ان حيثيت جو احساس مون کي ريلوي اسٽيشن کان يونيورسٽي جي حد ۾ پهريون قدم رکڻ سان ئي ٿي ويو. نه رڳو مون کي پر ڄامشوري جي حدن ۾ داخل ٿيندڙ هر ماڻهو کي محسوس ٿيندو هو ته هو هڪ نئين مختلف ۽ سڌريل دنيا ۾ پهچي ويو آهي. ڄامشوري جون هوائون ئي سنڌ دوستي، روشن خيالي ۽ همٿ جو پيغام ڏينديون رهيون. انهن ئي ڏينهن ۾ سائين جي. ايم. سيد جي رهنمائي ۾ اقبال ترين ۽ شاهه محمد شاهه جي اڳواڻي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو قيام عمل ۾ آيو ۽ ان جي ٺهڻ کان جلد ئي پوءِ منهنجي ان سان وابستگي ٿي. ٻين لفظن ۾ سائين سان اڻ سڌي نموني منهنجي تنظيمي وابستگي ان مرحلي تي ٿي. هوڏانهن ڊسمبر ١٩٧٠ع ۾ ٿيل چونڊن جي نتيجي ۾ ان وقت جي پاڪستان جي پنجن صوبن مان ٽن صوبن بنگال (اوڀر پاڪستان) بلوچستان ۽ سرحد جي صوبن ۾ قومپرست ڪامياب ٿيا. جڏهن ته ٻن صوبن سنڌ ۽ پنجاب ۾ مرڪزيت پسند پيپلز پارٽي کي اڪثريت حاصل ٿي. ملڪي سطح تي به قومي اسيمبلي ۾ قومن جي خودمختياري جو پروگرام رکندڙ عوامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليگ کي واضح اڪثريت حاصل ٿي هئي. شيخ مجيب الرحمان جي سربراهي ۾ عوامي ليگ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي اڳواڻي ۾ سنڌ متحده محاذ ( جيئي سنڌ محاذ جي پيشرو جماعت) انهن چوندن ۾ هڪ ٻئي جون اتحادي جماعتون هيون. عام طور توقع اها ڪئي پئي ويئي ته اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائي پهرين آئين ٺاهيو ويندو ۽ پوءِ اڪثريتي پارٽي کي اقتدار سونپيو ويندو ۽ پر حڪمرانن خاص ڪري مارشل لا حڪومت جي من ۾ ٻيو ڪجهه هو انهن کي خوف هو ته جيڪڏهن عوامي ليگ کي اقتدار مليو ته اها قومن کي برابريءَ جي بنياد تي حق ڏيندي ۽ پنجاب جي استحصالي حيثيت ختم ٿي ويندي ان ڪري انهن عوامي ليگ کي اقتدار کان ۽ بنگالين ۽ ٻين محڪوم قومن کي انهن جي حقن کان محروم رکڻ لاءِ هڪ مخصوص منصوبي تي عمل شروع ڪيو جنهن جو مکيه ڪردار پيپلز پارٽي جو ليڊر ذوالفقار علي ڀٽو هو. ان ڪردار جي عيوض ڪيس اقتدار جو آسرو هو جيڪو عام جمهوري اصولن مطابق ڪيس ملڻ ناممڪن هو. سو پنهنجي سونپيل ڊيوٽي پوري ڪندي هن جمهوري عمل ۾ رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون ۽ عوامي ليگ جي حڪمرانيءَ واري حق کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي اهو چيو ته اسيمبلي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جيڪي ميمبر ڍاڪا ويندا انهن جون ٽنگون ڀڃي ڇڏينداسين، اتي منهنجون اکيون کليون ۽ محسوس ٿيو ته ذوالفقار علي ڀٽو هيرو نه پر ولن آهي. جڏهن فيبروري ١٩٧١ع ۾ هن مطالبو ڪيو ته اوير ۽ اولهه پاڪستان لاءِ ٻه وزيراعظم مقرر ڪيا وڃن تڏهن مان مڪمل طرح ڀٽي ۽ ان جي پارٽيءَ کان ٽٽي ڇڳو هئس ۽ اتان کان آءٌ سياسي طور، تنظيمي طور، ذهني طور، احساسي طور ۽ جذباتي طور سائين سان واڳجي ويس. منهنجي دل توڙي دماغ اهو سمجهي ۽ تسليم ڪري ورتو ته اهو ئي اهو شخص آهي جنهن وٽ سنڌ ۽ سنڌين جي دردن جي دوا آهي، اها ئي اها هستي آهي جنهن جي لاءِ منهنجو ذهن ۽ روح متلاشي هئا. اهڙي ريت منهنجو سن جي سائينءَ سان هڪ اهڙو تعلق قائم ٿي ويو جنهن کي ڪنهن به هڪ لفظ ۾ سموئي نٿو سگهجي. اهو تعلق نه رڳو سائينءَ جي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين قائم رهيو پر هر گذرندڙ ڏينهن سان مختلف سببن ۽ واقعن جي ڪري وڌيڪ وسيع، گهرو ۽ مضبوط ٿيندو ويو ۽ اُميد ته منهنجي زندگي جي آخري پل تائين قائم رهندو. ١٩٧١ع جو تقريباً سڄو سال قومي خودمختياريءَ لاءِ وڙهندڙ بنگالين ۽ پنجاب جي وچ ۾ جنگ هلندي رهي. سائين جي. ايم. سيد ( ان وقت جي) مغربي پاڪستان جو واحد ليڊر هو جنهن کلئي عام مڪمل طور ۽ غير مشروط نموني عوامي ليگ جي حمايت ڪئي نتيجي طور اهو سڄو سال هو نظربند رهيو پر پوءِ به سائينءَ جون سوچون چامشوري ۾ اسان تائين پهچنديون رهيون ۽ اسان جي سوچن، ارادن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزم کي پختو ڪنديون رهيون.

۴ ـ مــارچ هونءَ تہ ڪئلينڊر جي ٣٦٥ ڏينهن منجهــان هڪـــڙو آهي پر١٩٦٧ع کـان وٺي سنڌ واسين لاءِ هڪ خاص اهمـيت اختـيـار ڪري ويو جڏهن سنڌيت جي جذبي سانَ سرشار سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ايوبي آمريت جي اهلڪارن سان ٽڪر کاڌو پر سن ١٩٧٢ع جو ۴ ـ مارچ اجا وڌيڪ اهم بڻجي ويو هو ڇاڪاڻ تہ ١٩٦٥ع واري سنڌيت جي جذبي ۾ روح ڦوڪيندڙ شخص ان ڏينهن تي پاڻ انهن نوجوانن جي وچ ۾ مـوجود هو، شـخص جي. ايم. سـيـد.ڏينهن چار مـارچ ١٩٧٢ع،شهر حيدرآباد ۽ جڳهہ تاريخي بسنت هال. جي. ايم. سـيـد جي اتحادي جماعت عـوامي ليگ جي قومي خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد ڪاميـاب ٿي چُڪي هئي ۽ بنگلاديش هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي حيثيت ۾ وجود ۾ اچي چُڪو هو. ان صورتحال سنڌ جي قومي تـحريـڪ کي هڪ نئون جوش، ولولو ۽ عزم بخشيو. اهڙي ماحول ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي گڏيل ڪوشش سان بسنت هال حيدرآباد ۾ ۴ مارچ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ هڪ جلسـو منعقد ڪيو ويو جنهن جو خاص مهمـان جي. ايم. سيد هو جڏهن تہ برادر بلوچ قوم جا اڳواڻ سـردار عطاءُ الله مينگل ۽ ڊاڪـٽـر عـبـدالحئي بلوچ پڻ مـهـمـانن جي حـيثيت ۾ مـوجود هئا. اهو پهريون موقـعـو هو جو منهنجي زندگي کي سـپ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ شخصيت منهنجي اکين جي سامهون هئي. منهنجي لاءِ انتهائي خوشي جو مقام هئو جو آءٌ جي. ايم. سيد کي ڏسي ۽ ٻڌي پئي سگهيس. پهرئين ئي اتفاق ۾ مون جيـڪـي ڏٺو ۽ ٻڌو تنهن انهن ڳالهين کي سچو ثابت ڪيو جيـڪي مون ٻڌيون ۽ ڪتابن ۾ پڙهيون هيون. مون محسـوس ڪيـو ۽ يقين ڪيو تہ سيد واقعي ٻين ليڊرن کان مختلف آهي، وڏو (يا وڏو ٿيڻ جو شوقين) ليـڊر جلسي جي آخر ۾ ڳالهـائڻ چاهيندو آهي. پنهنجي سـيـاسي زندگيءَ ۾ مـون ڪيترن ليڊرن کي آخر ۾ تقرير ڪرڻ جي مسئلي تي جهيڙا ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي پر سن جو سـائين ان ڏينهن سيـني کان پهرين تقرير ڪري رهيـو هئو ٻيا ليـڊر في البديهہ تقرير ڪندا آهن. ان لاءِ تہ جيئن ماڻهن تي رعب بہ وجهن ۽ جيڪـو اچين سوچئي وجن ۽ پوءِ وقت پوڻ تي ان تان ڦري بہ وڃن. سائين لکيل تقرير پڙهي رهيو هئو نہ رڳو لکيل تقرير پڙهي پئي ويئي پر هال ۾ موجود مـاڻهن ۾ ورهائي بہ پئي ويئي. بعـد ۾ سـائين کي ويجهـو رهندي مـعلوم ٿـيـو تہ هو اڪـثـر ڪري ائين ئي تقريرون ڪندو هئو ان جا سبب وٽس اهي هئا تہ هڪ تہ لکيل تقرير ماڻهو وري وري پڙهي ان ۾ لکيل ڳالهين کي سـمـجهي سگهندا. ٻيو تہ سائين جيـڪي ڪجهہ چوندو هو ان جي هڪ هڪ لفظ سـان ٻڌل رهندو هئو ۽ ٿيون اهو تہ حـڪـومـتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعن ۽ سنڌ دشمن پريس وٽ سائين جي ڳالهين کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جو ڪجهه ڪان گهٽ جواز رهندو. ٻيا ليڊر چاهيندا آهن ته گهٽي ڪان گهٽا ماڻهو گڏ ٿين ته پوءِ تقرير ڪن ۽ ان ڪوشش ۾ چار چار ڇهه ڇهه ڪلاڪ دير سان جلسا شروع ڪيا ويندا آهن پر سائين بلڪل مختلف هئو. ان ڏينهن يعني ۴- مارچ ۱۹۷۲ع تي جلسو بسنت هال ۾ رکيو ويو هو. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ پهريون جلسو هو تنهنڪري اندازو نه هو ته ماڻهن جو رويو (Response) ڪهڙو هوندو. پر ماڻهو تمام گهڻا شريڪ ٿيا. جلسو شروع ٿيڻ تائين ئي هال ۾ پير رکڻ جي جڳهه ڪا نه بچي هئي بلڪ ورانڊا به پرجي چُڪا هئا ۽ اجا ماڻهو اچي رهيا هئا. ان صورتحال کي ڏسندي ٻنهي ميزبان تنظيمن جي دوستن تڪڙو فيصلو ڪري ورتو ته جلسو ٻاهر روڊ تي ڪيو وڃي تنهن ڪري ڳلمن ۽ ٽينن وغيره جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ايس. اين. ايس. ايف. جو صدر مهر حسين شاهه فوراً روانو ٿي ويو. جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته جلسي شروع ٿيڻ سان سڀ کان اڳ ۾ تقرير سائين شروع ڪئي. ماڻهن جي وڏندڙ تعداد کي ڏسندي منتظمين سائين کي گذارش ڪئي ته ڪجهه دير لاءِ تقرير کي بند ڪري، جيستائين ٻاهر بندوبست ٿئي. سيئي ماڻهو ٻڌڻ جي پوزيشن ۾ اچن ته پوءِ تقرير ڪئي وڃي پر سائينءَ صفا انڪار ڪيو ۽ اهو چوندي پنهنجي تقرير جاري رکيائين ته آءٌ، پنهنجي تقرير وقت تي ڪندس پوءِ جيڪي ماڻهو ٻڌي سگهن. جلسي کي ٻاهر منتقل ڪرڻ ۾ ڪا گهڻي دير ڪا نه لڳي پر پوءِ به سائينءَ پنهنجي تقرير هال ۾ اندر ڪئي جڏهن ته باقي ليڊرن ٻاهر کليل ميدان ۾ تقريرون ڪيون.

ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ کي سائين ڪيتري اهميت ڏيندو هئو، ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سائين پاڻ وقت ملڻ تي يونيورسٽي ايندو هئو. چار مارچ واري جلسي کان پوءِ جلد ئي هڪ ڏينهن سائين ڳ ٺ کان ڪراچي ويندي يا ڪراچيءَ کان ڳوٺ ويندي (چڱي طرح ياد ناهي) سنڌ يونيورسٽي جي انٽرنيشنل هاسٽل جي روم نمبر ۳۴ ۾ (جنهن ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ شاهه محمد شاهه رهندو هو) ڪجهه دير لاءِ آيو ۽ ڪجهه خوشنصيب نوجوانن سان ڪچهري ڪندي سنڌ جي نجات لاءِ جدوجهد جي تلقين ڪيائين. مون کي جڏهن خبر پئي ته ڪجهه ويجهن دوستن کي ساڻ ڪري اتي پهتس پر اهو معلوم ٿيڻ تي ڏاڍو افسوس ٿيو ته سنڌ جو سيد اتان روانو ٿي چُڪو هئو. اهو افسوس مون کي تمام گهڻي عرصي تائين رهيو پر ان کان وڌيڪ ۽ تمام گهڻو وڌيڪ افسوس تڏهن ٿيو جڏهن اهو معلوم ٿيو ته انهيءَ ساڳي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ پوءِ (۽ شايد ان ساڳي ۳۴ نمبر ڪمري ۾) منو ڪاسائي، ڪشمير خان ۽ ٻيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڙيڪاپ ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون رهندا هئا.

سائين جي. ايم. سيد سان مون کي سياسي طور ويجهو آڻڻ ۽ عملي طور وابسته ڪرڻ ۾ ١٩٧٢ع جو سال اهم هئو. جون مهيني جي وچ ڌاري يونيورسٽيءَ ۾ اطلاع آيو ته سائينءَ پنهنجي حيدر منزل واري رهائشگاهه تي سنڌ جي قومي ڪارڪنن جو اجلاس گهرايو آهي. سو مقرر ڏينهن ۽ وقت تي مان به پراڻي دوست ۽ سينئر ساٿي امان الله شيخ سان گڏجي ڪراچيءَ پهتس. حيدر منزل جي اندر پير پائڻ جو منهنجو اهو پهريون واقعو هئو. گيٽ کان اندر داخل ٿيڻ سان ڏٺو ته گهر جي آڏو واري ميدان تي تنبو لڳل هئا هڪڙي طرف کان سائين جي. ايم. سيد، رئيس غلام مصطفيٰ پريڙي ۽ هڪ به ٻيا بزرگ ويٺا هئا ( جن جا نالا ياد ناهن ). جڏهن ته انهن جي سامهون ڪرسين تي ٨٠ - ٧٠ ڪن ماڻهو ويٺا هئا جن ۾ وڏي اڪثريت نوجوانن جي هئي. انهن منجهان ان وقت تائين جن کي مان سڃاڻندو هئس انهن ۾ چاچو علڻ خان ٽيبو، اقبال ترين، شاهه محمد شاهه، مدد علي سنڌي، مولا بخش لغاري ۽ امان الله شيخ شامل هئا. اجلاس جي صدارت سائين جي. ايم. سيد ڪري رهيو هئو. اجلاس ۾ بنگلاديش جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت جي حمايت ڪئي ويئي. ان کان علاوه انهن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي صدر جي حيثيت ۾ ٩٠ هزار جنگي قيدي ڇڏائڻ ۽ ٻهارين کي گهرائڻ جي سلسلي ۾ هندستان جو دورو ڪرڻ وارو هئو. اجلاس طرفان ان کان گهر ڪئي ويئي ته پنهنجي دوري دوران هندستاني ليڊرن سان ورهاڱي ڪانپوءِ ناجائز نموني ۽ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف لڏي ويل ماڻهن جي پنهنجي علائقن ڏانهن واپسيءَ بابت پڻ ڳالهائي. اجلاس جي مکيه ايجنڊا نئين تبديل ٿيل حالتن مطابق سنڌ جي قومپرست سياست جا حدف ۽ طور طريقا متعين ڪرڻ هو. سائين جي. ايم. سيد جا چيل هي لفظ مون کي اڃا تائين چٽي نموني ياد بيٺا آهن ته "اڪثر ماڻهن کي شڪايت هوندي آهي ته نوجوانن کي اڳتي اچڻ نٿو ڏنو وڃي ۽ پراڻي نسل جا ماڻهو پنهنجا فيصلا مڙهين ٿا سو اڄوڪي اجلاس ۾ رکيو رئيس (غلام مصطفيٰ پريڙي) ۽ آءُ ٻه ڄڻا وڏي عمر وارا آهيون. باقي توهان سڀ نوجوان ويٺا آهيو جيڪي فيصلا ڪريو" ۽ پوءِ ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ سنڌ متحده محاذ جو نالو تبديل ڪري جيئي سنڌ محاذ رکيو ويو ۽ سنڌ جي آزادي ان جو سڀ کان اهم مقصد قرار ڏنو ويو. سائين جي. ايم. سيد کي نئين پارٽيءَ جو پهريون صدر منتخب ڪيو ويو. مون کي خوشي ۽ فخر آهي ته سائين جي. ايم. سيد جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٺهندڙ ان پهرين پارٽي جي پهرئين اجلاس ۾ آءُ شريڪ هوس ۽ پهرئين ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ان پارٽيءَ سان واڳيل آهيان ۽ اڄ به جيئي سنڌ محاذ ساڳي مقصد يعني سنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي ۽ ڳهڻين تڪليفن ۽ شديد دٻائڻ جي باوجود سيد جي ڏسيل اصولن عدم تشدد، بلند ڪردار ۽ عمل صالح تي ثابت قدميءَ سان بيٺو آهي.

جولاءِ ١٩٧٢ع ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي بڻائڻ جو بل پاس ڪرايو. ان تي ڪجهه متعصب ۽ سنڌ دشمن ماڻهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ فساد شروع ڪرايا. انهن ئي ڏينهن ۾ سائين سنڌ جي عوام سان سڌو رابطو ڪرڻ لاءِ سنڌ جي دوري تي ڪراچيءَ کان نڪتي جي رستي روانو ٿيو. دوري دوران پنهنجي تقريرن ۾ سيد ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت تسليم ڪرڻ سنڌين جو حق آهي. ان تي ڳوڙ فساد ڪرڻ جو ڪنهن کي به حق نٿو پهچي. ڪيترا ماڻهو چوندا آهن ته جي. ايم. سيد کي ذوالفقار علي ڀٽي ۽ ان جي خاندان سان ذاتي دشمني هئي. ان دوري منجهان ان ڳالهه جو به نهايت واضح جواب ملي ٿو. ٿيو ائين ته ٻوليءَ واري بل تان فساد ڪندڙن شهرن جي چونڪن ۽ وڏن رستن تي ذوالفقار علي ڀٽي جي زال نصرت ڀٽو ۽ ڌيءَ بينظير ڀٽو جون تصويرون ٽاهي، انهن جي خلاف نازيبا نعرا لکيا ۽ انهن تي ذاتي قسم جا حملا ڪيا. سائين پنهنجي سڄي دوري دوران اهو چئي سندن وڪالت ڪئي ته اهي ٻئي عورتون سنڌ جون نياڻيون آهن ان حوالي سان اسان جي عزت آهن. دوري دوران حيدرآباد ۾ سائينءَ جي جلسي تي بم اڇلايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ پنجاب سان واسطو رکندڙ سيد جو ساٿي دوست محمد پراچا شهيد ٿي ويو ۽ هڪ ٻيو دوست عمر شورو پنهنجي ڄنگهه کان محروم ٿي ويو جنهن کي سيئي دوست زنده شهيد چوندا آهيون. جڏهن سائين خيرپور پهتو ته جناب ذوالفقار علي ڀٽي ڪيس گرفتار ڪرائي گهر ۾ نظربند ڪيو ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ فساد ڪندڙن ۽ سندن زال ۽ ڌيءَ کي گاريون ڏيندڙن جي چوڻ تي اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ٻوليءَ واري بل جي مٿان آرڊيننس مڙهيو جنهن ذريعي سنڌ کي ٻن زبانن وارو صوبو قرار ڏنو ويو.

١٧ جنوري تي ٿيندڙ سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه سنڌ جي قومپرست سياست جو هڪ اهم واقعو آهي. ان بابت مون ٻهريون دفعو پڙو ۽ پڙهيو ١٩٧٢ع ۾. 'نئين پاڪستان' جي پهرين جنوري ١٩٧٢ع آئي، ان جي ١٧ تاريخ سن ۾ جيڪو ميڙاڪو ٿيو ان ۾ گهڻو ڪري اديبن، دانشورن، سيد جي دوستن ۽ ڪجهه سياسي ورڪرن شرڪت ڪئي. انهن ۾ شيخ اياز به شامل هئو البته مون شرڪت سائين جي سالگره جي پروگرام ۾ پهريون دفعو ١٩٧٣ع ۾ ڪئي. ١٧ جنوري ١٩٧٣ع تي حيدرآباد ۾ رئيس غلام مصطفيٰ پيرگڙي جي گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ميدان تي (جتي هينئر پرڳڙي فليٽ ٺهيل آهن) جلسو منعقد ٿيو. سائين پاڻ جيئن ته نظربند هئو ان ڪري سندس تصوير کان صدارت ڪرائي ويئي. جڏهن ته تقريرون ڪندڙن ۾ مکيه ماڻهو رئيس پرڳڙي، حفيظ قريشي، قاضي مرتضيٰ، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مدد علي سنڌي ۽ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ شامل هئا. جلسو هلندي ئي اطلاع پهتو ته سائينءَ جي نظربندي ختم ڪئي ويئي آهي. ان جلسي دوران هڪڙو ناخوشگوار واقعو به ٿيو جيتوڻيڪ ان جي ناخوشگوار اثرن جو ان وقت ايترو اندازو نه هئو جيترا اهي هينئر محسوس ٿي رهيا آهن. سائين جي. ايم. سيد جو پراڻو ۽ نهايت قريبي دوست ۽ ساٿي سنڌ يونيورسٽي جو پروفيسر قاضي مرتضيٰ سيد کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ آٿيو ته سامهون جلسي گاهه مان هڪ جذباتي نوجوان به اٿيو ۽ زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو ته 'تقرير بند ڪرايو' تقرير ڪندڙ جو ڏوهه صرف اهو هئو ته هو پنهنجي مادري زبان اردوءَ ۾ ڳالهائي رهيو هئو. مون سميت ڪافي ماڻهن دانهون ڪيون ته تقرير جاري رهڻ ڪپي پرها ۽ نه جو فيصلو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي قاضي صاحب پنهنجو پاڻ مائيڪ ڇڏي وڃي چڪو هئو. اهو واقعو جيترو افسوسناڪ آهي اهو تڏهن اجا وڌيڪ افسوسناڪ بڻجيو وڃي جڏهن اهو جي. ايم. سيد جي نالي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ ٿئي ڇاڪاڻ ته اهو انسانيت جي علمبردار ۽ محبت ۽ رواداري جي پيامبر جي اصولن جي بلڪل ابتڙ هئو پر ان واقعي جي افسوسناڪ حيثيت ان وقت گهٽ ۽ جهيٽي ٿي نظر اچي جڏهن اڄ جي 'باشعور' دور ۾ جي. ايم. سيد جو نالو وٺي ان کان ڏهوڻا وڌيڪ خطرناڪ گناهه ڪيا ٿا وڃن.

۴-مارچ ۱۹۷۳ع تي سائين جي. ايم. سيد کي ٻن جلسن کي خطاب ڪرڻو هئو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪراچي پاران ڪراچيءَ ۾ ۽ مرڪز پاران مسلم ڪاليج حيدرآباد جي هاسٽل واري گرائونڊ تي، اسان پروگرام مطابق سنڌ جي سائينءَ جي آجيان لاءِ حيدرآباد واري ٽول پلازه تي گڏ ٿياسين. ڪجهه دير جي انتظار کان پوءِ سائين جي موٽر ٽول پلازه وٽ پهتي گاڏي اچا پوري رڪي ئي ڪا نه، ته سيئي ماڻهو ان طرف ڊوڙيا مان به انهن ۾ شامل هئس. واري واري سان درِيءَ منجهان هر ڪو هٿ ملائيندو پيو وڃي. منهنجو سنڌ جي مهان هستي ۽ منهنجي زندگي بدلائيندڙ شخصيت سان هٿ ملائڻ جو اهو پهريون موقعو هئو ۽ ان سان گڏوگڏ منهنجي زندگيءَ جو هڪڙو اهم واقعو. ڪجهه گاڏيون سائينءَ سان گڏ هُيون ٻيون جن ۾ اسان واريون بسون به شامل هيون، ٽول پلازه کان گڏجي پيون. پوءِ جيئن جيئن قافلو اڳتي وڌندو ويو تيئن تيئن اهو تعداد به وڌندو ويو. تان ته حيدرآباد شهر ۾ داخل ٿيڻ تائين زبردست جلوس جي شڪل اختيار ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو جنهن ۾ سنڌ جي قومي نشان ڪهاڙين جو به چڱو خاصو تعداد هئو. اٽڪل ڇٽن سالن جي وقفي کان پوءِ سنڌين جو حيدرآباد ۾ اهو پهريون وڏو جلوس هو. موقعي جوفائدو وٺندي فيڊريشن جي قيادت جلوس جو روٽ وڌائي ڇڏيو. اهڙي ريت شهر جي سمورن وڏن رستن تان گذرندي ۽ پرجوش نعرا هڻندي جلوس جلسي گاهه ۾ پهتو جتي سائين جي. ايم. سيد، سيد ظفر علي شاهه، حفيظ قريشي ۽ ٻين تقريرون ڪيون. اتي سائينءَ جو چيل هڪ اهم جملو ڏاڍو مشهور ٿيو هئو. اهو مون کي اڃا تائين بلڪل چٽي طرح ياد آهي، نوجوانن کي مخاطب ٿيندي سائين چيو هئو ته ”مستقبل ۾ توهان تي اهم ذميواريون اچڻ واريون آهن. توهان انهن لاءِ پاڻ کي تيار ڪيو.“ ان وقت گهڻن ماڻهن اهو سمجهيو ته جلدي اسان کي اقتدار ملڻ وارو آهي پر سائينءَ جي چوڻ جو جيڪو مطلب ۽ مقصد هئو، اهو ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ واضح ٿيڻ لڳو ۽ جيئن جيئن وڌيڪ وقت گذرندو ٿو وڃي ان جملي جي معنيٰ وڌيڪ واضح ٿيندي ٿي وڃي ۽ ان جي اهميت وڌيڪ نمايان ٿيندي ٿي وڃي. هتي هڪ ٻئي جملي جو ذڪر ڪرڻ به ڪارگر ٿيندو جيڪو سائين اسان کي (قومي ڪارڪنن کي) مخاطب ٿيندي چوندو هئو ته ”هن ملڪ جو ٻيڙو، هن ملڪ جا حڪمران ئي ٻوڙيندا پر توهان پاڻ کي ايندڙ صورتحال لاءِ تيار ڪريو.“ هاڻي انهن ٻنهي جملن کي گڏائجي ۽ پوءِ اڄوڪين حالتن (پاڪستان جون ۽ سنڌ جون) جي پيٽ ڪجي ته ڳالهه بلڪل صاف سمجهه ۾ اچي ٿي. سائينءَ جي ان وقت چيل ڳالهه جو هڪڙو حصو ته بلڪل درست ثابت ٿي رهيو آهي جڏهن ته ٻيو اڻپورو آهي. اڃا به وقت ويو ڪونهي جيڪڏهن اسان قومي ڪارڪن، اديب ۽ دانشور پاڻ کي سڌاريون ۽ وقت ۽ حالتن پاران وڌل ذميواريءَ کي نڀائڻ جو پاڻ کي اهل بڻايون، اها ذميواري انهن ماڻهن لاءِ ته اڃا ٻيڻي ٿيو وڃي جيڪي جي. ايم. سيد جي پوئلڳيءَ جي دعويٰ ٿا ڪن.

١٩٧٣ع وارو پاڪستان جو آئين هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي پاڪستان جا حڪمران هميشه ۽ هر هنڌ فخر سان پيش ڪندا آهن. ائين ڪرڻ ۾ هو حق بجانب به آهن ڇاڪاڻ ته انهن جي مفادن لاءِ ان کان وڌيڪ ڪارائتو ڪو ڪاغذ اڄ ڏينهن تائين تيار ٿي نه ٿيو آهي. اهو آئين انهن جي حاڪميت ۽ بالادستيءَ کي پڪو ۽ مستحڪم بڻائي ٿو. اهي ناانصافيون ۽ ظلم زيادتيون جيڪي پهرئين ڏينهن کان وٺي هن ملڪ اندر محڪوم قومن سان ناجائز ۽ غير قانوني طريقي سان ٿينديون پئي آيون ٧٣ع جي آئين ذريعي انهن کي آئيني ۽ قانوني حيثيت ڏني ويئي. اهو ئي سبب آهي جو ان کي قومن جو قاتل آئين چئبو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو جنرل ضياءَ، پيپلز پارٽي جي ڪيل ٻئي هر ڪم ۽ ڪنيل هر قدم کي غلط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي رد ڪري ڇڏيو پر ٧٣ع جي آئين کي برقرار رکيائين. ان قومن جي قاتل آئين جي ٺهڻ وقت ان جي خلاف پوري ملڪ ۾ صرف هڪڙو ئي آواز هو ۽ اهو آواز محترم جي. ايم. سيد جو هئو. ان آواز پنهنجو اظهار جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شڪل ۾ ڪيو. ٺيو ائين ته آئين ٺاهڻ جي خوشيءَ ۾ ان وقت جي وزير قانون عبدالحفيظ پيرزادي کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ ان وقت جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪنووڪيشن ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو. ٢٨ اپريل ١٩٧٣ع تي منعقد ٿيندڙ ان ڪنووڪيشن ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪارڪنن (انهن ۾ ليکڪ به شامل هئو) ٧٣ جي آئين ۽ ان جي ٺاهيندڙ خلاف زبردست احتجاج ڪيو. جنهنجو پڙاڏو ان ڏينهن دنيا جي تقريباً سمورين ريڊيو اسٽيشنن تان ٻڌڻ ۾ آيو. نتيجو اهو ٿيو ته ان ڏينهن شام جو سائين جي. ايم. سيد کي نظر بند ڪيو ويو ۽ اها نظر بنديءَ ١٦ سالن تائين جاري رهي. مزي جي ڳالهه ته جي. ايم. سيد جي نظر بنديءَ تي پيءُ ۽ ضيا ٻئي متفق هئا. اهو ان ڪري ته جي. ايم. سيد جنهن نظام کي متائڻ پيو چاهي ان کي اهي ٻئي برقرار رکڻ تي متفق هئا.

١٩٧٤ع واري سيد جي سالگره ڪراچي ۾ ملهائي وئي. ڪيٽرڪ هال ۾ ٿيندڙ ان جلسي ۾ اسان سنڌ يونيورسٽيءَ کان بسون ڀري آيا هئاسين. ان جلسي ۾ اسٽيج تي ويهندڙ ۽ تقريرون ڪندڙ سيني ماڻهن کي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ملڪ دشمن چئي گرفتار ڪيو. انهن ۾ ڪاڪا تيرٿ داس، سيد امداد محمد شاهه، غلام احمد بيدم، سائل آزاد ۽ ٻيا شامل هئا. سائين حيدر منزل تي نظر بند هئو. سو جلسي تان واپسيءَ ڪانپوءِ چيوسين ته ڄامشوري هلڻ کان پهرين ڪوشش ڪري سائينءَ جي سلامي ڀرجي. اتي ملاقات دوران سائينءَ هڪڙي اهڙي ڳالهه ڪئي جيڪا سندس ذاتي زندگيءَ جي هڪڙي انداز جو اظهار ڪري ٿي. اها ڳالهه پوءِ سڄي عمر مون کي ياد رهي آهي ۽ تمام گهٽ ماڻهن کي ان ڳالهه جي خبر آهي پر ڪجهه ماڻهن کي معلوم نه به هوندي. سائينءَ جي مهمان نوازي ته زماني ۾ مشهور هئي ۽ آهي، ان ڏينهن اسان ڄامشوري مان ڀيرن ڪري نڪتا هئاسين ۽ حيدر منزل تي رات جو تقريبا ١١ وڳي پهتاسين هت ملائڻ سان سائين پڇيو ته ماني ڪائيندو اسان کي بک ته ڏاڍي لڳي هئي پر زماني جي رسم طور چيوسين ته نه سائين. اهو سوچيندي ته سائين ڀيهر چوندو ته پوءِ ڪائينداسين پر سائين ڀيهر اسان کي ڪجهه چوڻ جي بجاءِ ملازم کي چيو ته ابا هي ماني ڪائي آيا آهن باقي ڪيڪ ڪٽي اچي ڪارائين. بس پوءِ ته جيڪا اسان سان ٿي. چاڪاڻ ته ڄامشوري پهچندي رات جا اڍائي ٿي ويا هر شيءِ بند. نتيجي طور ٢۴ ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ وري به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيرن وجي نصيب ٿي، اها ڳالهہ بعد ۾ معلوم ٿي تہ سيد جي ٽڏي تي ماني نہ کائڻ جو تصور ئي ڪونهي، ماني صرف اهو نہ کائيندو آهي جيڪو واقعي بہ پيٽ ڀري آيو هجي ۽ پوءِ بعد جي اٽڪل ٢١ سالن ۾ مون وري ڪڏهن تڪلف ڪرڻ جي غلطي نہ ڪئي.

١٩٧٤ع کان وٺي سائين جي. ايم. سيد وٽ ايترو گهڻو وڃڻ ٿيو ۽ اهڙي انداز سان، جو جڻ پنهنجي گهر ۾ ٿا وڃون ۽ ٢١ سالن ۾ ڪو ماڻهو ڪيترا دفعا ۽ ڪهڙن ڪهڙن موقعن تي پنهنجي گهر ويو. اهو ياد رکڻ ڪنهن بہ انسان لاءِ نہ تہ ممڪن هوندو آهي ۽ نہ ئي ضروري سواءِ ڪن بلڪل اهم ۽ غير معمولي موقعن جي. سو ١٩٧٤ع کان پوءِ سائين جي. ايم. سيد جو ذڪر واقعن ۽ تاريخن جي حوالي سان گهٽ ۽ ڳالهين، عملن، لاڙن ۽ انهن جي اثرن جي حوالي سان ٿيندو. اهو ذڪر ۽ اهي حوال ڪرڻ لاءِ هڪ عليحده مجلس جي ضرورت آهي.

عوامي آواز ڪراچي ١٧ جنوري١٩٩٨ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد: جيئڻ مون ڏٺو -II

مضمون جي گذريل حصي ۾ (جيڪو ١٧ جنوري ١٩٩٨ع تي شايع ٿيو) مون ١٩٧٢ع ۾ پهريون ڀيرو سائين جي. ايم. سيد کي روبرو ڏٺڻ ۽ پوءِ پهرين ملاقات کان وٺي ١٩٧٤ع تائين سائينءَ سان ٿيل ملاقاتن ۽ جلسن ۾ ٻڌل تقريرن جو ذڪر ڪيو هئو ۽ اهو ٻڌايو هئو ته انهن موقعن تي مون سائين کي ڪيئن ڏٺو ۽ مونتي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو. ١٩٧٤ع جو سال ايندي ايندي اهو ٿيو ته سائين مونکي چڱيءَ طرح سڃاڻڻ ۽ ياد ڪرڻ لڳو. منهنجو به انهن ڏينهن کان پوءِ اڪثر ڪري ۽ بي مهل موقع حيدر منزل توڙي سن وڃڻ شروع ٿيو. جيئن ذڪر ٿيل آهي ته اڳ ۾ سائينءَ سان ملاقات جلسن يا ڪن ٻين اهم موقعن تي ٿيندي هئي پر هاڻي صرف ملاقات خاطر ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ وڃڻ ٿيڻ لڳو ۽ ان لاءِ نه ته ڪنهن موقعي مهل جي ضرورت يا پابندي هئي ۽ نه ئي ڪنهن ٽائيم وٺڻ يا اجازت گهرڻ جي ضرورت. بس ائين جيئن پنهنجي گهر ۾ ماڻهو ايندو ويندو آهي. ان ڪري ملاقاتن جو تفصيل لکڻ ناممڪن آهي تنهنڪري انهن ملاقاتن دوران سائينءَ جي شخصيت جي جن پاسن ۽ لاڙن جو مون کي اندازو ٿي سگهيو ۽ جيڪي خاص ڳالهيون حاصل ٿيون، مضمون جي هن حصي ۾ انهن جو ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس جيتوڻيڪ انهن به سمورن تجربن کي هڪ مضمون ۾ آڻڻ ممڪن ڪونهي.

سڀ کان اهم ڳالهه ۽ سڀ کان اهم اصول سيد جي زندگيءَ جو اهو هئو ته هو جيڪو چوندو هئو سو ڪندو هئو. اها خوبي دنيا جي تمام ٿورن ماڻهن ۾ عملي طور رهي آهي. خاص ڪري دنيا جي هن حصي ۾ جتي ماڻهو منافقيءَ کي هوشياريءَ جو نالو ڏيئي ۽ هر موقعي، هر گهڙي ۽ هر جڳهه تي پيش ڪرڻ لاءِ عليحده چهرو کيسي ۾ کنيو ٿا وتن اتي پنهنجو نقطہ نگاه وڏي واڪي ۽ هر هنڌ ظاهر ڪرڻ ۽ وري ان مطابق سڄي عمر (جيڪا ذري گهٽ سو سالن جي هجي) عمل ڪرڻ رڳو اها ڳالهه ئي ڪنهن ماڻهوءَ کي عظيم بنائڻ لاءِ ڪافي آهي جڏهن ته سائين جي. ايم. سيد جي عظيم ڪردار جي اها رڳو هڪڙي خاصيت آهي. سائين پنهنجي ان سوچ ۽ ڪردار کي پاڻ ئي هڪڙي مختصر جملي ۾ بيان ڪندو هئو جيڪو پاڻ اڪثر دهرائيندو رهندو هئو ته "صفا راند سوني جي، ٻيڙي ٻڏي ڪوني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي." ان ڏس ۾ هڪڙو مثال ڏيڻ مناسب ٿيندو. مذهب جي نالي تي ٺهيل هن ملڪ ۾ مذهب جي باري ۾ سائينءَ جو پنهنجو هڪ مختلف ۽ منفرد نقطہ نگاهہ هئو. هڪ طرف سائين الله ۽ ان جي قدرت ۾ پختو يقين رکندو هئو پر ساڳئي وقت اسلام جي ملان واري تصور جي سخت خلاف هوندو هئو. هڪ دفعي مان ۽ منهنجا ٻہ سوٽ سائينءَ سان ملڻ وياسين. نالا ٻڌاياسين عبدالخالق ، عبدالغني ۽ عبدالاحد ان کان پوءِ عبدالغنيءَ چيو تہ سائين! سڀ الله جا ٻانها لڳا پيا آهيون. ان تي سائينءَ وراڻيو تہ "ها ابا شل ٻانهپ بہ قبول ڪري" ان کان علاوه خود سنڌ جي آزاديءَ جو بہ جڏهن ذڪر ٿيندو هئو تہ سائين چوندو هئو تہ اسان کي پنهنجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. وڏيڪ جيئڻ خدا چاهيندو. اهڙيءَ ريت ملان واري مذهب بابت بہ ايترو ئي واضح سندس خيال هئا. ميان نواز شريف جي گذريل دور حڪومت ۾ شريعت بل جو تمام گهڻو شور اٿيو هئو. هر ڪو ماڻهو ان بل جي حمايت پيو ڪري. جيڪي همراهہ ان کي درست نہ پيا سمجهن اهي بہ لفظي طور ان جي حمايت ڪرڻ تي پاڻ کي مجبور پيا سمجهن. ايتري حد تائين جو هتان جا ڪميونسٽ دوست بہ اهو چئي رهيا هئا تہ شريعت بل سٺي ڳالهہ آهي پر ان ۾ ٿورا سڌارا ڪيا وڃن. انهن ڏينهن ۾ هڪڙو صحافي حيدر منزل تي آيو ۽ سائينءَ کان پڇيائين تہ شريعت بل بابت توهانجو ڪهڙو خيال آهي؟ ان تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڏند ڪرٽيندي سيد وراڻيو تہ "اسان شريعت کي ئي نٿا مڃيون تہ پوءِ باقي شريعت بل جي ڪهڙي اهميت آهي." ان سلسلي ۾ هڪڙو دلچسپ واقعو پڙهندڙن آڏو رکڻ مناسب ٿيندو. هڪ همراهہ جيڪو هن وقت ان تنظيم جو مرڪزي اڳواڻ آهي جنهن جا ليڊر چوندا آهن تہ اهي سيد جا سپاهي آهن اهو ان ڏينهن شام جو حيدر منزل تي آيو جنهن ڏينهن جي اخبارن ۾ سائينءَ جو شريعت بل بابت موقف ڇپيو هئو. همراهہ غصي ۾ ڳاڙهو لڳو پيو هجي اچڻ سان شروع ٿي ويو تہ اخبارن وارا وڏا بدمعاش آهن. انهن کي ڪو چوڻ وارو ڪونهي. سائينءَ جي خلاف غلط پروپگنڊا ٿا ڪن وغيره. اسان اتي ويٺلن پڇيس تہ "ڇا ٿيو آهي؟ اخبار وارن سائين جي خلاف ڪهڙي غلط ڳالهہ لکي آهي؟" ان تي چيائين تہ "يار ڏسو نہ هي وري لکن ٿا تہ سائينءَ چيو آهي تہ مان شريعت کي ئي نٿو مڃيان". اسان هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ خاموش رهڻ کي ترجيح ڏنيسين.

سائين جي. ايم. سيد تي سڄي عمر الزام لڳندا رهيا. انهن مان هڪڙو وڏو ۽ بار بار لڳندڙ الزام اهو هوندو هئو تہ سيد جاگيردار آهي. اهو الزام هٿڻ ۾ اسانجا ڪامريڊ دوست مڙيئي ڪجهہ وڌيڪ اڳيرا هوندا هئا. ان سوال جي سياسي پاسي تي تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي. هتي آءُ صرف سماجي لحاظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ان نقطي بابت ڳالهائيندس. جاگيرداري پنهنجو اظهار ڪندي آهي ۽ جاگيردارن جو سڀ کان نمايان، عام ۽ بدترين رويو اهو هوندو آهي ته اهي پاڻ کي عام ماڻهن کان عليحده رکندا آهن. پنهنجي ۽ باقي ماڻهن جي وچ ۾ هڪ فرق، هڪ فاصلو ۽ هڪ ديوار هر قيمت تي قائم رکندا آهن؛ ان تي ئي دراصل سندن جاگيردارانه عمارت جا بنياد رکيل هوندا آهن. ان مان سندن مقصد اهو هوندو آهي ته ماڻهن کي اهو تاثر ڏجي ۽ محسوس ڪرائجي ته اهي ڪمتر ۽ جاگيردار برتر آهن. ان مقصد خاطر اهي مختلف عمل ڪندا آهن. مثال طور پاڻ ڪرسيءَ تي ويهندا آهن ته عام ماڻهن کي پٽ تي ويهاريندا. جيڪڏهن مختلف سببن جي ڪري ائين ڪرڻ ممڪن نه هوندو ته پوءِ به پنهنجي ۽ ڪرسيءَ ۽ ٻين ماڻهن لاءِ رکيل ڪرسين جي بناوت ۾ فرق ضرور رکندا. ان کان علاوه گهر کي ٽي ٽي چار چار دروازا هوندا جن مان هر هڪ تي بندوق باز ويٺا هوندا. انهن سيني وٽان گذري وڃڻ ۾ ماڻهو ڪامياب ٿي ويو ته پوءِ وري سيڪريٽرين ۽ ذاتي عملدارن کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي اجازت وٺڻي پوندي، ان ملڻ جي صورت ۾ توهان انتظار گاهه ۾ پهچندا پوءِ صاحب جي مرضي آهي ته ڪيترو ٿو انتظار ڪرائي. اهي پوئيون ڳالهيون خاص ڪري سياستدان جاگيردارن ۾ وڌيڪ هونديون آهن جيڪي صبح شام عوام ۽ جمهوريت جو راڳ ڳائيندا آهن. جيڪڏهن جاگيردار سياستدان اهڙا ڪم ڪن تڏهن به ڳالهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ واري آهي پر اڄڪلهه ته سنڌ جي بدقسمتي اها آهي ته اهي همراه جيڪي جي. ايم. سيد تي جاگيردار هئڻ جو الزام هڻي الڳ ٿيا ۽ صبح شام عوام ۽ مڊل ڪلاس جي سياست جي ڳالهه ٿا ڪن انهن ۾ جاگيردارانه خاصيتون اصلي جاگيردارن کان به بري شڪل ۾ موجود آهن. خير هونءَ به چوٽي آهي ته نقل اصل کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. جيتوڻيڪ مون کي انهن جي اهڙن عملن تي ڪا به حيرت ڪانهي ڇاڪاڻ ته مان انهن کي نه ته سياستدان سمجهان ٿو ۽ نه ئي مڊل ڪلاس.

هاڻي ڏسون ته سيد جيڪو جمڻ جي لحاظ کان جاگيردار ۽ پير خاندان سان تعلق رکندو هئو ان جا اٿڻ ويهڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ جا طور طريقا ڪهڙا هئا. سڀ کان پهرين ڳالهه ته سائينءَ ڪڏهن به در تي پهريدار نه ٻيهاريو ۽ نه ئي ڪڏهن سفر ۾ پاڻ سان گڏ بندوق باز ڪنيائين. اها ئي ڳالهه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪي شوباز پنهنجي ڦوشر ڏيکارڻ لاءِ سائينءَ جي قافلي ۾ شريڪ ٿي پوندا هئا. ان منجهان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته سيد جو عدم تشدد ۾ ڪهڙو يقين هئو ڇاڪاڻ ته عدم تشدد جي پيغمبرن گانڌي، مارٽن لوٿر ڪنگ به ڪنهن محافظن جي ضرورت نه سمجهي. جيتوڻيڪ انهن کي تشدد جو خطرو هميشه درپيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو هئو ۽ انهن جو موت بہ تشدد جي ذريعي ٿيو. اهڙيءَ ريت ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سيد سان ملاقات ڪرڻ لاءِ گهر جي دروازي تي انتظار ڪرڻو نہ پوندو هئو. نہ رڳو گهر پر سائين جي ڪمري ۾ وڃڻ کان بہ ڪير ڪو نہ روڪيندو هئو. نتيجتاً جنهن ماڻهوءَ کي جڏهن وڻندو هئو سائينءَ جي بيڊ روم تائين پهچي ويندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندوهئو تہ سائين ننڊ ۾ هوندو هئو تہ ماڻهو اچي سندس ڪمري ۾ ويهي رهندا هئا پوءِ جيئن ئي اک کلندي هئس تہ ويٺلن سان ڪچهري شروع ڪري ڏيندو هئو. پيو تہ سائينءَ ڪڏهن پرائيويٽ سيڪريٽري ڪو نہ رکيو جنهن کان ملاقات لاءِ ٽائيم وٺڻو پوي. سائينءَ سان ملاقات لاءِ صرف هڪڙو شرط لازمي هوندو هئو تہ سائين پاڻ موجود هجي بس پوءِ سمجهو تہ توهانجي ملاقات پڪي آهي، وڏي ڳالهہ تہ ڪهڙو بہ ويجهو عزيز، دوست، سياستدان، ڪامورو، وڏيرو، جاگيردار يا وزير ويٺو هجي توهان ڪچهريءَ ۾ شامل ٿي وڃو توهانکي ڪا جهل پل ڪا نہ هوندي. جيتوڻيڪ اڳ ۾ موجود ڪجهہ "وڏا" ماڻهو اهڙي عمل تي وَٽَ ڪائيندا هئا پر سائينءَ کي ان جي پرواهہ ڪا نہ هوندي هئي. ماني کائڻ ۽ کارائڻ جو بہ سيد جو پنهنجو منفرد انداز هئو جيڪو سندس شخصيت، سوچ ۽ ڪردار جي نشاندهي ڪري ٿو. جيستائين سائينءَ کي چنگهہ جو ڏڪ نہ لڳو هئو تيستائين ماني ان ويلي تي موجود مهمانن سان گڏ کائيندو هئو ۽ شايد ڪڏهن ورلي ڪو اهڙو ويلو ايندو هئو جو مهمان موجود نہ هجي. ڪيتري بہ تعداد ۾ هجن ۽ ڪهڙي بہ نموني جا هجن مهمانن سيني لاءِ هڪڙي ئي ماني ٿيندي، پوءِ سيني لاءِ فرش تي دسترخوان لڳندو جنهن تي سمورن مهمانن سان گڏ ميزبان ويهي ماني کائيندو. مهمانن سان گڏجي ماني کائيندي سائينءَ جي چهري تي جيڪو اطمينان ۽ جيڪا خوشي تري ايندي هئي، سا ڏسڻ وٽان هوندي هئي جنهن کي لفظن ذريعي بيان ڪري نٿو سگهجي. ۽ جيترا گهڻا مهمان اوتري گهڻي خوشي. اهو انداز ملاقات لاءِ ايندڙ وڏيرن ۽ وڏيرڪي سوچ رکندڙ سياستدانن لاءِ انتهائي مشڪل ۽ ناگوارا هوندو هئو ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي ماتحتن سان گڏجي سو بہ فرش تي ماني کائڻ کي بي عزتي ۽ پنهنجي حيثيت جي توهين تصور ڪندا هئا پر سائينءَ جي آڏو ڪجهہ بہ ڪو نہ سگهندا هئا نتيجي طور ڏاڍو ذهني عذاب پوڳيندا هئا. هاڻي ڪير ٻڌائي تہ سڄي سنڌ ۾ جاگيردار ۽ پير تہ ڇڏيو پر غريب جي گهر ۾ چاول ۽ غريبن جي ڳالهہ ڪندڙ ڪو ليڊر اهڙو آهي جيڪو اهڙو ڪردار رکندو هجي؟.

ڪجهہ ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ سيد ڪارڪنن کي پيءُ وانگر پيائيندو هئو. مان ان خيال کي گهڻي حد تائين درست ٿو سمجهان پر ان سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل طور اتفاق نٿو ڪريان. منهنجي خيال ۾ جي. ايم. سيد ڪارڪنن سان هڪ پيءُ سان گڏوگڏ هڪ ماءُ وارو به ورتاءُ ڪندو هئو. هو ڪارڪنن جو اهڙيءَ ريت خيال رکندو هئو ۽ انهن خاطر اهڙا ڪم به ڪندو هئو جيڪي صرف هڪ ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي. گهڻي ۾ گهڻ اسانجي زراعت تي ٻڌل ۽ پٺتي پيل سماج ۾ عام طور ڪو مرد (پيءُ) اهڙا ڪم ڪرڻ جو سوچيندو به ڪونهي. مثال طور جڏهن پاڻ سيني سان گڏجي هڪ دسترخوان تي ماني کائيندو هئو ته ويٺل هر هڪ ماڻهوءَ کان هر هڪ طعام جو نالو وٺي پڇندو هئو ته تو فلاڻي شيءِ کاڌي، فلاڻي به کاڌي، وري جڏهن ڏڪ لڳڻ کان پوءِ پاڻ ڪٽ کان لهي نه سگهندو هئو ته ڪارڪنن جي ماني کائڻ کان پوءِ انهن کان پڇندو هئو ته ماني ۾ ڇا کاڌو؟ ڀلا مانيءَ سان گڏ ڇانور به هئا. ڀلا ڀوڙ ۾ ڇا ڇا هئو. جي ڇٻو ته دال ۽ گوشت هئا ته پڇندو ته ڀلا گوشت سيني کاڌو؟ ان کان علاوه جڏهن هلندو گهمندو هئو ته جڳ گلاس ڪٽي هر هڪ کي پنهنجي هٿن سان کير پياريندو هئو. ان کان پوءِ جڏهن سمهڻ جو ٽائيم ٿيندو هئو ته هر هڪ جي بستري جي پاڻ جاچ وٺندو هئو ته هر هڪ کي رلي، وهاڻو ۽ مٿان وجهڻ لاءِ ٻوڇڻ آهي يا نه بلڪه ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هئو ته نوجوان ننڊ پئجي ويندا هئا. سائين پڙهندي پڙهندي اٿي ٻاهر ايندو هئو ۽ سيني ستلن جي خبر چار وٺندو هئو جيڪڏهن ڪنهنجي مٿان وارو ڪپڙو لهي ويل هوندو ته ائين ئاهي ان جي مٿان وجهندو جيئن هڪ ماءُ ڪندي آهي. ١٩٨٠ع ڌاري جي ڳالهه آهي هڪڙو دوست ۽ مان سائين سان ڪچهري ڪرڻ سن وياسين. سن وارين بسن جي ڳالهه ڪري ڪٽي بس ڪر. سو اسان کي پهچندي پهچندي رات جا اٽڪل ٻارهن ٿي ويا. ملازم هليا ويا هئا. نتيجي طور اسان کي ماني به پاڻ ڪٽي اچي کارايائين پر وڏي ڳالهه ته ان وقت گهر ۽ اوطاق جي وچ ۾ تمام سوڙهو در لڳل هوندو هئو ان مان رات جو اونداهيءَ ۾ ٧٥ سالن کان مٿي جو مڙس هڪ هٿ ۾ ٽارچ ٻئي ڪلهي تي بسترو کنيو پيو اچي جيڪو وچ در ۾ اسان منٿو ڪري وڃي ورتس. ڪي الله جا سنواريا ته اهڙا به هوندا هئا جو سيوهڻ مان قلندر تان موٽندا يا لاڙڪاڻي کان حيدرآباد ويندا رات جا ٻه يا ٽي وڳا هوندا ته بس ڀري اچي سن ۾ نڪاءُ ڪندا ڇي وياسين ٻئي ڇيوسين ته سائينءَ سان ملندا ويچون ۽ سائين نه رڳو خوشيءَ سان انهن سان ملندو پر ان وقت سندن مانيءَ جو به بندوبست ڪندو جنهن لاءِ ڇيلو به ضرور ڪسندو. ملازم نه هوندا ته گهر جا ڀاتي انتظام ڪندا. سيد جلال شاهه، سيد ضياءُ شاهه ۽ سيد زين شاهه اهڙن واقعن جا شاهد ويٺا آهن. هاڻي ڪير ٻڌائي ته آهي ڪو اهڙو پيءُ جيڪو پنهنجي حقيقي اولاد خاطر اهڙا ڪم ڪري؟.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هر خيال ۽ همسفر ساٿين سان اهڙو پيار ڪندو هئو ۽ انهن سان اهڙو ورتاءُ ڪندو هئو جو ماڻهو سمورا ڏک ۽ پريشانيون وساري ڇڏي ۽ پاڻ کي هڪ خوشقسمت ۽ خاص انسان سمجهڻ لڳي. سائين ايڏو وڏو ماڻهو، ايڏي وڏي عمر جو ماڻهو ۽ ايڏو مصروف ماڻهو روزانو صبح کان رات تائين سوين ماڻهو ملڻ لاءِ اچن پوءِ به پنهنجي ساٿينُ کي ياد ۽ انهن بابت معلومات رکڻ يقيناً هڪ غير معمولي ڳالهه آهي. ڪن سببن جي ڪري ١٩٩٣ع واري سالگرهه تي مان سن وڃي نه سگهيس. وري تقريباً ٻن مهينن کان پوءِ ١٣ مارچ تي مان سن ويس. سائينءَ جي ڪمري ۾ ماستر غلام قادر سميت ڪافي ماڻهو ويٺا هئا. سائين پاڻ اکيون بند ڪيو ويٺو هئو. مون هٿ ملائڻ وقت پنهنجو نالو ٻڌايو. اڃا مون نالو ٻڌائي مڪمل ئي ڪو نه ڪيو ته چيائين ته "سالگره تي ڪو نه آئين؟" مون پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چوڻ چاهيو ته وري مٿان اهو چئي مون کي ماٺ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائين ته "سڀ خبر رکون ٿا."

اها ته هڪڙي عالم آشڪار حقيقت آهي ته سيد جو جيئڻ مرڻ سنڌ لاءِ هئو. سنڌس سموري علم ۽ عقل، جوش ۽ جذبي، جاکوڙ ۽ جدوجهد جو مرڪزي نقطو سنڌ هئي. ان ڏس ۾ ڪجهه ماڻهن جو اهو چوڻ بلڪل غلط آهي ته جي. ايم. سيد ڪن سياستدانن جي مخالفت ذاتي سببن جي ڪري ڪندو هئو. ان لاءِ مختصر ۾ ٻه مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندا. ٦٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هلي رهي هئي ۽ پوءِ ون يونٽ ٽٽو ان وقت نواب مظفر قومپرست سياست جي مقابلي ۾ نسل پرست سياست جي شروعات ڪئي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي قيادت ۾ قائم سنڌ متحده محاذ جي ضد ۾ سنڌ (ڪراچي) مهاجر پنجابي پٺاڻ متحده محاذ ٺاهيو. نواب مظفر ۽ سنڌس محاذ جو ڪم ، رڳو سائين جي. ايم. سيد جي مخالفت ڪرڻ هئو جنهن دوران هو سائينءَ جي خلاف ذاتي بهتان بازي ۽ پروپيگنڊا کان ٻڙ نه مڙندا هئا. پر پوءِ ١٩٧٩ع ۾ جڏهن نواب مظفر سائينءَ سان ملاقات ڪئي ۽ اهو مڃيائين ته سندس سياست غلط هئي ۽ مهاجرن کي سنڌين سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ کپي ته سائين ماضيءَ جون سموريون ڳالهيون هڪ پل ۾ وساري ڇڏيون. نه رڳو ايترو پر پوءِ سدائين ذڪر نڪرڻ تي چوندو هئو ته سنڌي مهاجرن ۾ نئين سر پيدا ٿيل ويجهڙائيءَ ۾ نواب مظفر جو وڏو هٿ آهي.

رسول بخش پليجي جي سائين جي. ايم. سيد سان مخالفت ۽ بغض انتها تي پهتل رهيو آهي بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته هن جي سياست جو سڀ کان اهم پهلو سيد جي مخالفت رهيو آهي ۽ ان منجهان زياده تر مخالفت ذاتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوعيت جي هوندي آهي. سائينءَ جي خلاف بهتان، ڪوڙ، الزام ۽ غليظ زبان جهڙي پليجي استعمال ڪئي آهي اهڙي نہ ڪنهن ملي، نہ ڪنهن پنجابيءَ، نہ ڪنهن بدترين حڪمران. پر پوءِ بہ جڏهن سنڌ جي اجتماعي ڀلي خاطر سنڌ قومي اتحاد ٺهي رهيو هئو ۽ پليجو بغير دعوت اچي پهتو ۽ چوڻ لڳو تہ هو بہ سنڌ جي ڀلائيءَ واري هن ڪم ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻ ٿو چاهي تہ سائينءَ ماضيءَ جا سمورا سياسي ۽ ذاتي ڏنگ وساري نہ رڳو پليجي کي سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ڪيو پر کيس ۽ سندس پارٽيءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اهم حيثيت ۽ اهميت ڏني جيتوڻيڪ ماضيءَ کي ڏسندي سيد کي ۽ سيني سڄاڻ ماڻهن کي پليجي جي ڪردار بابت شڪ هئا. ۽ پوءِ اهي شڪ صحيح ثابت بہ ٿيا. پليجو اهو ئي نانگ ثابت ٿيو جنهن پهريون موقعو ملندي ئي سيد کي ۽ سنڌ قومي اتحاد کي ڏنگيو.

سائين جي. ايم. سيد وٽ صبح کان رات تائين سڄو ڏينهن ملاقاتي ايندا رهندا هئا. انهن ۾ هر طرح جا، هر عمر جا، هر مڪتبہ فڪر جا، هر ڌنڌي جا، هر سوچ جا، هر تنظيم جا ماڻهو شامل هوندا هئا. انهن ۾ عزيز ۽ رشتيدار بہ هوندا هئا تہ ذاتي دوست بہ، هاري ڪمدار بہ تہ پراڻا واسطيدار بہ، وڏا سياستدان تہ نوان ڪارڪن بہ، مذهبي رهنما بہ، تہ اديب دانشور بہ، عالمي پائي جا عالم اسڪالر بہ تہ سنڌي اخبارن جي ٽيبلن تي ويهي ڪهاڻيون ٺاهيندڙ صحافي بہ. اهو سندس ڪمال هوندو هئو تہ انهن سيني سان اهڙي نموني ڪچهري ڪندو هئو جو لڳندو هئو تہ سائين بس انهن ماڻهن سان ئي ۽ انهيءَ موضوع تي ئي سڀ کان بهتر ڪچهري ڪري سگهي ٿو ۽ سامهون واري ماڻهوءَ کي بہ اهو احساس ٿيندو هئو تہ سائين کيس ئي بهتر ۽ قريب سمجهي ٿو ۽ رڳو ساڻس ئي اهڙي ڪچهري ڪري ٿو. ملڻ وارن ماڻهن مان اڪثر پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ مهارت رکندڙ هوندا هئا ( جن ۾ زميندار، واپاري، انجينئر، ڊاڪٽر، سائنسدان، صنعتڪار، فنڪار وغيره بہ شامل هئا) پر پوءِ بہ انهن مان ڪيترن کي سائينءَ وٽان نيون ۽ رهنمائي ڪندڙ ڳالهيون ملنديون هيون. باقي اُئين بہ ٿيندو هئو تہ ملاقاتين وٽان ڪي نيون ۽ سٺيون ڳالهيون سائينءَ کي بہ ملنديون هيون ۽ سائين نہ رڳو انهن جو اتي موقعي تي اعتراف ڪندو هئو پر بعد ۾ انهن ماڻهن جي غيرموجودگيءَ ۾ بہ انهن جو ذڪر ڪندو رهندو هئو. ان صورتحال جو هڪ نتيجو اهو ٿيو جو ڪافي سارن ماڻهن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ سيد رڳو چرچا ڀوڳ ٿو ڪري يا مختلف ماڻهن جي جائز ناجائز تعلقات جو ذڪر ٿو ڪري يا راڳ رنگ ۽ تفريح بابت ٿو ڳالهائي. اصل ڳالهہ اها هوندي هئي تہ انهن ماڻهن سيد کي ڏٺو ئي ان رنگ ۾ هوندو هئو. خود سيد جي سياسي تحريڪ ۾ بہ مختلف خيالن، مختلف مقصدن، مختلف طبيعتن، مختلف سوچن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف معيارن جا ماڻهو هئا. سيد انهن سيني کي چڱي طرح سمجهندي انهن جي مزاج ۽ اهليت مطابق انهن کي ڊيل ڪندو هئو (پيش ايندو هئو). ان صورتحال جي فائدن ۽ نقصانن بابت مختلف دوست بحث ڪندا رهيا آهن پر اهو هڪ الڳ موضوع آهي تنهنڪري اڄ ان بابت ڪو نه ٿا ڳالهايون. انهن منجهان ڪجهه همراهه اهڙا هوندا هئا جيڪي سائينءَ جي قريب ويهي ۽ فوٽو ڪڍرائي سائينءَ سان پنهنجي ويجهڙائيءَ جو تاثر قائم ڪرڻ چاهيندا هئا ته سائين انهن کي اهو موقعو ڏيندو هئو ( اهو الڳ سوال آهي ته انهن همراهن جو ان مان مقصد ڪهڙو هوندو هئو). ڪي وري چوندا هئا ته اهي سيد جا سپاهي آهن ته سائين به انهن سان سپاهين وانگر ڊيل ڪندو هئو. ڪن کي شاهه جو رسالو ياد هوندو هئو ته انهن کان اهو ٻڌندو به هئو ۽ ان حوالي سان ان جي تعريف به ڪندو هئو. ڪي وري اهڙا هوندا هئا جن سان رڳو ڪل ٻوڪ ٿيندي هئي ۽ انهن ۽ انهن جي ذاتي معاملن ۽ نوڪري ڪاروبار بابت گفتگو ٿيندي هئي. اها هڪ ڪڙي حقيقت آهي ته عالمي پائي جي سياستدان ۽ مدبر سائين جي. ايم. سيد جي پنهنجي تحريڪ اندر سياست تي گفتگو تمام گهٽ ٿيندي هئي. سياست تي گفتگوءَ جي معنيٰ آهي خيالن جي ڏي وٺي ۽ بحث مباحثو. جيئي سنڌ اندر اڪثر همراه انهن پنهي ڳالهين کان يا ته خالي هئا يا ان جا مخالف. همراهن وٽ سياسي سوچ ۽ سياسي خيال هئا ئي ڪو نه، ته سائينءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪٿان ڪن. نتيجي ۾ اهي سائينءَ سان بحث ڪرڻ کي ڪفر سمجهندا هئا. ايتري حد تائين جو سوال ڪرڻ کي به گناهه سمجهندا هئا چاڪاڻ ته ڪنهن ڏاهي ۽ عام ماڻهوءَ کان ڪنهن موضوع بابت سوال پڇڻ لاءِ به توهان کي ان موضوع جي ڪجهه بنيادي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. اهوئي سبب هئو جو سائينءَ کان سوال ڪرڻ، خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ اختلاف ڪرڻ جي نتيجي ۾ عبدالواحد آريسر، راقم الحروف ۽ ٻين ڪجهه دوستن لاءِ انڪاري، منڪر ۽ ڪميونسٽ جهڙا اصطلاح استعمال ڪيا ويندا هئا. مجموعي طور انهن همراهن جو سيد سان رويو اهڙو هوندو هئو جهڙو سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ جو مرشد سان هوندو آهي. باقاعدي سائينءَ جا هٿ چمندا هئا ۽ ڪي ته پير به چمندا هئا.

هاڻي ٿورو غور ڪجي ته اهو شخص جنهن هر قسم جي عقيدي پرستيءَ جي خلاف جهاد ڪيو، شخصيت پرستيءَ جي مخالفت ڪندي وڏين وڏين شخصيتن ۽ خود پنهنجي ليڊر سان اختلاف ڪرڻ جا جرئتمندانه مثال قائم ڪيا جنهن گادي نشين هئڻ جي باوجود پيرن جا پتا وائکا ڪيا ۽ اسان جهڙن ڪيترن نوجوانن کي پير پرستيءَ جي مصيبت مان ڇوٽڪارو ڏياريو ان کي پير ڪري پوڄيو وڃي ته ان کان وڌيڪ ان شخص سان ٻي ڪا ناانصافي ٿي نٿي سگهي. جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص پنهنجي سڄي جدوجهد عقل ۽ دليل سان ڪئي، جنهن صدين جي مذهبي عقيدن ۽ روايتن جي سچائيءَ بابت به سوال اٿاريا ۽ جنهن چيو ته پيغمبر به غلطين کان پاڪ ناهن ان سان اختلاف ڪرڻ ۽ سوال پڇڻ کي گناهه قرار ڏنو وڃي سو به وري ان جي ئي ناليِ تي اهو ته ان شخص سان ظلم آهي. مسلسل قيد ۽ نظربندين سبب ۽ پنهنجي همراهن جي اهڙي ڪردار سبب سائين سياسي گفتگوءَ لاءِ جهڙوڪ اڀاٽڪائي محسوس ڪندو هئو جنهن جو اظهار تڏهن ٿيندو هئو جڏهن اهڙي گفتگو چڙي پوندي هئي. ڪڏهن ائين ٿيندو هئو ته سائين علم، تاريخ يا سياست تي گفتو ڪندو هئو ۽ ڪافي وقت گذري وڃڻ کان پوءِ اسان اهو سوچي اٿڻ جو ارادو ڪندا هئاسين ته متان سائين آرام ڪرڻ چاهيندو هجي ته پاڻ چوندو هئو ته اچا ويهو. اسان به سائين سان گفتگوءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جيترو علم ۽ صلاحيت ڪو نه رکندا هئاسين. البته سوال وغيره ڪندا هئاسين يا ڪنهن ملڪ يا ماڻهوءَ جو نالو فوري طور سائينءَ جي ذهن تي نه ايندو هئو ته ياد ڏياريندا هئاسين. بهرحال ايترو سائين سمجهندو هئو ته هي منهنجي ڳالهه سمجهن ٿا. سائين به اهو سوچي مطمئن ٿيندو هئو "ته جتي وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو به درخت" اختلاف، دليل ۽ جمهوريت پسنديءَ جو هڪڙي دفعي ته سائينءَ اهڙو مثال قائم ڪيو جنهن جو گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي هن خطي ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. هڪ مرحلي تي سائينءَ ان تي غور شروع ڪيو ته مڪمل آزادي کان علاوه سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بقا ۽ نجات لاءِ ٻيا ڪهڙا (Options) ٿي سگهن ٿا. اهڙي اهم مسئلي کي به سائينءَ بحث مباحثي لاءِ ڪارڪنن اڳيان رکيو. جيئي سنڌ محاذ جي قومي ڪائونسل جو اجلاس سن ۾ ٿيو. سائينءَ خاص طور ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ مسئلي بابت پنهنجو نقطه نگاهه رکيو. مون ان سان اختلاف ڪندي پنهنجي نقطه نظر جي حق ۾ دليل ڏيڻ شروع ڪيا ته ايتري ۾ الله بچايو مرتاس ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي ويو. چوڻ لڳو ته "تون سائينءَ سان ٿو بحث ڪرين!" ان تي سائينءَ چند پٽيندي چيس ته "تون ماٺ ڪري ويهه، مون پنهنجو نقطه نگاهه پيش ڪيو آهي، هي پلي پنهنجو خيال پيش ڪري". اهڙيءَ طرح اهو گرما گرم بحث ڪجهه عرصي تائين هلندو رهيو ۽ آخرڪار سائين پنهنجي راءِ تان هٿ ڪئي ويو.

اجوڪي مضمون جي جيڪا آخري ڳالهه مان چوندس اها سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. اُها هيءَ آهي ته ڪو به ماڻهو ڪيترا به سٺا ۽ غيرجانبدارانه تجزيا ڪري پر پنهنجي ذات جو بي ريا جائزو پيش ڪرڻ تمام مشڪل ڪم آهي. سائين جي. ايم. سيد اهو به ڪيو. تيو ائين ته بينظير ڀٽو جي پهرئين دور حڪومت ۾ سائين حيدر منزل تي نظربند هئو. پهرو تمام سخت هوندو هئو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاقات تمام مشڪل. ماستر غلام قادر جي تعاون سان سائينءَ منهنجو فرضي نالو گهر جي ملازمن جي لسٽ ۾ لکرائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت سخت پهرن جي باوجود مان تقريباً روزانو ملاقات لاءِ ويندو هئس. هڪ ڏينهن صبح جو جيئن ئي پهتس تہ سائين اڪيلو ليٽيو پيو هئو. ملڻ شرط چيائين تہ ”رات مون ڪي ننڊ دير سان آئي سو ويهي پنهنجو تجزيو ڪيم ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ مجموعي طور مون ۾ ٿي مک ڪوتاهيون ۽ ٿي خوبيون آهن. ڪوتاهيون اهي تہ ڀهراڙيءَ جي سماج سان واسطو رکان ٿو، گهٽ پڙهيل آهيان ۽ ٽيون تہ جذباتي آهيان. خوبيون اهي آهن تہ سچ ڳالهايان ٿو، سنڌ سان محبت ڪريان ٿو ۽ قرباني ڏيڻي سکيان ٿو“ اهڙي نموني سائينءَ پنهنجي شخصيت جو تجزيو ڀهريون ۽ آخري دفعو ڪيو ۽ مون ان جو ذڪر تہ ڪجهہ دوستن سان ڪيو هئو پر رڪارڊ تي اڄ پيو آڻيان ان اعتراف سان گڏ تہ مون ڪنهن بہ وڏي عالم، مدبر، ڏاهي يا سياستدان جي واتان پنهنجي ذات بابت اهڙو بي لاگ تبصرو نہ پڙهيو آهي نہ ٻڌو آهي.

عوامي آواز ڪراچي ٢٥ اپريل ١٩٩٨ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد جي ٽين ورسي ۽ ڪجهه سوال

٢٥ اپريل ١٩٩٨ع تي سن ۾ سنڌ جي قومي رهبر سائين جي. ايم. سيد جي ٽين ورسي ملهائي ويئي. سن ۾ هميشه سالگره جا اجتماع ٿيندا رهيا آهن جيڪي سنڌي قوم لاءِ اتساه جو هڪ وڏو سبب بڻبا رهيا آهن. هن سال اهڙي قسم جو ميڙاڪو ورسيءَ جي موقعي تي ٿيو (مختلف سببن جي ڪري) سيد جي سالگره ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جڏهن سنڌ جا ماڻهو سن طرف رخ ڪندا هئا ته اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ ذهن ۾ موجود مختلف مسئلن ۽ مونجهارن جا حل ۽ ڪين پريشان ڪندڙ مختلف سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ جي خواهش ساڻ ڪٽي سفر ڪندا هئا ۽ جڏهن اتان موٽندا هئا ته گهڻي حد تائين صاف ۽ مطمئن ذهن ڪٽي واپس ٿيندا هئا. پر افسوس جو سيد جي ورسيءَ جي حوالي سان ٿيل هن ميڙ سنڌي ماڻهن جي ذهن ڪي هٿوڙا هڻندڙ سوالن منجهان ڪنهن جو به جواب مهيا نه ڪيو البته سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي سرواڻ سائين جي. ايم. سيد جي حوالي سان ڪيترن اهم سوالن کي جنم ڏنو. اهي سوال سنڌي قوم لاءِ عمومي طور ۽ سيد جي پوئلڳن لاءِ خصوصي طور هڪڙو لمحه فڪر به کڻي آيا آهن.

پهرين ان پس منظر کي ڏسون جنهن ۾ ورسيءَ جو اهو اجتماع منعقد ٿيو پوءِ ان جي ڪارروائي ۽ ماحول تي نظر وجهون ۽ آخر ۾ انهن سوالن جو جائزو وٺون جيڪي سنڌ جي هڪ عظيم مدبر جي سوچ، جدوجهد ۽ ڪردار تي سواليه نشان ٿا پيدا ڪن.

سائين جي. ايم. سيد جي هڪ ايڏي قد آور ۽ همه گير شخصيت هئي جو اها گذريل ٥٠ سالن کان سنڌ جي افق تي مڪمل طور ڇانيل رهي. ڀلي ڪير سندس حمايتي هجي يا مخالف پر اصل ڳالهه اها آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ ڪو به ماڻهو، ڪا به تحريڪ ۽ ڪا به تبديلي سيد جي اثر کان آجو نه ٿيو ٿي سگهي. سنڌ جي قومي تحريڪ ته آهي ئي سندس نالي سان منسوب ۽ حقيقت به اها آهي ته دنيا ۾ سنڌ جي قومپرست تحريڪ ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جي پيٽ ۾ سيد جي نالي سان وڌيڪ سڃاتي ٿي وڃي. اهڙي صورت ۾ سائينءَ جي انتقال ڪرڻ سان هڪ خيال پيدا ٿيڻ يقيني امر هئو ۽ نوان بحث مباحثا ۽ نيون صف بنديون ٿيڻ هڪ فطري عمل. سيد جي هماليه جيڏي بلند ۽ سنڌو ماٿريءَ جيتري وسيع شخصيت جي پاڇي ۾ مختلف قسم جا ماڻهو لڪل هئا. ان پاڇي جي هٽي وڃڻ کان پوءِ انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ظاهر ٿي سنڌي قوم ۽ سموري دنيا جي سامهون اچڻو پيو. هينئر صورت اها هئي تہ جيڪي ڪجهہ عمل ۽ جهڙي قسم جو ڪردار اهي سيد سان وابستہ ماڻهو ادا ڪندا دنيا جي آڏو قومي تحريڪ جي شڪل اهڙي ئي وٺي بيهندي. سائينءَ جي مِشن کي ڪيئن اڳتي وڌائجي ان لاءِ مختلف ماڻهن پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ ڪردار جي لحاظ کان پنهنجا ساٿي ڳولي صفون ٺاهيون ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۽ طريقي سان هلڻ شروع ڪيو.

هڪڙو اهم سوال جيڪو سيد جي وصال کان پوءِ اڀري آيو سو اهو هئو تہ قومي تحريڪ جي مک ساليانيءَ ميڙ طور سائين جي. ايم. سيد جي سالگره ملهائي وڃي يا ورسي. ان بابت مختلف ماڻهن ۽ تنظيمن پنهنجي پنهنجي سوچ، سطح ۽ ڪردار مطابق فيصلو ڪيو. اهڙيءَ طرح جيئي سنڌ محاذ سالگره جي حق ۾ فيصلو ڪيو جڏهن تہ قومي محاذ وارن ورسي ملهائڻ جو اعلان ڪيو. ان جو پس منظر هي آهي تہ جيئي سنڌ محاذ سائين جي. ايم. سيد کي هڪ مدبر، هڪ عالم ۽ سنڌ جو قومي رهبر ۽ سياسي رهنما سمجهي ٿو، هڪ اهڙو شخص جنهن سنڌي قوم کي جهالت جي اونده مان ڪڍي علم جو روشن رستو ڏيکاريو. خاص ڪري نوجوان نسل کي عقيدي پرستي جي کوڙڪين مان آجو ڪري ان کي عقل ۽ دليل جي بنياد تي هر شيءِ کي پرک جو شعور ڏنو. هڪ اهڙو عظيم انسان جنهن پنهنجون غلطيون بہ تسليم ڪيون ۽ دنيا جي عظيم کان عظيم تر، انسان جي غلطين جي بہ نشاندهي ڪئي. مطلب تہ نوان خيال ڏنائين ۽ نون خيالن لاءِ رستو هموار ڪيائين. دنيا ۾ عام ۽ غير معمولي انسانن ۾ فرق ئي اهو هوندو آهي تہ عام ماڻهو مروجہ خيالن ۽ روايتن جا غلام ٿي زندگي گذاريندا آهن جڏهن تہ غير معمولي انسان دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ نيون سوچون ۽ نيون راهون ڏيکاريندا آهن ۽ اهڙا جيڪي بہ غير معمولي انسان ٿي گذريا آهن، اڪثر ڪري انهن جا جنم ڏينهن ملهايا ويندا آهن جيئن حضرت عيسيٰ، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ، مارٽن لوٿر ڪنگ، ڪارل مارڪس، لينن، آئنسٽائين، مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو، علامہ اقبال ۽ محمد علي جناح وغيره. باقي جن جي جنم ڏينهن جي خبر ناهي تہ انهن جي وفات جا ڏينهن ياد ڪيا ٿا وڃن مثال طور ڪجهہ سال اڳ تائين علامہ اقبال جي جنم ڏينهن بابت اختلاف راءِ هئو تيسيتائين سندس وفات جو ڏينهن سرڪاري طور ملهايو ويندو هئو پر جڏهن تعين ٿي ويو تہ پوءِ وفات بجاءِ ڄمڻ جو ڏينهن ملهائجڻ لڳو. ان جي پيٺ ۾ قومي محاذ وارا سيد کي هڪڙو پير مرشد ڪري سمجهندا آهن جنهن جو پنهنجو هڪ الڳ فرقو هجي ۽ جيڪو باقي دنيا کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الڳ ٿلڪ هجي، جنهن جون چيل ڳالهيون مقدس هجن جن بابت سوچڻ گناه هجي. خود سيد پاڻ جيڪي ڪجهه پڙهيو جيڪي ڪجهه ڪيو ۽ چيو ان بابت به غور ويچار ڪرڻ هنن همراهن وٽ ڪفر آهي. بلڪل ائين جيئن سنڌ ۾ ماڻهو مرشد لاءِ چوندا آهن ته الله جي ڳالهين کي رڳو مرشد ئي ڄاڻي ٿو اسانجو ڪم ناهي جو انهن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون. جيسيتائين سائين زنده هوندو هئو ته اهي همراه سندس هٿ ۽ پير چمندا هئا ۽ هينئر وفات کان پوءِ وري سندس آرامگاه کي چمندا آهن. سندن اهو به چوڻ آهي ته سيد جي چيل ڳالهين بابت جيڪي ماڻهو دليل دلائل ڪن ٿا اهي منڪر آهن ۽ صرف هو پاڻ ئي (قومي محاذ وارا) سندس سچا پوئلڳ آهن جو سندس ڳالهين تي اکيون ٻوٽي عمل ٿا ڪن. جيتوڻيڪ عمل هو ڪندا پنهنجي مرضيءَ سان آهن جيڪو اڪثر ڪري سيد جي فڪر ۽ ڪردار جي ابتڙ هوندو آهي. اها ڳالهه به مذهبي طريقه ڪار مطابق پوري ٺهڪي ٿي اچي جو ته جيڪي ماڻهو اٺندي ويهندي پيرن پيغمبرن جو نالو وٺندا رهندا آهن اهي انهن جي ئي چيل ڳالهين تي عمل ڪو نه ڪندا آهن. سو اهڙيءَ طرح قومي محاذ جي دوستن "مرشد" جي. ايم. سيد جي ورسيءَ کي اهم ڏينهن قرار ڏنو جيڪو ٽن سالن کان ملهائيندا پيا اچن.

هن دفعي ٿيو ائين ته جيئن جنوريءَ جو مهينو قريب آيو ته جيئي سنڌ محاذ طرفان سائينءَ جي سالگره ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سيد خاندان خاص ڪري سيد جلال محمود شاهه ۽ سيد زين العابدين سائينءَ جي سيني سياسي پوئلڳن سان رابطو ڪري اها تجويز رکي ته سالگره گڏيل نموني ملهائجي جنهن کي قبول ڪندي طئي ڪيو ويو ته خاندان جي فردن ۽ جيئي سنڌ جي سيني گروپن جي نمائندن تي ٻڌل سالگره ڪميٽي سالگره جي جلسي کي منظم ڪرڻ ۽ پبلسٽيءَ جي ذميوار هوندي. پر پوءِ سائين جي نياٽي ڊاڪٽر درشهوار جي اوچتي ۽ ڏکدائڪ لاڏاڻي سبب سالگره جو رٿيل سن وارو جلسو ختم ڪيو ويو پر جيئي سنڌ محاذ پنهنجي روايت مطابق ضلعن ۾ سائينءَ جي سالگره جا پروگرام منعقد ڪيا البته انهن مان ڪيڪ ڪٽڻ ۽ راڳ رنگ جا پروگرام خارج ڪيا ويا.

سائين جي ورسي يعني ٢٥ اپريل ١٩٩٨ع کان اٽڪل هفتو اڳ ۾ سيد زين العابدين شاهه صاحب جيڪو ڪجهه ڏينهن پهرين روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پيو هئو تنهن فون ڪري چيو ته هن دفعي سائين جي ورسي گڏيل نموني ملهائڻ چاهيون ٿا ان ڪري اچو ته صلاح مشورو ڪيون. اهڙيءَ ريت حيدر منزل ۾ زين العابدين شاهه صاحب جي گهر تي به ٽي ميٽنگون ٿيون جن ۾ سيد جلال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمود شاهہ صاحب پڻ شرڪت ڪئي. ظئي اهو ٿيو تہ جيئن تہ هن سال سالگره وارو مکيہ پروگرام نہ ٿي سگهيو تنهنڪري ورسيءَ کي قومي پيماني تي ملهايو وڃي. سيد خاندان طرفان اهو بہ چيو ويو تہ جلسي جي ميزباني اهي ڪندا جڏهن تہ سائين جي. ايم. سيد جا سمورا سياسي پيروڪار ( جماعتون توڙي فرد ) ۽ دوست همدرد ان ۾ شريڪ ٿيندا. اها پڻ صلاح ڪئي ويئي تہ جيئي سنڌ سان وابستہ پارٽين جا ٿورا ماڻهو تقريرون ڪندا ان جي پيٽ ۾ بين پارٽين جي اڳواڻن ۽ اديبن، دانشورن کي وڌيڪ موقعو ڏبو تہ جيئن جلسي جي بيهڪ صحيح معنيٰ ۾ هڪ قومي ميڙ واري نظر اچي.

ان پس منظر ۾ اسان ٢٥ تاريخ سن پهتاسين. سائينءَ جي وڏي فرزند سيد امير حيدر شاهہ سان گڏ گلن جي چادر چاڙهڻ ڪان پوءِ جيئن ئي اسٽيج تي پهتاسين تہ صُورتحال ظئي ٿيل ڳالهين ڪان بلڪل مختلف نظر آئي. اسٽيج تي ورسي ڪميٽيءَ جي بجاءِ هڪ جماعت يعني جيئي سنڌ قومي محاذ جا بينر لڳل هئا ۽ مائيڪ تي حسب توقع ۽ حسب معمول قومي محاذ جي ان همراه جو مڪمل قبضو هئو جيڪو اسٽيج جي مائيڪ تي چاٽي جهر ڪان پنهنجو موروثي حق سمجهندو آهي. ان سان گڏ ساڳي جماعت جو هڪڙو ٻيو همراه جيڪو بندوق جون ۽ گوريلا جنگ جون ڳالهيون ڪندو آهي. اهو ٻنهي هٿن سان مائيڪ کي پڪڙيو بيٺو هئو. سڀ کان پهرين اهو سوال ڪيو ويو تہ جيئي سنڌ جي پارٽين مان ڪيترا همراه تقريرون ڪن جنهن تي اسان چيوسين تہ هڪ هڪ ڪافي آهي پر قومي محاذ وارن دوستن چيو تہ هڪ تمام گهٽ آهي ٻہ ڪيا وڃن. اجا پروگرام ٿورو هليو مَس تہ وري چيائون تہ ٻہ نہ ٿي ٿي ڇٽا تقريرون ڪن پر پوءِ جڏهن واقعي تقريرون هليون تہ انهن جي پورن اٺن ماڻهن تقريرون ڪيون. خير اهي سيئي ڳالهيون اسان لاءِ ڪو وڏو مسئلو پيدا ڪو نہ پيون ڪن چاڪاڻ تہ اهڙين ڳالهين جي اسان کي توقع هئي ۽ اسان جڏهن سيد صاحبن جي چوڻ تي سائين جي ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ان کي قومي ميڙ جي شڪل ڏيڻ تي آماده ٿياسين تہ ان وقت ڪان ئي پاڻ کي اهڙيون ڳالهيون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيوسين. ڪجهہ ڳالهيون توقع ڪان ٻاهر بہ ٿيون پر اسان انهن تي بہ خاموش رهياسين چو تہ اسان جو خيال هئو ( ۽ آهي) تہ اسٽيج تي ٿيندڙ ڪجهہ نامناسب ڳالهين جو نوٽيس ميزبانن کي يعني سيد خاندان وارن کي وٺڻ کپندو هئو. مثال طور چانديا تقريرون ڪندڙ هڪ ڊگهي سلسلي جي شڪل ۾ آيا جن جو صحيح تعداد ياد رکڻ بہ مشڪل آهي، انهن مان ڪجهہ قومي محاذ جا ليڊر هئا ڪجهہ نہ هئا پر مان هت انهن کي چانديا ڪري ان لاءِ پيش ٿو ڪريان تہ انهن جيڪي ڪجهہ ڳالهايو اهو جڻ تہ ڪيسيٽ پريل هئي جيڪا وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي. سيني ساڳيون ڳالهيون ڪيون ۽ ڪيترن هنڌن تي تہ لفظ ۽ جملا بہ ساڳيا استعمال ڪيائون. مثال طور سيني چانڊين چيو تہ عبدالحميد جتوئي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سنڌ سان غداري ڪئي آهي ان ڪري ڪيس سنڌي قوم جي دائري مان خارج ڪيو وڃي بلڪہ هنن عبدالحميد جتوئيءَ کي سنڌي قوم مان نيڪالي ڏيڻ جو اعلان بہ ڪري ڇڏيو. ميزبانن لاءِ سوچڻ جو سوال اِهو هئو تہ جي. ايم. سيد جيڏي پائي جي شخصيت جي ياد ۾ ٿيندڙ "قومي پروگرام" ۾ ان طرح جون فتوائون درست هيون؟ ۽ آيا جن ماڻهن اهي فتوائون ڏنيون اهي ائين ڪرڻ جا اهل بہ آهن؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سنڌين جي باري ۾ فتوا ڏيڻ جي پوزيشن ۾ هئو تہ اهو صرف جي. ايم. سيد هئو پر هن ڪڏهن اهڙي انداز ۾ گفتگو نہ ڪئي. اسٽيج تي بار بار جي. ايم. سيد جو نالو وٺندڙ سندس ڪردار ۽ رويي جو ذڪر نہ ٿا ڪن. پر اهي ڪندا بہ ڇو انهن کي جي. ايم. سيد جي ڪردار سان نہ پر نالي سان مقصد آهي.ٻين کي تہ ڇڏيو پر هميشہ علم، عقل،فهم فراست، رواداري، وسعت نظري ۽ قومي سوچ جي ڳالهہ ڪندڙ عبدالواحد آريسر کي ڏسو. قومي تحريڪ ۾ بدڪردار ماڻهن جي ذڪر اچڻ تي جناب آريسر صاحب جهٽ ۾ ناراض ٿي پيو ۽ سيد جا حوالا ڏيندي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سيد اهڙن ماڻهن جي بہ قومي تحريڪ ۾ رکڻ جو حامي هئو پر عبدالحميد جتوئي خلاف فتوائون ڏيندڙن کي اهو نہ چئي سگهيو تہ جي. ايم. سيد تہ محمد ايوب کهڙي ۽ پير علي محمد راشديءَ کي بہ سنڌي قوم جي دائري مان خارج ڪو نہ ڪيو.

بهرحال ان سموري صورتحال دوران اسان اهو سوچي خاموش رهياسين تہ سائينءَ جي نالي تي ٿيندڙ پروگرام ۾ ڪا بدمزگيءَ جهڙي ڳالهہ نہ ٿئي. پر جڏهن سائينءَ جي فڪر ۽ جدوجهد کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو ويو تہ پوءِ وڌيڪ سوديبازي (Compromise) ڪرڻ اسان لاءِ ممڪن نہ رهيو ۽ اسان پنهنجو نقطہ نگاهہ پيش ڪيو. سڀ کان اهم ڳالهہ اها ٿي تہ ذات پرستي ۽ نسل پرستيءَ کي وڌايو ويو. حقيقت اها آهي تہ سائين جي. ايم. سيد جي سڄي فڪر جو مرڪزي نقطو ئي ذات پرستي ۽ نسل پرستيءَ جي خلاف جدوجهد آهي. سندس سڄي تعليم توڙي عمل اهو هوندو هئو تہ اسان ذاتي، قبيلائي ۽ مذهبي فرقن مان نڪري پنهنجي سڃاڻپ سنڌي قوم طور ڪرايون. جڏهن تہ سائينءَ جي مخالفن ۽ سنڌي قوم جي دشمن جي اها ڪوشش رهندي آئي آهي تہ سنڌي ماڻهن کي ذاتين ۽ نسلن جي بنياد تي ورهائي رکجي جيئن اهي هڪ قومي پليٽ فارم تي گڏ ٿي نہ سگهن. ڀٽو هجي يا ضياءُ الحق انهن سيني سنڌ ۾ ذات جي بنيادن تي تنظيمن جي همت افزائي ڪئي. سائينءَ جو قريبي ساٿي حفيظ قريشي صاحب هميشہ اها ڳالهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو هئو ته اڳ ۾ اسان سنڌي ٻولي ته ڳالهائيندا هئاسين پر اها خبر ڪا نه هئي ته ڪو اسان سنڌي آهيون. اسان پاڻ کي قريشي، جوڻيجا، سيد، چانڊيا، مگسي وغيره چوائيندا هئاسين اهو جي. ايم. سيد هئو جنهن اسان کي سمجهايو ته اسان سنڌي قوم آهيون. اهڙيءَ طرح مون پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اسان جي. ايم. سيد جي نالي کي نسل پرستيءَ لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏينداسين ۽ اهو ته ايم ڪيو ايم سان به اسان جو جهيڙو نسل پرستيءَ تي ٿي آهن. ان ڳالهه تي قومي محاذ جا ليڊر صفا چڙي پيا ۽ ورسيءَ جو باقي سمورو وقت چانڊين جي تنظيمن سان گڏجي نسل پرستيءَ جو بچاءُ ڪندا رهيا.

مون سائين جي. ايم. سيد جي قومي آزاديءَ واري فڪر جي سچائي، اهميت ۽ افاديت جي حق ۾ دليل ڏيڻ کان علاوه پنهنجي تقرير ۾ ٻي اِها ڳالهه چئي ته اسان سيد جي سالگرهه يا ورسيءَ جي پروگرام ۾ ڪنهن مذهبي عقيدي تحت ڪو نه ٿا اچون نه ڪو ٿي اسان جو مقصد ڪنهن مذهبي رسم جو پورائو ڪرڻ آهي، پر هتي گڏجڻ جو مقصد اهو آهي ته سائين جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار جي روشنيءَ ۾ اڄوڪي سنڌ جي صورتحال جو، سنڌ جي قومي تحريڪ جو ۽ پوءِ خود پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺون ۽ ضرورتن مطابق پاڻ ۾ سڌارا ۽ درستيون آڻيون. اها ڳالهه به قومي محاذ جي همراهن کي نه آئڙي ۽ سيني تقريرون ڪندڙن ان تي زور ڏنو ته سائين جي. ايم. سيد پيغمبر هئو بلڪل ائين جيئن مذهبي مفهوم ۾ پيغمبر ٿيندا آهن. ان لاءِ هنن مختلف مذهبي پيغمبرن جا مثال به ڏنا ۽ اهو چيو ته پيغمبر ڪڏهن به غلطي نه ڪندا آهن ۽ انهن جي ڳالهين تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪبو آهي. اسان (قومي محاذ وارا) سيد جي ڳالهين بابت سوچڻ ڪفر سمجهندا آهيون ۽ جيڪي ماڻهو سيد جي ڳالهين بابت دليل دلائل ٿا ڪن انهن جون دليون صاف ناهن. هاڻي ڏسجي ته ان معاملي بابت حقيقي صورتحال ڇا آهي. پهرين ڳالهه ته اهو بلڪل غلط آهي ته ڪو قومي محاذ وارا همراه سائين جي. ايم. سيد جي ڳالهين تي اکيون ٻوٽي عمل ڪندا آهن. حقيقت اِها آهي ته اهي ڪيترن اهم مسئلن تي سائينءَ جي نقطه نگاه جي ابتڙ عمل ڪندا آهن ۽ ڪيترن معاملن ۾ ته ائين به ٿيو ته سائين جي واضح هدايتن جي باوجود انهن همراهن ابتڙ عمل ڪيو جنهن جا ڪيترائي مثال موجود آهن. ٻي ڳالهه اها ته مذهبي مفهوم ۾ سائين پيغمبر هئو ئي ڪو نه جنهن جي ڳالهه تي اکيون ٻوٽي ايمان آڻجي نه ئي ڪڏهن سائينءَ اهڙي قسم جي ڪا ڳالهه ڪئي بلڪ هميشه هو پنهنجي ڳالهه جي حق ۾ دليل ڏيئي پوءِ چوندو هئو ته هاڻي جنهن کي سمجهه ۾ اچي اهو مڃي جنهن کي نه اچي اهو ڀلي نه مڃي. ٽين ڳالهه اِها آهي ته خود سائين جي. ايم. سيد جو چوڻ هوندو هئو ته پيغمبر به غلطين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پاڪ نہ آهن ۽ چوتين ڳالهہ اِها تہ سائين جي. ايم. سيد پنهنجي سياسي زندگيءَ ۾ ڪافي غلطيون ڪيون جن جو پاڻ اعتراف ڪندو رهيو.

ان ڪان علاوه پنهنجي اعمالن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ۾ سائينءَ تي پيون بہ ڪيتريون تهمتون لڳايون ويون.مثال طور سائينءَ کي تشدد جو حمايتي ڪري پيش ڪيو ويو. هڪڙي قومي محاذ جي ليڊر تقرير ڪندي چيو تہ جڏهن سنڌي ماڻهو قتل ٿيندا هئا ۽ اسان انهن جو "پلاند" ڪري ايندا هئاسين تہ سائين اجرڪون پارائيندو هئو. ٻئي وري هڪڙي ليڊر سيد کي ڏوهاري ۽ بدڪردار ماڻهن جو حمايتي ڪري پيش ڪيو. جي سيد پاڻ بلند ڪردار هئڻ باوجود اهڙن ماڻهن کي ڪجهہ ڪونہ چوندو هئو بلڪہ ننڊ ۾ انهن جي مٿان پاڻ رليون ۽ ڪپڙا وجهندو هئو. سائين اهڙو شفيق برابر هئو جو ڪنهن بہ فرق کان سواءِ مهمانن ۽ خاص ڪري ڪارڪنن جي سارَ سنڀال لهندوهئو پر هن ڪڏهن بہ ڪردار جي اهميت کي گهٽ ٿيڻ نہ ڏنو. هو سوين دفعا لکي چُڪو ۽ هزارين دفعا چئي چُڪو تہ بلند ڪردار کان سواءِ مقصد حاصل ٿي نہ سگهندو يا اهو تہ نيڪ مقصد غلط طريقن سان حاصل نہ ٿيندو. ان کان علاوه ڪيترا دفعا ماڻهن جا نالا وٺي افسوس ڀرئي لهجي ۾ چيائين تہ منهنجي تحريڪ جا فلاڻا ماڻهو ڪڏا ڪم ٿا ڪن يا جڏهن بہ اخبارن وارا ڪانئس جانشين جي باري ۾ پڇندا هئا تہ چوندو هئو جيڪو بہ بلند ڪردار رکندو ۽ عمل صالح ڪندو اهوخودبخود منهنجو جانشين ٿيندو.

سائين جي. ايم. سيد جي ملهايل ٽين ورسيءَ جي ان مختصر احوال منجهان ڪجهہ سوال جنم وٺن ٿا. هڪ اهو تہ جيڪي ماڻهو چوندا رهندا آهن تہ اسان سائينءَ جي رهبريءَ هيٺ غير مشروط طور گڏجڻ لاءِ تيار آهيون ڇا اُهي واقعي گڏجڻ چاهين ٿا ۽ ڇا انهن کي غير مشروط ۽ گڏجڻ لفظن جي مفهوم ۽ معنيٰ جي خبر بہ آهي؟ ٻيو اهو تہ جيڪي ماڻهو سيد خاندان جي توسط سان طئي ٿيل ڳالهين جي پورائي خاطر ۽ سيد جي ورسيءَ کي شاناٺتو بنائڻ خاطر هڪڙي تقرير جي قرباني نٿا ڏيئي سگهن اهي سيد جي ڏکئي مِشن جي ڪاميابيءَ خاطر ڪهڙي قرباني ڏيندا؟ پر انهن کان بہ وڌيڪ اهم سوال اهي آهن جيڪي سائين جي. ايم. سيد جي فڪر، جدوجهد ۽ ڪردار سان واسطو رکن ٿا. پهريون اهو تہ جي. ايم. سيد هڪ روشن خيال، ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو مالڪ، مفڪر ۽ مدبر هئو يا عقيدي پرستي پکيڙيندڙ مذهبي پيشوا، ٻيو تہ جي. ايم. سيد سنڌ ۾ جديد قومپرستيءَ جو باني هئو يا نسل پرستيءَ کي فروغ ڏيندڙ. ٽيون اهو تہ جي. ايم. سيد عدم تشدد جو علمبردار هئو يا تشدد جو پرچارڪ ۽ چوٿون اهو تہ جي. ايم. سيد پاڪ صاف ۽ بلند ڪردار جومالڪ هجڻ سان گڏ ان جو مبلغ هئو يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدڪرداريءَ جو بچاءُ ڪندڙ؟

سنڌ ۾ سنڌيت جو جيڪو شعور آهي ۽ قومپرستيءَ جي جيڪا جدوجهد آهي اها سائين جي. ايم. سيد سان منسوب آهي ان ڪري ان جو مستقبل بہ سيد جي فڪر ۽ ڪردار سان وابستہ آهي. اهڙي صورت ۾ سيد جي سياسي پوئلڳن توڙي خاندان وارن تي اهو قومي ۽ تاريخي فرض عائد ٿو ٿئي تہ مٿين چئن سوالن جا جواب ۽ انهن بابت پنهنجو نقطہ نگاهہ سنڌي قوم آڏو وضاحت سان پيش ڪن. خاص ڪري خاندان جا اهي فرد جيڪي سنڌس سياسي مِشن سان پاڻ کي وابستہ ڪن ٿا، اُن کان علاوہ اهي اديب، دانشور ۽ ليکڪ جيڪي جي. ايم. سيد کي سنڌ جو قومي رهنما سمجهن ٿا انهن کان پڻ وقت ۽ حالتون تقاضا ٿيون ڪن تہ سمورن مصلحتن، مفادن ۽ ذاتي لڳ لاڳاپن کان مٿانهون ٿي قومي مفاد ۾ انهن سوالن جي مختلف پهلوئن تي تفصيل سان روشني وجهن.

عوامي آواز ڪراچي ۱۱ مئي ۱۹۹۸ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انساني عظمت ۽ جي.ايم. سيد

دنيا جا سمورا وڏا ماڻهو متنازع رهيا آهن پوءِ اهي مذهبي اڳواڻ هجن يا سياسي رهنما، سائنسدان هجن يا فيلسوف، ليکڪ هجن يا سماج سڌارڪ. پنهنجي پنهنجي وقت ۾ اهي ماڻهن جي وڏي اڪثريت وٽ متنازع هئا جڏهن تہ بعد جي دورن جي ماڻهن انهن جي عظمتن جي اڳيان پنهنجا سر جهڪايا. گوتم هجي يا گئليلو، سقراط هجي يا عيسيٰ، روسو هجي يا نيوٽن، منصور هجي يا مارٽن لوٿر اهي سڀ انساني تاريخ جا اهي ڪردار آهن جن جي طفيل انسانذات اڄوڪي ترقي يافتہ شڪل صورت اختيار ڪئي آهي. اهي متنازع ان ڪري رهيا جو انهن ايندڙ وقتن جون ڳالهيون ڪيون ۽ اهي عظيم ان ڪري تسليم ڪيا ويا جو ايندڙ وقت جي انسانن کي انهن جي ڳالهين ۾ پنهنجي نجات ۽ ترقي نظر آئي.

جي.ايم. سيد بهرحال هڪ غير معمولي انسان هئو. هو يقيناً وڏو متنازع (شايد نندي ڪنڊ جو سڀ کان وڌيڪ متنازع) هئو ۽ هو ڪيترو وڏو ماڻهو هئو اڄوڪي دؤر جون حالتون ۽ اڃا بہ وڌيڪ ايندڙ دور جون حالتون ٻڌائينديون. سائين جي.ايم. سيد جي زندگيءَ کي ٿلهي ليکي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ١٩٥٠ع تائين سائين سنڌ جي حقن لاءِ هڪ عملي سياستدان وانگر جدوجهد ڪئي. حل ٿيڻ جي بجاءِ مسئلا وڌيڪ سنگين شڪل اختيار ڪندا ويا ۽ سنڌي قوم لاءِ صورتحال مشڪل کان مشڪل تر ٿيندي ويئي. ٥٠ ۽ ٦٠ وارن ڏهاڪن دوران سائينءَ سنڌ کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ بہ جاکوڙيندو رهيو پر ان سان گڏوگڏ هن انهن مسئلن جي اصلي ۽ بنيادي ڪارڻن بابت وڌيڪ سوچڻ شروع ڪيو. انهن مسئلن ۽ مصيبتن جي تاريخي، سياسي ۽ اقتصادي سببن ۽ پس منظر جي کوجنا ۽ ڳولا ڪري انهن کي سنڌي ماڻهن اڳيان آڻڻ جا جتن ڪندو رهيو ان عرصي دوران سندس ڪجهہ تمام اهم ۽ شاهڪار ڪتاب ميدان ۾ آيا. سن ١٩٧١ع تائين سيد جي سوچ هڪ واضح، حتمي ۽ نوس صورت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ پنهنجي باقي زندگي هو انهيءَ سوچ جي واڌ ويجهہ، ڦهلاءُ ۽ عملي شڪل لاءِ ڪوشان رهيو. ۽ اها چٽي ۽ مضبوط سوچ اها هئي تہ سنڌ تاريخي، سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي طور هڪ قوم آهي ۽ قومي آزادي ان جو فطري حق آهي ۽ ان حق جي حاصلات لاءِ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي طرفان طور طريقا ۽ رستا به ٻڌايا.

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جي.ايم. سيد واحد سياستدان هئو جنهن علي لاعلان، واضع نموني ۽ بغير ڪنهن اگر مگر جي چيو ته مذهب کي سياست کان علحده رکيو وڃي، نه رڳو چيو پر ان لاءِ جدوجهد به ڪئي. ان جي پاداش ۾ مٿس ملن تعزير ڪڍيا. حڪمرانن مٿس اسلام دشمنيءَ جا ڪيس داخل ڪيا ۽ عام ماڻهو سندس مخالف ٿي پيا. اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن جن ڪان هر ماڻهو متاثر ٿئي ٿو/ ڊڄي ٿو ۽ پاڪستان جا سمورا سياستدان انهن ڳالهين کان ڊڄندا رهيا آهن. نتيجي طور اهي سڌي يا اڻسڌي نموني سياست ۽ مذهب جي ميلاپ جي حمايت ڪندا رهيا. انهن ۾ مارڪسزم جا ڪتاب مٿي تي رکي هلندڙ ڪامريڊ به هئا ته آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج جون ڊگريون ۽ تمغا سينن تي سجائي ترقي ۽ روشن خياليءَ جون دعوائون ڪندڙ پڻ. هڪڙو سيد ئي هئو جيڪو ڪنهن سزا، ڪنهن گلا ۽ ڪنهن مخالفت جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ سيڪيولرازم جي تبليغ وڏي واڪ ڪندو رهيو. رڳو اها ڳالهه به سيد کي ٻين کان منفرد ۽ ممتاز ڪري ٿي سگهي پر جيئن مٿي چيو ويو آهي ڪنهن ماڻهوءَ جي وڏائي ۽ ان جي ڪيل ڪمن جي سچائيءَ جي پرک ايندڙ وقت هوندو آهي. جي.ايم. سيد جڏهن سيڪيولرازم جي حق ۾ ۽ مذهبي بنياد پرستيءَ جي خلاف لکيو ۽ ڳالهايو ته ويجها دوست به سندس سات ڇڏي ويا پر اها هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي ته ماضي قريب ۾ سنڌ مذهبي نفرت ۽ جهيڙن کان جيڪا بچيل رهي آهي ان ۾ ٻين عنصرن سان گڏ سيد جي رول جو به اهم حصو آهي ۽ اها به هڪ اڻٽندڙ حقيقت آهي ته سيد جي انتقال ڪانپوءِ مذهبي جهيڙن سنڌ ۾ ڪَرَ کڻڻ شروع ڪيو آهي پر پوءِ به ان کي اها پذيرائي ۽ حمايت نه ٿي ملي جيڪا پاڪستان جي ٻين حصن ۾ آهي. ٻئي طرف پاڪستان جي حڪمرانن سيد کي غدار چئي قيد رکيو ۽ پاڻ موقع پرستي ۽ ڪوتاهه نظريءَ جو مظاهرو ڪندي مذهبي جنونيت کي هٿي ڏني جنهنجو سڌوسنئون ۽ منطقي نتيجو سنگين کان سنگين تر ٿيندڙ مذهبي تفرقو ۽ بنياد پرستي ۽ ان جي نتيجي ۾ وهندڙ رت جا درياهه آهن. اهڙي صورتحال لاءِ خاص ڪري ١٩٧٠ع کانپوءِ آيل حڪمران ذميوار آهن جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، ضياءُ الحق، بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف شامل آهن.

مذهب جي نالي ۾ قائم ٿيندڙ هن ملڪ ۾ سيد ئي جيڪا اهم ڳالهه ڪئي سا اها هئي ته قومون مذهب جي بنياد تي نه ٺهنديون آهن ان ڪري هتي هڪڙي قوم نه پر گهڻيون قومون آهن جن کي ٺاهيندڙ فيڪٽر تاريخ، جاگرافي، زبان، ڪلچر ۽ اقتصادي مفاد آهن ۽ اهو پڻ ته انهن قومن منجهان هڪ پنجابي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم آهي ۽ باقي ٻيون سڀ محڪوم، اها ڳالهه پنهنجي وقت ۾ سڀ کان وڏيڪ طوفان برپا ڪندڙ هئي. هڪڙا (خاص ڪري پنجاب سان تعلق رکندڙ) ان کي ملڪ دشمن، اسلام دشمن ۽ عوام دشمن سمجهي ان جي مخالفت ڪندا رهيا ٻيا وري اقتدار جي لالچ ۾ ۽ ٽيان وري سزا جي خوف کان ان کي غلط چوندا رهيا. هاڻي ڏسجي ته معروضي حالتون ڇا ٿيون ٻڌائين. هينئر حقيقت اها آهي ته سيد جا حمايتي توڙي مخالف سنڌس نقطه نظر سان اتفاق ڪرڻ تي مجبور آهن ۽ پوءِ ڪي سڌيءَ طرح ته ڪي اڻ سڌي ريت. ماضيءَ ۾ پنجاب جي هڪ هٿيءَ جي مخالفت ۽ صوبن جي حقن جي حمايت ڪندڙن جو هڪ ملڪ گير اجتماع تازو اسلام آباد ۾ ٿيو جنهن واضع لفظن ۾ اعلان ڪيو ته پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي، ان ۾ پنج قومون رهن ٿيون جن مان پنجاب حاڪم ۽ باقي ٻيون محڪوم قومون آهن. سيد جي سڀ کان وڏي مخالف جماعت پيپلز پارٽي رهي آهي. ان جي ليڊر ڪجهه عرصو اڳ ۾ چيو هئو ته جي.ايم. سيد سان گڏ سندس نظريو به قبر ۾ دفن ٿي ويو. هينئر اها ئي ليڊر چوي ٿي ته پنجاب جي هڪ هٽي قائم ڪئي ويئي آهي ۽ سندس پارٽي سنڌ ۾ سنڌي قومپرستيءَ جون ڳالهيون ٿي ڪري ته پنجاب ۾ پنجاب جي بالادستي برقرار رکڻ لاءِ زور ٿي لڳائي. اهي ته ڇڏيو هن ملڪ جا "اصلي حاڪم ۽ وارث" به پنهنجي بنيادي ڳالهه تان هٽ ڪٽي ويا آهن. اهي هاڻي ان ڳالهه تي زور ڪونه ٿا ڏين ته هي هڪ مسلم قوم آهي. چون ٿا ته "اسين پاڪستاني قوم آهيون". ان جي معنيٰ ته مسلم قوم جي جنهن بنياد تي ملڪ قائم ڪيو ويو اهو ڇتو. وڏي ڳالهه ته پاڪستاني قوم جا بنياد زمين ۽ ڪلچر جي آثار تي ناهڻ جا جتن ڪيا پيا وڃن.جنهن لاءِ "مذهبي" ۽ غير مذهبي " ٻنهي قسمن جا دانشور ميدان ۾ لهي پيا آهن. جڏهن سيد قوم جو بنياد زمين، تاريخ ۽ ڪلچر کي قرار ڏنو تڏهن انهن ۽ ساڳين "محبت وطن دانشورن" ۽ سندن وڏن کيس ڪافر چيو هئو.

قومپرستيءَ جي سوچ کي اڳتي وڌائيندي جي.ايم. سيد چيو ته سنڌي قوم غلام آهي، آزادي ان جو حق آهي، جيڪو ان کي ملڻ کپي ۽ ضرور ملندو. ان تي ڪيترن ماڻهن (جن جو تعلق ڪميونزم ۽ سرمائيداري ٻنهي سان هئو) اهو چيو هئو ته قومي آزادي يا علحده قومي تشخص جو دور گذري ويو. ڪن ڪميونزم جي نالي م ته ڪن سرمائيداري نظام هيٺ دنيا جي ڳنڍجي هڪ ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي. سيد به عالمي ڀائيچاري ۽ سموري انسانذات جي ترقيءَ جو وڪيل هئو. پر هن جو چوڻ هئو ته ان مقصد لاءِ هر قوم پنهنجي طريقي ۽ مزاج مطابق پيش قدمي ڪندي. سيد ته پنجاب جي انهن بزرگن ۽ شاعرن کي به پنهنجو رهنما چوندو هئو جن ڳنڍجڻ جي ڳالهه ڪئي بني نوع آدم جي هڪ جهڙائيءَ ۽ ترقيءَ جا گيت ڳايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس سندس چوڻ هئو تہ هر قوم کي پنهنجي مرضي ۽ مزاج مطابق ڪوششون وٺڻ جو حق هجڻ کپي ان لاءِ ئي هو سنڌ جي آزاديءَ جو طالبو هئو. هاڻي ڏسجي تہ اڄ جي صورتحال ڇا تي بيٺل آهي. گذريل ڏهن سالن دوران سڄي دنيا ۾ رونما ٿيندڙ واقعن هڪ دفعو وري ثابت ڪيو آهي تہ قومن جي آزادي هڪ اهڙو مرحلو آهي جنهن مان گذرڻ ڪانسواءِ نہ تہ ڪو سماج اڳتي وڌي ٿو سگهي نہ ئي انسان صحيح معنيٰ ۾ ترقي ڪري ٿو سگهي. جيڪي قومون گهڻو وقت اڳ ۾ آزادي حاصل ڪري چڪيون هيون انهن ترقي بہ گهڻي ڪئي آهي ۽ هينئر پنهنجي رضا خوشيءَ سان گڏجي رهي رهيون آهن. ان جي ابتڙ جيڪي بہ قومون ڪميونزم توڙي سرمائيداري نظام ۾ غلام هيون اهي آزادي حاصل ڪري رهيون آهن. پاڪستان ۾ پڻ سياسي ۽ اقتصادي ويڙهہ قومي/ علائقائي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. مختلف جماعتون ڀلي اهي سڄي ملڪ جي ڳالهہ ڪنديون هجن ۽ سندن نالي ۾ پاڪستان جو لفظ بہ هجي پر اهي بنيادي طور هن ملڪ جي ڪنهن نہ ڪنهن هڪ قوم جون جماعتون آهن ۽ انهن جي اولين ترجيح ۾ ان قوم جا مفاد آهن سواءِ هڪ پارٽيءَ جي جيڪا ڪنهن بہ قوم جي مفادن لاءِ ڪم نٿي ڪري. هن ملڪ ۾ تاريخي ۽ وطني قومن جو نالو وٺندڙن کي غدار چئي سزائون ڏنيون ويندڙيون هيون هينئر انهن قومن (سنڌي، بلوچ، پختون ۽ سرائڪي) جي آزادي ۽ خود مختياري لاءِ جدوجهد ڪندڙن سان حڪمران طبقن جا ماڻهو گفتگو ڪرڻ لاءِ آتا آهن. ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ ڪو حڪمران نعيتاً اشراف بڻجي ويا آهن پر حقيقت اها آهي تہ معروضي حالتون ان مرحلي تي پهتيون آهن. (اندروني توڙي بيروني) جو حڪمران اهڙو رويو اختيار ڪرڻ تي مجبور آهن. اها ئي جي.ايم. سيد جي سوچ جي سچائي آهي ۽ اها ئي سچائي کيس عظيم بڻائي ٿي.

وري جڏهن سيد اهو چيو تہ سنڌ جي آزادي عدم تشدد جي وسيلي حاصل ڪبي تہ ان تي بہ وڏا اعتراض ۽ اختلاف ٿيا. هن پيري اعتراض ڪندڙن ۾ حڪمرانن ۽ رجعت پسندن کان وڌيڪ "انقلابي" اڳرا هئا ۽ انهن "انقلابين" ۾ سندس مخالفن سان گڏ سندس پوئلڳ بہ هئا ۽ انهن پوئلڳن منجهان هڪڙا عدم تشدد جي فلسفي تي اعتراض ڪندي سندس کان عليحده ٿي ويا جڏهن تہ ٻيا اڃا تائين سندس پوئلڳيءَ جي دعوا ڪن ٿا. ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سيد عدم تشدد ذريعي سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي تہ ان وقت پڻ تشدد انقلاب جو رومانس عروج تي هئو. چي گويرا ۽ فيڊل ڪاسترو جو سحر نوجوانن تي ڇانيل هئو، ويٽنام جي جنگ عالمي طاقت آمريڪا جي شڪست تي منتج ٿي رهي هئي ۽ آئرلينڊ ۽ فلسطين جي آزادي پسندن جون تشدد واريون ڪارروايون دنيا کي پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن متوجهہ ڪري رهيون هيون. سنڌ ۾ بہ آزادي ۽ انقلاب لاءِ جاڪوڙيندڙن کي حڪمران ڏنڊي جي ذريعي خاموش ۽ ختم ڪرڻ جون ڪارروايون ڪري رهيا هئا. اهڙي ماحول ۾ عدم تشدد جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ ان تي قائم رهڻ صرف هڪ نهايت دوانديش ۽ باهمت انسان جي وس جي ڳالهہ هئي. ان وقت صحافي ۽ سياسي ماڻهو (حامي توڙي مخالف) جڏهن ڪائنس پڇندا هئا تہ پاڪستاني رياست جي اهڙي ظالمانہ صورت ۽ ايڏي وڏي فوج جي هوندي توهان سنڌ جي آزادي سا بہ پر امن طريقن سان ڪيئن ممڪن ٿا سمجهو؟. تہ سائين سدائين چوندو هئو تہ عالمي صورتحال ۾ اهڙيون تبديليون ايندين جو سنڌ جي آزادي ممڪن ٿي پوندي. هاڻي جيڪڏهن گذريل ڏهن سالن دوران دنيا اندر ايندڙ تبديلين تي نظر وجهبي تہ اها ڳالهہ روز روشن وانگر چٽي ٿي نظر اچي ٿي تہ انهن انهن قومن آزادي حاصل ڪئي آهي جن جي وجود کي بہ ماڻهن وساري ڇڏيو هئو ۽ اهو بہ پر امن طريقن سان. جيڪي ماڻهو بندوق سان آزادي ۽ انقلاب لاءِ وڙهي رهيا هئا اهي بہ صورتحال کي سمجهندي هاڻي تبديليءَ جا پر امن طريقا اختيار ڪري رهيا آهن. ٻيو تہ ٺهيو ذري گهٽ اڌ صديءَ تائين پر تشدد تبديليءَ جي علامت سمجهيو ويندڙ فيدل ڪاسترو بہ هينئر چوي ٿو تہ تشدد جو دور گذري ويو. هتي سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو اهو چئي سيد کي ڇڏي ويا تہ هاڻي سيد واري عدم تشدد جي سياست نہ هلندي اهي جلسا، جلوس، مظاهرا ۽ بک هڙتالون ڪري پاڻ کي مارڻ جا اعلان ڪري رهيا آهن ۽ جيڪي سيد جي ڪيمپ ۾ رهندي عدم تشدد کي بزدلي چوندا رهيا آهن. اهي هاڻي صبح شام قسم کڻي چئي رهيا آهن تہ اهي پر امن سياست ڪرڻ ٿا چاهين. صرف جيئي سنڌ محاذ هڪ اهڙي پارٽي آهي جيڪا سيد جي آزادي ۽ عدم تشدد واري رستي تي شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين واضع نموني ۽ ثابت قدميءَ سان هلي رهي آهي. هڪڙي ٻي ڳالهہ جيڪا جي.ايم. سيد تمام وثوق سان ۽ باربار چوندو هئو سا اها آهي تہ "هن ملڪ جو ٻيڙو هن ملڪ جا حڪمران ٻوڙيندا". ان وقت تمام ٿورا ماڻهو هوندا هئا جيڪي ان ڳالهہ کي سمجهندا ۽ ان تي يقين ڪندا هئا جڏهن تہ اڄ ملڪ اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر تمام ٿورڙا ماڻهو هوندا جيڪي ان ڳالهہ سان اتفاق نہ ڪن.

هاڻي سيد جي ڪيل ڳالهين ۽ اڄ جي دنيا جي حقيقتن ۽ نتيجن کي ڏسي پيٽي اسان فيصلو ڪريون تہ سيد ڪيترو وڏو ماڻهو هئو. باقي جيڪڏهن ڪي ماڻهو اهو چون تہ چاڪاڻ تہ جنهن وقت سيد اهي ڳالهيون ڪيون ان وقت ئي پوريون نہ ٿيون تنهن ڪري هو غلط يا ناڪام ڄڻبو تہ پوءِ تہ هڪ ٻن کي ڇڏي باقي انساني تاريخ جا سمورا وڏا ماڻهو ناڪام ڄڻبا ڇاڪاڻ تہ گوتم ٻڌ هجي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسيٰ هجي يا مارڪس انهن سيني جي فڪر سندن حياتيءَ کان بعد ۾ نئي ڪاميابي ماڻي.

انهن سيني ڳالهين ڪرڻ مان منهنجو اهو مقصد ۽ مطلب قطعي ڪونهي تہ ڪو جي.ايم. سيد مافوق الفطرت هئو ۽ هن کا بہ غلطي ڪانہ ڪئي پر ثابت اهو ڪرڻو آهي تہ جي.ايم. سيد هڪ غير معمولي انسان هئو، ۽ جيئن تہ انسان هئو تنهن ڪري دنيا جي سمورن انسانن وانگر هن کان بہ غلطيون سرزد ٿيون پر ان جي باوجود هن ايترا اهم درست ۽ وڏا ڪم ڪيا جيڪي نہ رڳو ڪيس عام انسانن کان ممتاز ڪن ٿا پر هن خطي ۾ انساندات جي آزادي، ترقي ۽ امن لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿي رهيا آهن.

روزانہ سنڌ حيدر آباد ١٧ جنوري ١٩٩٩ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوشلزم جو اولين پرچارڪ

سوال: سائين جي.ايم. سيد کي سياسي ۽ نظرياتي حوالي سان اوهان ڪيئن ڏٺو؟

جواب: سنڌ ۾ نظرياتي سياست جا بنياد سائين جي.ايم. سيد رکيا ۽ اهي ايترا مظبوط رکيا آهن جو اڄ تائين ان جي هلچل هلي پئي، پوءِ ڀلي ان جي ڪو مخالفت ڪندو هجي، اها مثبت ڳالهه آهي. چاڪاڻ ته جيتري وڏي ڳالهه هوندي، دور رس ڳالهه هوندي، ان جا اوترا مخالف هوندا. توهان ڏسندؤ ته نيشلزم جي حوالي سان سنڌ جي سموري سياست سائين جي.ايم. سيد جي اردگرد ڦري ٿي پئي ۽ اها ئي جي.ايم. سيد جي نظرئي جي ڪاميابي آهي، ته جي.ايم. سيد ۽ ان جو نظريو هڪ پئي سان هم آهنگ آهن. ذاتي حيثيت ۾ به سائين تمام وڏو ماڻهو هو. ماڻهو اچا به وڏن سان ڳالهائيندي ڪجهه جهجهڪ محسوس ڪندو هو. پر سائينءَ سان ملڻ وقت ماڻهوءَ کان سڄي دنيا وسري ويندي هئي. جيتري دير به اتي ويهبو هو، ان مهل ماڻهو پاڻ کي الائي ڪيڏو نه خوشنصيب محسوس ڪندو هو. ٻي وڏي ڳالهه اها هئي ته ڪيترا اهڙا مرحلا آيا، جن ۾ سائين عملي طرح اهو محسوس ڪرايو ته هو پنهنجن پڇن کان وڌيڪ قومي ورڪن کي پائيندو هو.

١٩٨٧ع ۾ سائين جي سالگره جو اعلان ڪيو ويو ۽ ان سالگرهه تي پابندي هنئي ويئي سرڪار طرفان. چاڪاڻ ته ان سالگره ۾ خان غفار خان اچڻو هيو. ۽ ٻيا به ليڊر اچڻا هئا. ٿيندو چا هو ته سائين جي سالگره شروع ٿيڻ کان ١٥ ڏينهن اڳ ماڻهن جي سن. سائين وٽ اڄ وڃ شروع ٿي ويندي هئي. ان لاءِ جيئن ئي سرڪار پابندي وڌي ته پوءِ پوليس جا وڏا اڌالا سن پهچي ويا ۽ چيائون ته سرڪاري طور سائين جي سالگره ڪرڻ نه ڏينداسون اهو سرڪار جو حڪم آهي جنهن تي سائين چيو ته ڪنهن به صورت ۾ سالگرهه جو پروگرام ٿيندو. اتي امير حيدر شاهه سائين کي چيو ته پوليس تمام گهٽي اچي وئي آهي ۽ وڏو جهيڙو ٿيندو ان لاءِ توهان ڪراچي هلو. جنهن تي سائين چيو ته هي هيڏا ماڻهو منهنجي سالگره تي ۽ منهنجي ڪري آيا آهن ۽ آئون ڪراچي هلان، اهو ڪڏهن به نه ٿيندو ۽ آءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي ٿي هوندس ۽ ماڻهن سان گڏ هوندس پلي چا به ٿي پوي، سالگره ضرور ملهائيبي. امير حيدر گهٽو ٿي زور پريس ته توهان کي نظر بند ڪري ڇڏيندا. پر سائين هن کي چوندو رهيو ته هجي سرڪار ۾ همت ته مون ۾ هٿ وجهي ڏيکاري. سائين چيو ته مون کي هيترن ماڻهن جي وچ ۾ زوريءَ ڪنيو ويو ته آءٌ جسماني مزاحمت ڪندس. ڪنهن به صورت ۾ هنن آيل مهمانن جو ساٿ نه ڇڏيندس.

هي ڳالهه ته هڪڙي دفعي سائين نظر بند هيو. اهو دور بينظير حڪومت جو پهريون دور هيو. ان وقت صرف ٻن ماڻهن کي ملاقاتن جي اجازت هئي، هڪ ملازم ۽ ٻيو خاندان جا ماڻهو ۽ ٻين جي ملاقات تي سخت پابندي هئي. سائين منهنجو نالو ملازمن جي ملاقات ۾ وجهرائي ڇڏيو هو. ان وقت آءٌ سائين سان ملاقات لاءِ ويس. اتي سائين مون کي ٻڌايو ته مون سڄي رات ننڊ نه ڪئي، جنهن ۾ زندگي جو تجزيو ڪيو آهي مون کي پاڻ ۾ ٣ خوبيون ۽ ٣ خاميون نظر آيون آهن، خامين ۾ پهرين خامي اها نظر آئي ته آءٌ ٻهراڙيءَ جي ماحول سان واسطو رکان ٿو، ٻيون ته مان گهٽ پڙهيس، ٽيون ته مان جذباتي آهيان.

خوبين ۾ سائين چيو ته پهرين خوبي اها اٿم ته سچ ڳالهايان ٿو، ٻي سنڌ سان پيار ڪريان ٿو ۽ ٽين خوبي اها آهي ته آءٌ قرباني ڏيئي سگهان ٿو. ان حوالي سان مون کي ڪوبه اهڙو ليڊر نظر نه ٿو اچي جيڪو پنهنجي لاءِ اهڙي دعوىٰ ڪري ۽ پنهنجي زندگيءَ لاءِ اهڙو تجزيو پيش ڪري.

سوال: ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته سائين پنهنجي طبقي جي مفادن جي خلاف ڪڏهن به سياست نه ڪئي؟.

جواب: سائين ائين ڪڏهن به ناهي ڪيو ان جو مثال پاڻ سائينءَ جي تنظيم جي جوڙجڪ مان لڳائي سگهون ٿا. ته سائين جي اردگرد جيڪي به ماڻهو هئا انهن جي جوڙجڪ وڏيرڪي ۽ وڏيرن جي خلاف رهي آهي. پاڪستان ٺهڻ وقت سائين جي اردگرد وڏيرا هئا. ان جو به ڪارڻ اهو هيو ته ان وقت سنڌ ۾ مڊل ڪلاس هيوئي ڪونه. جيڪو سياسي ذهن هوندو آهي، حقن جي ڳالهه ڪندو آهي. پر اهو به ٿورڙو عرصو رهيو. سنڌ ۾ جيئن ئي مڊل ڪلاس ٺهڻ لڳو ته سائين جي سموري سياست انهن وٽ وئي ۽ وڏيرا پٺتي ويا. جنهن ڪانپوءِ پورا ٣٠ سال سائين جي پارٽي ۾ ويجهو بالڪل هيٺين ڪلاس جا ماڻهو هئا. اهي ئي سائين سان گڏ رهيا. نوبت ان ٿائين وڃي پهتي ته جيڪي سائين جا مٽ مائٽ هئا اهي به سائين کي ڇڏي ويا. ٻي ڳالهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سائين جي سياست جو مزاج سڄبو جاگيرداري رويي جي خلاف رهيو آهي. مثال طور: توهان کي سائين جي.ايم. سيد سان ملڻ لاءِ ڪنهن بہ ڊي سي يا ڪمشنر يا ٻئي ڪنهن بہ اٿارٽيءَ کان پرميشن وٺڻي ڪانہ پوندي هئي. ڪنهن بہ گارڊ جي ويجهو لنگهي سائين ڏانهن وڃڻو نہ پوندو هو. سائين جا دروازا سدائين هر ماڻهوءَ لاءِ کليل رهندا هئا. توهان ڪنهن مهل بہ سائين سان ملڻ ويا هوندؤ تہ سڌو سائين جي بيڊروم تائين پهچي ويندا هوندؤ. ۽ اهڙا ڪيترائي مثال آهن. ماڻهو سائين جي بيڊروم ۾ ويٺا هوندا هئا ۽ جڏهن سائين جي اک کلندي هئي تہ پڇا ڪندو هو تہ ڪير ويٺو آهي. ورندي ايندي هئي تہ فلاڻو آهيان ۽ سائين ڏاڍو خوش ٿيندو هو. تہ اهو جاگيردار رويو ٿي نہ آهي اهو سڀئون سڌو عوامي ۽ مظلومن لاءِ همدرديون ۽ محبتون رکندڙ رويو آهي. سائين جي.ايم. سيد پهريون ماڻهو هو جنهن سوشلزم جي وڪي واڪ وڪالت ڪئي ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ بہ لکيو. ١٩٥٠ع ۾ "موجوده سياسي مسئلا" ڪتاب ۾ سائين لکيو آهي سوشلزم لاءِ........ باقي ان وقت سائين ان ڳالهہ تي گهڻو زور نہ ڏنو. ڇاڪاڻ تہ سائين سمجهيو پئي تہ اسان جو سماج اڃا ان شيءَ کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهي. ان لاءِ جاگيرداري ۽ مذهبي انتها پسندي جهڙن ملڪن ۾ سيڪيولرزم جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي ان کان پوءِ خودبخود جمهوريت ۽ سوشلزم لاءِ راهہ ٺهي پوندي آهي. ٻي ڳالهہ تہ سائين ڪميونسٽن کي تمام گهڻو پاليندو هو. وس آهر انهن کي پاڙا خرچ ڏيندو هو. انهن سان ياري هوندي هين. ان ڪانپوءِ ڪامريڊ پاڻ سائين کي ڇڏي ويا. سائين انهن کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ سائين سڌي سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهہ پيو ڪري. هنن ڪامريڊن سان پنجابي ۽ مهاجر گڏ هئا. اهي اڳي هنن کي لڳا. جنهن ڪري ائين ٿيو. جيئن جام ساقي سائينءَ جي خلاف ڳالهائيندو هو. پر وري جڏهن سائين وٽ ايندو هو تہ سائين ان جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو.

سوال: سائين جيڪو سنڌ جو نعرو هنيو اهو وقت کان اڳ هيو؟.

جواب: سائين جي.ايم. سيد اهو پاڻ چوندو هو تہ آءٌ هڪ نظريہ دان آهيان. باقي عملي سياست جو پيروڪار ناهيان اهو ڪم سائين جي.ايم. سيد ٻولي ڪنيو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت سنڌ جي سياست ۾ محب وطن ماڻهو هيا ئي ڪو نہ. ان جي ڪري ائين محسوس ٿئي ٿو. توهان ڏسندؤ تہ دنيا ۾ جيڪو بہ نظريو آهي اهو اڳ ۾ ايندو آهي. پوءِ ان جي ماڻهو پيروڪاري شروع ڪندا آهن. جيئن ڪارل مارڪس پهرئين نظريو ڏنو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي توهين اهو نہ ٿا چئي سگهو تہ هن پهرئين نظريو چو ڏنو ۽ ان وقت کان اڳ ڏنو، اهو چوڻ مناسب ناهي. مارڪس نظريو ڏنو، ڪم جي شروعات ٿي وئي. سرمائيدار هوشيار ٿي ويا تہ هي اسان کي ختم ڪرڻ ٿا چاهين ۽ مارڪس جنهن دؤر ۾ نظريو ڏنو هو ان دؤر ۾ هو ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهيو. ان لاءِ پاڻ اهو چئي سگهون ٿا تہ مارڪس وقت کان اڳ نظريو چو ڏنو؟ يا هن جيڪي انقلاب آندا آهن اهي سرمائيدارن هلڻ ڪو نہ ڏنا، تہ چا پاڻ پوءِ بہ اهو چئون تہ هن نظريو چو ڏنو. سماج ۾ چڱي ۽ بُري ۾، حق ۽ سچ جي وچ ۾ هڪ جنگ هلندڙ آهي. اهي سڀ شيون انهن مرحلن جو حصو آهن. ان لاءِ شيون اهي ڏِسبيون جيڪي مجموعي طرح سان جيڏانهن ويندڀون هجن.

سائين جي.ايم. سيد جي تنظيم سازيءَ ۾ ڪمزوريون ان ڪري هيون، چاڪاڻ تہ سائين سڄي زندگي نظر بند رهيو، باقي تنظيم سازيءَ جون ذميواريون انهن دوستن ڏانهن وڃن ٿيون جيڪي ان عمل ۾ هئا. باقي سائينءَ جي حوالي سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ هڪڙو انسان ان ۾ بہ ڪيتريون ئي خاميون ٿي سگهن ٿيون پر سائين جي گهٽي تنظيم سازي نہ ڪرڻ جا بلڪل سبب موجود آهن. جي.ايم. سيد اهو واحد ماڻهو هو، جنهن دنيا جي آڏو اها ڳالهہ چئي تہ منهنجي تنظيم ۾ ڏوهاري ماڻهو آهن ۽ مون انهن کي چيو آهي تہ توهان اهي ڏوهہ ڪرڻ ڇڏي ڏيو. جي.ايم. سيد جيڪا عدم تشدد ۽ پيغمبرانہ صفت جي زبان ۾ اها ڳالهہ چئي اُها هنن ماڻهن لاءِ وڏي سزا هئي ۽ آءُ سمجهان ٿو تہ تنظيم سازي ڪرڻ جي ذميواري خاص ڪري هن پوئين دور ۾ سائين ڪري نہ ٿي سگهيو چاڪاڻ تہ سائين جي طبيعت، عمر جي اها تقاضا هئي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ڪم هئا، جيڪي سائين کي ڪرڻا پيا ٿي.

ان لاءِ تنظيم سازيءَ جو ڪم ٻين دوستن کي جيڪي پارٽي ميدان ۾ هئا، انهن کي ڪرڻ کپندو هو.

سوال توهان سائين جي.ايم. سيد کي نظرياتي حوالي سان ڪامياب سياستدان ٿا سمجهون يا ناڪام سياستدان؟

جواب: بنيادي طرح سائين جي.ايم. سيد جي ٣٠ يا ٤٠ واري ڏهاڪي ۾ وڃجي تہ پاڻ کي خبر پوندي تہ سائين جي.ايم. سيد عملي سياستدان هو، حڪومتون ٺهرائيندو هو، ڊهرائيندو هو، جيڪي پروگرام ٿيندا هئا انهن ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. معنيٰ اها ٿي تہ هو پنهنجي سياسي ۽ عملي ميدان ۾ بہ ڪامياب ماڻهو هو. پر جڏهن هن سنڌ جي آزاديءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريو ڏنو تہ اسين ان دور کي نظرياتي بنيادن تي ئي ڪامياب ۽ ناڪام ثابت ڪري سگهون ٿا. سائين جيڪو آزاديءَ جو نظريو ڏنو، اهو سچو ثابت ڪري ٿو تہ جي.ايم. سيد جنهن عدم تشدد جي ڳالهہ ڪئي ۽ ان وقت تشدد سڄي دنيا ۾ هڪ رومانس جي شڪل اختيار ڪري ويو هو. ان وقت سائين جي.ايم. سيد آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي ۽ اڄ سائين جي ڳالهہ سچي ثابت ٿي آهي. دنيا جون سڀ قومون آزاديون وٺن پيون، ڪي وٺي چُڪيون آهن. ان لاءِ سائين جي.ايم. سيد نظرئي جي حوالي سان بہ ڪامياب سياستدان آهي.

(هي انٽرويو پندرهن وار سنڌ لائن حيدرآباد ۾ ٦ـ٧ جنوري - فيبروري ١٩٩٩ع ۾ شايع ٿيو).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي ايم سيد: فڪر ۽ پيغام

١٧ جنوري ١٩٩٩ع تي پنهنجي مضمون ۾ مون ڪجهه اهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيو هو جيڪي سائين جي. ايم. سيد پنهنجي زندگيءَ دوران مختلف مرحلن ۽ موقعن تي چوندو رهيو هو ۽ جن ڪي وقت ۽ حالتن درست ثابت ڪيو آهي. انهن مان ڪجهه جو تعلق سماج جي عمومي ترقي ۽ عالمي صورتحال سان هو، جڏهن ته زياده تر ۾ هن ملڪ جي حڪمرانن جي ڪردار ۽ ڪرتوتن جي روشنيءَ ۾ نتيجن جي اڳ ڪٿي ڪيل هئي.

پر سائين جي. ايم. سيد اڄ ڪلهه جي اهڙن اڪثريتي سياستدانن وانگر بلڪل ڪونه هو، جيڪي هر ڳالهه جو ذميوار سامراج کي قرار ڏيندا آهن، پنهنجي هر ناڪاميءَ کي لڪائڻ لاءِ سازش جو فلسفو دهرائيندا آهن ۽ پاڻ ڪانسواءِ ۽ پنهنجي گروپ ڪانسواءِ باقي سڄي دنيا کي غلط چوندا آهن ۽ سندن سموري تبليغ ۽ واعظن جو مرڪزي نقطو اهو هوندو آهي ته صرف انهن وٽ ئي سنڌ جي سورن جيٰ علاج جو اڪسير نسخو آهي ۽ صرف ۽ صرف اهي ئي آهن، جيڪي سنڌي قوم کي نجات ڏياري ٿا سگهن رڳو قوم انهن کي ليڊر مڃي ڏسي ۽ پوءِ ان ڪوشش ۾ هر ماڻهوءَ کي راضي رکڻ لاءِ ان جي تعريف ڪندا آهن ۽ ان جي مرضيءَ جهڙو موقف اختيار ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت هر ڏينهن بدلجڻ سان ۽ هر شهر بدلجڻ سان انهن جا موقف به بدلبا رهندا آهن ۽ پوءِ صورتحال اها وڃي بيهندي آهي جيئن هڪڙي دوست کي لکئو پيو ته اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي دوستن ۽ ساٿين کي سچ نٿا چئي سگهن اهي حڪمرانن کي ڇا صحيح چئي سگهندا ۽ ڪهڙي قوم جي رهنمائي ڪندا؟ سائين هڪ اهڙو مدبر ۽ دور انديش شخص هو جنهنجي نظر هميشه قوم جي مستقبل ۽ اجتماعي ڀلي تي هوندي هئي هو هميشه اهي عمل ۽ اهي ڳالهيون ڪندو هو، جنهن سان قوم جي نجات ۽ ترقيءَ ۾ مدد ملي. ائين ڪندي هو اهو ڪونه ڏسندو هو ته سندس ذات کي يا سندس جماعت کي ڪهڙو فائدو يا نقصان ٿيندو. ان ڪري هو سنڌي قوم جي پست حاليءَ جو ايماندارانه ۽ غير جانبدارانه جائزو وٺندو هو. ڌارين حڪمرانن جي چالبازين ۽ نا انصافين جو پول پڌرا ڪرڻ سان گڏ هو سنڌين جي پنهنجي ڪردار جي پڻ ڇنڊڇاڻ ڪندو هو نه رڳو ڇنڊڇاڻ ڪندو هو ۽ ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جي نشاندهي ڪندو هو، پر انهن جي سڌاري جو علاج به ٻڌائيندو هو، اهي دڳ ۽ رستا ٻڌائيندو هو جن تي هلي سنڌي ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي ڪري سگهن. ان ڏس ۾ سائين جي لکيل جو ۽ گفتگو جو هڪ وڏو حصو صرف ٿيندو هو. انهن ۾ جتي سنڌي ماڻهو عمومي طور سائينءَ جا مخاطب هوندا هئا اتي پنهنجي تحريڪ سان وابسته ماڻهن لاءِ خصوصي پيغام هوندو هو. انهيءَ بي انتها ۽ بي بها خزاني مان صرف ڪجهه ڳالهين جو ذڪر آءٌ اجوڪي ڏينهن جي حوالي سان ڪرڻ چاهيندس ان لاءِ ته جيئن ماڻهن کي ياد ڏيارجي ته جي. ايم. سيد ڪنهن عقيدي جو نالو ڪونهي، جنهن کي دهرائڻ سان ثواب ملي پر هڪڙو عمل آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان ۽ هڪ رستو آهي، جنهن تي هلڻ سان ئي سنڌي قوم لاءِ ڪو ڪارائتو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي ماڻهن جي هڪڙي عام ڪوتاهي، جنهن جي سيد نشاندهي ڪندو رهندو هو، اها آهي ته گهڻا سنڌي ماڻهو اجتماعي قومي مفادن تي، ذاتي ۽ گروهي مفادن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ جيستائين ان رجحان ۾ تبديلي نه ايندي سنڌي قوم جي بهتريءَ جي اميد ڪرڻ اجائي آهي. اڄ جيڪڏهن ذاتي فائدن لاءِ سنڌي ماڻهن جي ڊوڙ کي ۽ سنڌي قوم جي اجتماعي بيوسي ۽ بدحاليءَ کي هڪ ٻئي جي سامهون ڪري بيهارجي ٿو ته سيد جي ڳالهه سو فيصد درست نظر ٿي اچي. اڄ ڪلهه هر ماڻهو اهو چوندي ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ته سنڌي قوم پنهنجي زندگيءَ جي مشڪل ترين دور مان گذري رهي آهي. اهو بلڪل درست آهي. جڏهن ته ٻئي طرف ذاتي مفادن لاءِ ڊوڙ به پنهنجي انتها تي آهي. سنڌي ماڻهو ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي ۽ ڪنهن به قسم جي قيمت ڏيڻ لاءِ آتو. اجا به وڏيڪ خراب ڳالهه اها آهي ته برائيءَ کي چڱائي ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي. ذاتي فائدي کي قومي مفاد ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي.جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوريون ڪري، ڌاڙا هڻي، ماڻهو اغوا ڪري يا ڪن صورتن ۾ ماڻهو قتل ڪري، حڪمرانن ۽ ايجنسين جي دلالي ڪري، قوم جي مفادن کي وڪڻي به دولت گڏ ٿو ڪري ته اهڙي عمل کي قوم جي ترقي ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي، محض ان لاءِ ته اهو ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهي. ٻين لفظن ۾ ته جيڪو قوم دشمن عمل آهي ان کي قومي بقا ۽ ترقي جي علامت ڪري پيش ڪيو وڃي. پوءِ اهڙي صورت ۾ سنڌي قوم جي حالت ان کان مختلف ڪيئن ٿيندي، جهڙي اڄ آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اهڙو رجحان وڌائڻ ۽ اهڙي لاڙي کي هوا ڏيڻ ۾ صحافي ۽ دانشور دوستن جي وڏي اڪثريت ملوث آهي. گذريل ٽيهن سالن کان سنڌ جي سياست بنيادي طور ٻن لاڙن ۾ ورهايل رهي آهي. هڪڙو جي. ايم. سيد جي فڪر سان لاڳاپيل ۽ ٻيو پيپلز پارٽيءَ وارو. دراصل سياست جا اهي ٻئي رخ سوچ جي انهن ٻن وهڪرن جو اظهار آهن جن منجهان هڪڙو قومي ۽ اجتماعي مفادن خاطر ذاتي ۽ گوهي مفادن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي قربان ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو ۽ ٻيو انفرادي فائدن ڪي ٺي سياست سان ڳنڍ زندگيءَ جو به مقصد قرار ٿو ڏئي. پيپلز پارٽي هميشه سنڌي ماڻهن کي نوڪرين جو آسرو ڏيندي آهي ۽ پوءِ جڏهن سنڌي ماڻهن جي قربانين جي نتيجي ۾ اقتدار ۾ ايندي آهي ته ڪجهه ماڻهن کي نوڪريون ڏيندي آهي ۽ ڪجهه جيڪي اڳ ۾ نوڪريءَ ۾ هوندا آهن، انهن کي رشوت وارين ٽيبلن تي رکندي آهي. جڏهن ته سنڌ جي قومي بقا ۽ ترقيءَ سان وابسته معاملن بابت ان پارٽيءَ جو اهو ئي موقف هوندو آهي، جيڪو پنجاب جو. ايتري حد تائين جو ان جي ليڊر پاڻ کي ڪڏهن به سنڌي نه چوائيندي آهي. پر پوءِ به اسان جا ليکڪ ۽ دانشوران ئي پارٽيءَ کي سنڌي قوم جي نجات ڏياريندڙ طور اُڀاريندا آهن. شايد انڪري جو انهن کي پاڻ کي پا ته ذاتي فائدا ملي چڪا هوندا آهن يا ملڻ جو آسرو هوندو اٿن.

هتي سڀ کان وڌيڪ قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته ڪجهه ماڻهو سيد جو نالو وٺي سندس آدرشن کي چيهو ٿا رسائين. اهي صبح شام ذڪر 'سيد جي فڪر' جو ٿا ڪن، پر عمل ١٨٠ ڊگري ابتڙ ٿا ڪن. سيد سياست کي سيني ۾ افضل عبادت سمجهندو هو ۽ ان جي خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. نه رڳو تيار هوندو هو پر هن پنهنجي ذات ۽ پنهنجي خاندان جي زندگيءَ مان تمام گهڻو ڪجهه قربان ڪيو به، جڏهن ته سندس اهي "پوٺلڳ" سياست کي ذاتي فائدن لاءِ استعمال ڪندا آهن، جيڪي زندگي جي ڪنهن به شعبي ۾ ڪجهه به ڪري نه سگهندا آهن، اهي جي. ايم. سيد جي سياست جي آڙ اچي وٺندا آهن، ان جي ذريعي پنهنجي ذاتي حيثيت ڦاهيندا آهن ۽ پوءِ ان جي ذريعي دولت گڏ ڪندا ۽ ٻيا ذاتي فائدا حاصل ڪندا آهن. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو ماڻهن کي سيد جي اصولن، آدرشن ۽ پيغام بابت وسوسا ٿيڻ لڳندا آهن ۽ غاصب حڪمرانن لاءِ ان کان وڌيڪ اطمينان جي ڪا ڳالهه ڪانه هوندي ته محڪوم ماڻهو پنهنجي نجات واري رستي بابت عدم اطمينان ۽ غيريقيني واري ڪيفيت ۾ رهن.

سائين جي. ايم. سيد جي سياست تي هڪڙو اعتراض تعليمي ادارن جي حوالي سان ڪيو ويندو آهي، منهنجي خيال ۾ تعليمي ادارن کي پنهنجي سياسي ايجنڊا ۾ اهم جڳهه ڏيڻ جا سائين وٽ به سبب هئا. هڪ ته ان وقت يعني سٺ واري ڏهاڪي جي آخر ۽ ستر واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سڄي دنيا جي انقلابي تحريڪن (پوءِ اهي قومي انقلاب هجن يا سماجي) ۾ شاگرد نمايان ڪردار ادا ڪري رهيا هئا ۽ ٻيو اهو ته ڪنهن به ملڪ يا قوم جي قومي انقلاب ۾ وچولو طبقو اهم ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ ورهاڱي جو طوفان جيئن ته سنڌي وچولي طبقي کي پاڙن کان پٽي پري اڇلي چڪو هو، تنهن ڪري سيد مستقبل تي نظر رکندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم حاصل ڪندڙ نوجوان کي علم ۽ شعور جي هٿيارن سان مسلح ڪرڻ شروع ڪيو تہ جيئن اڳتي هلي اهي قوم جي ٻيڙي کي پار اُڪاري سگهن. اهو ڪنهن بہ شڪ شبهي کان مٿي آهي تہ سائينءَ جي تربيت ۽ توجهہ جو مقصد اهو هو تہ نوجوان نصابي تعليم سان گڏ غيرنصابي تعليم پڻ حاصل ڪن. رسمي طريقا اختيار ڪرڻ سان گڏوگڏ غير رسمي ڍنگ سان زندگي گذارڻ لاءِ بہ پاڻ کي تيار ڪن. ڪجهہ عرصي تائين (توري گهٽي فرق سان) اهو مقصد حاصل بہ ٿيو. پر پوءِ آهستي آهستي سنڌ جي اعليٰ درسگاهن ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد وڌڻ لڳو. جيڪي نالو تہ سيد جو ۽ سندس تحريڪ جيئي سنڌ جو پيا وٺن. پر عمل ان جي بلڪل ابتڙ پيا ڪن. ڪجهہ اهڙا بہ همراهہ پيدا ٿيا. جيڪي سڀ کان وڌيڪ جي. ايم. سيد جو نالو پيا وٺن. پر پڙهائيءَ ۾ سيني کان پوئتي هئا. پوئتي ڇا پر ڪلاس ۾ ويندائي ڪونہ هئا. حد اها جو ڪيترن کي تہ پنهنجي مضمونن (Subjects) جي نالن جي بہ خبر ڪانہ هوندي هئي. اڄ ڇا صورتحال آهي. ان جو اندازو ان مان ڪجهہ ڪجهہ لڳائي سگهجي ٿو تہ ماڻهو ان گذريل دور کي اڄ کان بهتر ٿا چون ۽ ڪن ماڻهن جو تہ چوڻ آهي تہ اڄ سنڌ جي اعليٰ علمي درسگاهن ۾ اهڙا بہ الله جا نيڪ بندا آهن جن کي مضمونن ۽ ڪتاب تہ ڇا پر پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي بہ ڄاڻ ڪانهي. هاڻي اهڙا همراهہ ايڪويهين صديءَ ۽ معلومات جي انقلاب واري دور جي پس منظر ۾ جي. ايم. سيد جي جديد قومپرستيءَ واري فڪر کي ڇا سمجهندا ۽ پوءِ ان تي عمل ڪهڙو ڪندا. اڄ جي پيٽ ۾ ماضيءَ جي ان بهتر دور جو هڪڙو مثال نموني طور پيش ٿو ڪريان. مون انجنيئرنگ ڪرڻ کان پوءِ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي ڪري بعد ۾ نوڪري ڪئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هڪڙي دوست ٻاهرئين (External) شاگرد طور سياسيات ۾ ايم اي جو امتحان ڏنو ۽ مونکي زباني امتحان (Viva voce) ۾ سفارش لاءِ چيائين. مان سنڌ يونيورسٽيءَ ويس. ڊپارٽمينٽ وڃڻ کان اڳ ۾ انٽرنيشنل هاسٽل ويس تہ دوستن سان سلام دعا ڪندو وڃان. جيئي سنڌ جي هڪڙي ڌڙي (جيئي سنڌ محاذ نہ) جي ٻن تمام مکيہ ليڊرن سان گهڙي ڪن ڪچهري ڪئي. اٿڻ وقت هنن وڌيڪ ترسي ڊاڙو نڪاءِ هٿڻ لاءِ چيو. جڏهن مون پوليٽيڪل سائنس ڊپارٽمينٽ وڃڻ وارو ارادو ظاهر ڪندي وڌيڪ ويهڻ کان لاچاري ڏيکاري تہ چوڻ لڳا تہ بس ڳالهہ بہ اها آهي نہ. ويهہ تہ هينئر ٿا هيڊ آف ڊپارٽمينٽ کي فون تي داٻو ڏيون. جنهن تي مون ڪانئن معذرت ڪئي. اهي ٻئي همراهہ هينئر مالدار بہ آهن ۽ جيئي سنڌ ۾ بہ ڪونهن. هتي اهو چوڻ ضروري ٿيندو تہ اهڙن ڪمن ۽ ان طرح جي لاڙن سان سيد جو ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. تعليم ڏانهن سائينءَ جي رويي جو وڏو مثال سندس پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي آهي. ان کان علاوه پروفيسر عمر ميمڻ ۽ قاضي مرتضيٰ صاحب جهڙا استاد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم بابت سائين جي. ايم. سيد جي سوچن جو عملي اظهار هئا ۽ پڻ اسان جهڙا تمام گهڻا شاگرد هئا جيڪي تعليم ۽ سياست کي گڏوگڏ هلائيندا هئا ۽ اهي اڄ به زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن شعبي ۾ محنت ۽ ايمانداريءَ سان مثالي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جن منجهان ڪي خود سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد آهن. اها به سائينءَ جي ڪاميابي آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي بقا، نجات ۽ ترقيءَ لاءِ سندن نظر ۾ سيني شعبن جي اهميت هئي رڳو سياست ئي سڀ ڪجهه ڪا نه هئي.سياست گهڻن شعبن منجهان صرف هڪ هئي. جيتوڻيڪ سيني ۾ اهم تعليم جي اهميت سيد وٽ ڪهڙي ۽ ڪيتري هئي، ان جو اندازو ان مان به آسانيءَ سان ڪري تو سگهجي ته سندن سموري سياسي جدوجهد تعليم جي مرڪزي نقطي سان واڳيل رهي آهي. نصابي توڙي غير نصابي تعليم. پنهنجي سياسي زندگيءَ جي پهرين حصي ۾ جنهن کي اسان عملي سياست جو دور چئي سگهون ٿا سائينءَ جي سمورين ڪوششن ۽ حڪمت عملين جو مقصد اهو هوته سنڌ جي ماڻهن کي علم ۽ شعور ڏجي، نصابي ڪتابن جوعلم، واپار جو علم، صنعت جو علم، زميندار يءَ جو علم، هارپ جو علم، عورتن جي حقن جو شعور، هارين ۽ مزدورن ۾ جدوجهد جو شعور، تاريخ ۽ ثقافت جو شعور وغيره. سائينءَ جي زندگي جو ٻيو حصو جنهن کي نظرياتي دور چئي سگهجي ٿو، اهو ته سچو قلم ۽ ڪتاب سان وابسته آهي. سائين گهٽ۾ گهٽ ننڍي کنڊ جو واحد سياستدان آهي، جنهن پنهنجي سڄي سياسي جنگ ڪتاب ۽ قلم سان ڪئي. پنهنجي نظرياتي سياست جو زياده تر حصو قيد ۽ نظربنديءَ ۾ رهڻ جي باوجود سائينءَ ڪتاب ۽ قلم ذريعي ايڏي طاقتور ويڙهه وڙهي جو هن ملڪ جا حڪمران پنهنجي سمورن وسيلن ۽ ذريعن هوندي ۽سمورا جائز، ناجائز طريقا استعمال ڪرڻ جي باوجود ڪانئس ڏڄندا رهيا. ان وقت ۾ به جڏهن هو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ ۾ اسپتال ۾ بيهوش پيوهو ۽ اهي حڪمران (فوجي توڙي سول) ايترو ڏڄندا هئا جيترو انهن ليڊرن کان به ڪو نه ڏڄندا هئا، جن جي پويان لکين ماڻهو ۽جن وٽ هزارين هٿيار هئا. انهيءَ ئي جي. ايم. سيد جي پوئلڳيءَ جي دعوا ڪندڙ ڪجهه اهڙا به ماڻهو آهن جن سيد جي تخليق سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بندوق جي زور تي ماڻهن جيٰ هٿن مان ڪتاب ڪسي انهن کي ٻاهيون ڏنيون ۽ پنهنجو رهنما اصول اهو مقرر ڪيو ته جيڪو ڪتاب هٿ ۾ ڪئي، استاد کان ڏجي ۽ باقاعدگيءَ سان ڪلاس ۾ وڃي ۽ ٻين شاگردن سان برابريءَ واري سطح تي تعلق رکي اهو بزدل ۽ سنڌ دشمن آهي، جڏهن ته هٿ ۾ بندوق کڻي هلندڙ، ڪلاسن جو منهن نه ڏسندڙ، استادن کي داٻا ڏيندڙ ۽ عام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردن کي پنهنجو ماتحت سمجهندڙ بهادر ۽ فڪرِ سيد جو سچو پوئلڳ، سائين جي. ايم. سيد جي علم ۽ شعور سان لڳاءُ ۽ اُن جي ڦهلاءُ لاءِ سندس ڪوشش تي پي پي سنڌ جي هڪ مکيه اڳواڻ قاضي محمد بخش ڏامراهه ڪنهن وقت اهو تبصرو ڪيو هو تہ سنڌ ۾ ٻہ يونيورسٽيون آهن هڪ ڄامشوري ۾ ۽ ٻي سن ۾. جڏهن تہ سن يونيورسٽي ڄامشوري يونيورسٽي کان وڌيڪ باشعور نوجوان پيدا ڪري رهي آهي. دراصل ڳالهہ اها آهي تہ جهڙي طرح سنڌ جي سڀ کان وڏي محبت وطن جي حيثيت ۾ جي. ايم.سيد سنڌ جي آزادي ۽ ترقيءَ لاءِ تعليم جي رول کي سڀ کان اهميت پيو ڏئي تهڙي نموني سنڌ جا هڪ نمبر دشمن هن ملڪ جا حڪمران بہ پنهنجي بالادستيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ محڪوم قوم جي جهالت جي اهميت کان چڱي ريت آگاهہ هئا، ان ڪري انهن تعليمي ميدان ۾ جوابي حملو ڪيو. اهو حملو ٻہ طرفو هو. هڪ طرف اهي ماڻهو تعليمي ادارن ۾ موڪليا ويا جن جو تعليم سان ڪو واسطو ڪو نہ هو. ڪن کي پوليس ۽ ٻين سرڪاري ادارن مان ڪڍي شاگرد بڻايو ويو. ڪن کي پنجن ڪان ڏهن سالن جي وقفي سان اعليٰ ادارن ۾ داخلائون ڏياريون ويون. ڪي صفا ڏڏ هئا انهن کي مختلف قسم جي سفارشن ۽ دٻائن تحت داخل ڪيو ويو ۽ ڪي تہ بلڪل عادي ڏوهاري هئا. انهن سڀني ڪان سنڌ، قومپرستي، عوام، جمهوريت ۽ جيئي سنڌ جي نالي تي تعليم دشمن، سياست دشمن ۽ قوم دشمن عمل ڪرايا ويا، جڏهن تہ ٻئي پاسي سرڪاري پگهاردارن ۽ واڻن جي هڪ اهڙي ٽيم تيار ڪئي ويئي جيڪي ليکڪن، صحافين، سياستدانن ۽ دانشورن جي شڪل ۾ ڪم ڪن پيا، پر انهن جي مکيہ ڊيوٽي قومپرستي ۽ جي. ايم. سيد خلاف پروپئگنڊا ڪرڻ هئي. هڪڙي ٽيم پنهنجي "بهادري" ۽ "سنڌ دشمني" وارو ڪو ڪارنامو سرانجام ڏيندي تہ ٻي ٽيم فوري طور تحرڪ ۾ اچي ويندي واويلا شروع ٿي ويندي تہ قومپرست ٽيندائي اهڙا بدڪردار آهن تنهن ڪري انهن کان پڇي پري ٿيو اهو سڀ ڪجهہ جي. ايم. سيد جي ٿاهيل منصوبي ۽ هدايتن هيٺ ڪيو پيو وڃي تنهنڪري ان جي بہ ويجهو نہ وڃو ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين جي. ايم. سيد جي وفات کان چار سال پوءِ بہ جاري آهي.

سائين جي. ايم. سيد جي شخصيت ۽ سياست جو هڪڙو تمام اهم پاسو عوام جي فيصلہ ڪن طاقت ۾ يقين هو، اهو اُهو پهلو آهي جنهن ڪان سنڌ جا اڪثر سياستدان بي خبر آهن يا انهن کي بي خبر رکيو ويو آهي. سائين هڪڙي سچي دوست ۽ خير خواهہ وانگر سنڌي ماڻهن جي غلطين، ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جي نشاندهي بہ ڪندو رهندو هو، پر اهو بہ برملا اظهار ڪندو رهندو هو تہ سنڌ جي قسمت تڏهن بدلبي جڏهن سنڌي ماڻهو چاهيندا. سنڌ جي آزاديءَ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي مشن بابت پاڻ هميشه چوندو هو ته ان ۾ ڪاميابي انڪري نٿي ٿئي جو سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت اسان سان ناهي، رڳو گهر ويٺي هو انهن خيالن جو اظهار ڪو نه ڪندو هو، پر عملي طور عوام کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪيس ڪٽي ماڻهن جي در تائين ويندو هو. ايوب خان جي آمريت دوران لڳاتار اٺ سال قيد ڪاٽڻ ڪانپوءِ ١٩٦٦ع ۾ جيئن ئي سائين آزاد ٿيو ته سنڌ جي عوام سان سڌي رابطي ڪرڻ لاءِ ڳهران نڪري پيو. سنڌ جي صوفي بزرگن جي درگاهن تي عرس جي موقعي تي ويجي بزم صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان انهن کي قومي بقا، نجات ۽ ترقيءَ بابت ڳالهيون ٻڌائي کين سجاڳ ڪندو هو. ذوالفقارعلي ڀٽي ۽ ضياءُ الحق جي نظربنديءَ جي لڳاتار ١۴ سالن ڪان پوءِ ١٩٨٧ع ۾ جڏهن کيس آزاد ڪيو ويو ته وڏي عمر، بيماري ۽ چنگهه پڇي پوڻ سبب تڪليف ۾ هجڻ جي باوجود عوام سان رابطي جي دوري تي نڪري پيو، سو به ڊسمبر جي سخت سرديءَ ۾ اتر سنڌ جو دورو، پر اجا دادو ضلعو ٽپي لاڙڪاڻي پهتو ته کيس گرفتار ڪري قيد ڪيو ويو ۽ ان وقت ملڪ جو سڀ کان شريف ترين وزيراعظم محمد خان جوڻيجو اقتدار ۾ هو، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن اخبارن کي ۽ سياسي ڌرين کي پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪم ڪرڻ جي حقيقي آزادي ڏني. اهو ئي محمد خان حڪومت جي سڀ کان وڏي مخالف سمجهي ويندڙ بينظير ڀٽو کي لاهور ۾ لکن جو جلوس ڪڍڻ جي اجازت ڏئي چڪو هو، پر سيد جو سنڌ جي عوام سان رابطو ان کان به برداشت نه ٿيو. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهو معاملو جوڻيجي مسڪين جي وس کان ٻاهر هو. بهرحال ڪيئن به هجي اهو واضح ٿئي ٿو ته اصل حڪمران پنهنجي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو جي. ايم. سيد کي سمجهن پيا، ڇاڪاڻ ته هو مروجه نظام ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ پيو چاهي، جڏهن ته بينظير ڀٽو سميت ٻيا سيئي ساڳي پگهار تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. ان کان اڳ ۾ ذوالفقار ڀٽي جو جاني دشمن جنرل ضياءُ الحق اهو چوندي سيد جي قيد کي ١۴ سالن تائين جاري رکيو ته اهو ڪيس ڀٽي کان ورثي ۾ مليو آهي. خير تازه ترين قيد مان جيئن ئي سيد کي آزادي ملي هن عوام سان رابطي جي سلسلي کي اتان ئي وري شروع ڪيو، جتان اهو ٽٽو هو يعني لاڙڪاڻي مان گرفتار ٿيو هو ته وري سکر کان آغاز ڪيائين. هن دفعي حڪومت جوڻيجي ۽ ضياءُ جي مخالف ۽ جمهوريت جي "چيمپين" بينظير ڀٽو جي هئي، پر ڪم هن به ساڳيو ئي ڪيو. يعني سيد شڪارپور ضلعو گذاري جيڪب آباد پهتو ته کيس گرفتار ڪيو ويو. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جناح صاحب کان وٺي بينظير ۽ نواز شريف تائين سمورا حڪمران جي. ايم. سيد سان ساڳيو ورتاءُ ڇو پيا ڪن ۽ هڪٻئي جا دشمن هئڻ جي باوجود هڪڙي پاران سيد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪلهه سنڌ جي سياست ۾ ڏوهه داخل ٿي چڪو آهي نه رڳو داخل ٿي چڪو آهي، پر سياست سان اهڙو ته سلهاڙجي ويو آهي جو ٻنهي ۾ فرق ئي نظر نٿو اچي. عام ماڻهوءَ کي اهو به يقين ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي ته سياست ڪرڻ وارا ڏوهه به ڪن ٿا يا ڏوهه ڪرڻ وارو سياست به ڪن ٿا. ٻئي ڪم ڪرڻ ڪرڻ وارن جو دليل آهي ته اهي هڪ نيڪ مقصد لاءِ ڪم ٿا ڪن. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ٻيا سمورا ڪم ٿا ڪن. انهن جي دليلن ۾ ڪيترو وزن آهي يا آهي همراهه واقعي به اهڙا ڪم ڪنهن نيڪ مقصد لاءِ ٿا ڪن يا نه، ان تي بحث اسان جو مقصد ڪونهي باقي جيستائين سائينءَ جي سوچ جو تعلق آهي ته اها هن معاملي بابت بلڪل صاف ۽ چٽي آهي ان ۾ سياست ۽ ڏوهه کي گڏي هلائڻ جي بلڪل ڪا به گنجائش ڪانهي. اهو مسئلو رڳو سنڌ ۾ به ڪونهي دنيا جي ٻين خطن ۾ به اهو موضوع زير بحث ٿي رهيو آهي ۽ ان بابت هڪڙا به واضح ۽ متضاد رايا موجود رهندا آيا آهن. هڪڙن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اصل ڳالهه مقصد کي حاصل ڪرڻ جي آهي ان لاءِ جيڪو به ۽ جهڙو به طريقو اختيار ڪجي اهو درست آهي جڏهن ته ٻئي خيال وارن جي راءِ آهي نيڪ مقصد صرف نيڪ ۽ درست طريقن سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ان ڪري جيڪو ماڻهو غلط طريقا اختيار ڪري ٿو ته سمجهڻ کپي ته اهو مقصد سان سچو ناهي. سائين جي. ايم. سيد پوئين سوچ جو نه رڳو حامي پر وڏو وڪيل هو، سندس چوڻ هو ته آزادي، امن، ڀائيچاري ۽ ترقيءَ جهڙا آدرش صرف ايماندار، سچار ۽ بي غرض ماڻهو ئي حاصل ڪري ٿا سگهن. پنهنجي پوئلڳن لاءِ سندس سڀ کان اولين ۽ هميشه جو پيغام اهو هوندو هو ته پنهنجو ڪردار مثالي بڻايو. جڏهن به ڪانئس پڇيو ويندو هو ته توهان جو جانشين ڪير ٿيندو ته پاڻ سڪندر اعظم جو حوالي ڏيئي چوندو هو ته جيڪو اهل هوندو سو منهنجو جانشين ٿيندو. ان سان گڏوگڏ علامه مشرقيءَ جو قول دهرائيندي چوندو هو ته بلند ڪردار وارو ۽ عمل صلاح ڪندڙ ماڻهو جتي به آهي اهو اسان جو آهي. هاڻي ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهن سڀني ڳالهين جي باوجود جيئي سنڌ سان وابسته ڪجهه ماڻهو جڏهن غلط ڪم ڪندا هئا ته سيد انهن تي قدم ڇو نه کڻندو هو يا سزا ڇو نه ڏيندو هو؟ ان بابت ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته سيد تنظيمي ضابطا ڪاريءَ جي معاملي ۾ ڪمزور هو. ٿي سگهي ٿو ته ان ڳالهه ۾ به ڪجهه وزن هجي پر منهنجي خيال ۾ سائين جي. ايم. سيد، جنهن پائي ۽ جنهن معيار جو ماڻهو هو ان جو ڳالهين چوڻ جو طريقو پنهنجو هجي ٿو ۽ سائينءَ جو طريقو به عام ماڻهن کان مختلف هو. جيئي سنڌ ۾ڏوهن جي حوالي سان ۽ ماڻهن جي ڪردار جي حوالي سان ڪافي عرصي کان ڳالهيون هلندڙ هيون. سائين واقف هر ڳالهه ۽ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ کان هوندو هو پر سڌو سنئون ڪنهن کي به ڪو نه چوندو هو بس گفتگو ڪندي عمل صالح ۽ بلند ڪردار جي اهميت ۽ افاديت تي زور ڏيندو رهندو هو يا ڪڏهن ڪڏهن ائين چئي ويندو هو ته فلاڻو يا فلاڻو ماڻهو آيو هو اهو چوي پيو ته پنهنجي تحريڪ ۾ موجود ڪيترن ماڻهن جو ڪردار سٺو ناهي، پر جڏهن معاملو سنگين ٿيندو ويو ۽ اشاري سان ڪم ٿيندو نظر نه آيو ته سائينءَ ٺاري ڪان ڪم وٺڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچيءَ جي هڪڙي وڏي هوٽل ۾ هڪڙو پروگرام ٿيو جنهن ۾ سمورين اردو، انگريزي ۽ سنڌي اخبارن جا ايڊيٽر ۽ صحافي، سياسي پارٽين جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ، اديب، دانشور ۽ سماجي ڪارڪن موجود هئا جيئي سنڌ جي به سيني ڌرين جا ماڻهو شريڪ هئا. اتي خطاب ڪندي سائينءَ اخلاق ۽ ڪردار جي بلنديءَ تي ڳالهائيندي اهو چيو ته مونکي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته منهنجي تحريڪ ۾ ڏوهاري قسم جا ماڻهو موجود آهن انهن منجهان هيترن ڏوهه قبول ڪيو آهي ۽ مونسان واعدو ڪيو آهي ته آئينده اهي اهڙو ڪم نه ڪندا. هاڻ مان سمجهان ٿو ته رهبر سنڌ جي واتان اهي لفظ الاهي وڏي سزا آهي جيڪڏهن ڪير محسوس ڪري ته! ۽ ساري دنيا جي آڏو اهي الفاظ چوندي سائين جي روح کي ڪيڏي تڪليف ٿي هوندي. ان جي نه ته ڪا قيمت ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي هر ماڻهو ان جو اندازو لڳائي سگهي ٿو.

سائين چوندو هو ته هن ملڪ جو بيڙو ان جا حڪمران ٻوڙيندا ۽ اها ڳالهه هينئر هر ڪو تسليم ٿو ڪري. اهو ڳالهه جو هڪڙو حصو آهي، ٻيو حصو اهو آهي ته سائين سنڌي ماڻهن کي عام طور ۽ پنهنجي پوئلڳن کي خاص طور چوندو هو نااهل ۽ بدعنوان حڪمرانن جي ڪرتوتن سبب پاڪستان پنهنجي منطقي انجام کي پڄندو پر توهان پنهنجو پاڻ کي تيار ڪريو ۽ اهل بڻايو جيئن اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي نجات ۽ بهتريءَ لاءِ ڪو مثبت ڪردار ادا ڪري سگهو، هاڻي اسان ڏسون ته جيڪڏهن حڪمرانن جا افعال خراب آهن ته اسان جو ڪردار ڪهڙو آهي جيڪڏهن بدعنوانين ۽ برن عملن جي ڪري حڪمرانن جو ۽ پاڪستان جو حشر خراب ٿئي ٿو ته پوءِ ساڳيا عمل ۽ طريقا اختيار ڪرڻ سان اسان به پنهنجي وطن سنڌ سميت اهڙي انجام کان بچي نه سگهنداسين خاص ڪري اسان جيڪي جي. ايم. سيد جا پوئلڳ هجڻ جي دعوا ڪريون ٿا انهن کي سمجهڻ کپي ته سيد جون چيل ڳالهيون جڏهن سنڌ سن مخالفن لاءِ درست ثابت ٿيون ٿين ته پوءِ سنڌ س پوئلڳ ۽ دوستن لاءِ ته وڌيڪ درست ثابت ٿينديون. اڄ جڏهن هتان جي حڪمران طبقن جا ڪجهه اهم ماڻهو به هن ملڪ جي مستقبل بابت غيريقينيءَ جو اظهار ٿا ڪن ته سنڌ ۾ ڪجهه ماڻهو اهو ٿا چون ته بس سائين جي. ايم. سيد جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب ساپيان ٿيڻ وارو اهي. ان ڪري اسان ڪي ڪجهه به ڪرڻ جي ضرورت ناهي، ان ڪي يا ته اڻڄاڻائي چئبو يا قوم سان ڌوڪيبازي پاڪستان جو واقعي انجام خراب ٿيڻ وارو آهي پر ان جو اهو مطلب قطعي ڪونهي ته سنڌ جي ڀلائي ۽ نجات خودبخودي حاصل ٿي ويندي. سنڌ جو مستقبل ڪهڙو ٿيندو ان جو دارومدار ان تي آهي ته اسان حال ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ٿا ڪريون ۽ سنڌ جي بهتر مستقبل لاءِ ڪهڙي مثبت جدوجهد ٿا ڪريون. ان نقطي کي واضع ڪرڻ لاءِ مان هڪ به مثال ڏيندس اڄ ڪلهه پاڪستان ۾ هر ماڻهو ساڄي ڌر جو يا کابي ڌرجو، مذهبي يا سيڪيولزم، وفاق پرست يا قومپرست اهو چئي رهيو آهي ته پاڪستان هن ملڪ جي عوام لاءِ نه پر غيرملڪي آقائن ۽ انهن جي مقامي ايجنٽن جي مفادن لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي اهو ان ڪري آهي ته هي ملڪ ٺهيو ئي انهن گروهن جي مفادن لاءِ ۽ انهن جي ئي ڪوشش سان هو جن جي لاءِ اهو ڪم اڄ رهيو آهي ۽ ان جي ٺاهڻ ۾ هتان جي عوام ۽ محب وطن ماڻهن جو ڪوبه حصو ۽ مفاد ڪونه هو.ان جي ڀيٽ ۾ هندستان اتان جي ماڻهن جي مفادن جي تحفظ خاطر هلايل هڪ ڊگهي ۽ ڏکي جدوجهد جي نتيجي ۾ آزاد ٿيو. جنهن دوران آزادي پسندن کي تمام وڏيون قربانيون ڏيڻيون پيون ۽ ان جدوجهد جي اڳواڻي ڪندڙ ڪانگريس پارٽيءَ وٽ هڪ واضع ۽ مثبت پروگرام هو، جهن جو بنياد انگيز دشمنيءَ تي نه پر هندستان دوستيءَ تي رکيل هو ته ان جو نتيجو به اسان جي سامهون آهي ٻيو مثال مان اهو ڏيندس ته ١٩٧١ع ۾ پاڪستان ٽٽو پر ان جي نتيجي ۾ سنڌ کي خودبخود حق ڪونه مليو بلڪ سنڌ پهرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مشڪل صورتحال ۾ ڦاسي پئي، ان جي وڌيڪ ڦرلٽ ٿيڻ لڳي ۽ سنڌ جي سياسي جدوجهد وڌيڪ ڏکي صورتحال کي منهن ڏيئي رهي آهي. جڏهن بنگال گڏ هو ته حاڪم پنجاب جي ڀيٽ ۾ محڪوم قومن جو پاسو ڳورو هو. بنگالي نه رڳو تعداد ۾ وڌيڪ هئا پر سياسي طور وڌيڪ باشعور ۽ وڌيڪ منظم پڻ هئا. جيڪي پنجاب جي بالادستيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ چيلنج ڪيو ۽ محدود رکيو ايندا هئا. پر هينئر پنجابي ڇڙواڳ جهنگلي جانور وانگر محڪوم قومن جي پيل ڪندا ٿا وتن ۽ ان جو شڪار مختلف سببن جي ڪري سڀ کان وڌيڪ سنڌ ٿي ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ان ڪري ڦاٿاسين جو بنگلاديش آزاد ٿيڻ وقت اسان سياسي ۽ تنظيمي طور ايترا اهل، منظم ۽ طاقتور ڪونه هئاسين جو حالتن جو رخ پنهنجي پاسي موڙي سگهون، جيڪڏهن هاڻي به اسان قومي سطح تي پاڻ ۾ اهليت، صلاحيت ۽ طاقت پيدا نه ڪئي سين ته ماضيءَ وانگر مستقبل ۾ به جڏهن حالتن جي نتيجي ۾ ڪا مواقف صورتحال پيدا ٿيندي ته اها ايندي ۽ هلي ويندي اسان اهڙي جا اهڙا رهجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا سين بلڪ تي سگهي ٿو ١٩٧١ع وانگر اجا به وڌيڪ خراب صورتحال جو شڪار ٿي ويون. انهن ٺي ڳالهين کي مدنظر رکي سائين جي. ايم. سيد چوندو هو ته ملڪي ۽ عالمي حالتون سنڌ جي آزادي لاءِ سازگار ٿينديون، پر اسان کي پاڻ ۾ صلاحيت ۽ اهليت پيدا ڪرڻ کپي. بنگلاديش جي آزادي کان ٿورو وقت پوءِ سنڌ جي نوجوانن جي هڪڙي جلسي کي خطاب ڪندي سائين جي. ايم. سيد چيو ته مستقبل ۾ توهان تي اهم ذميواريون اچڻ واريون آهن ان لاءِ توهان پاڻ کي تيار ڪريو. ان وقت ڪافي دوستن چوڻ شروع ڪيو ته اجهو ٿو اسان کي اقتدار ملي. جڏهن ته سائينءَ جو مطلب قوم جي رهنمائي ڪرڻ جون ذميواريون هيو. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته ملڪي ۽ بين الاقوامي حالتون ته قومي جدوجهد جي حق ۾ آهن. پر سنڌ کي حق ملندا ايترا جيترو ۽ جهڙي قسم جي اسان جدوجهد ڪنداسين ۽ جيڪڏهن اسان سنڌ لاءِ آزادي ٿا چاهيون. جيڪو سيني کان مٿانهون حق آهي ته پوءِ جدوجهد به مٿاهين، وسيع ۽ گهڻ رخي ڪرڻي پوندي باقي جيڪڏهن مخصوص مفاد رکندڙ ڪن ڌيهي يا پرڏيهي قوتن جي ذريعي هتي ڪا تبديلي اچي ٿي ته اها انهن ٺي قوتن جي مفاد ۾ استعمال ٿيندي ان مان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلي جي توقع رکڻ يا ته پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ آهي يا پنهنجي قوم کي.

آخر ۾ سنڌ جي سيني محب وطن ماڻهن خاص ڪري ليکڪن، صحافين، دانشورن، سياسي ڪارڪنن ۽ بين سڄاڻ حلقن ۽ سنڌ کان ٻاهر سنڌ جي دوستن کي اپيل آهي ته اهي سيد جي شخصيت ۽ رول بابت راءِ قائم ڪرڻ وقت صرف ۽ صرف ان جي فڪر، تعليم ۽ جدوجهد کي بنياد بڻائين جنهن تنهن ڳالهه کي سيد جي کاتي ۾ نه وجهن.

روزاني "سچ" ڪراچي ٢٥ اپريل ١٩٩٩ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اداري پاران ڇپيل ڪتاب

**١. واڃٽ ويراڳين جا حصو (٢)**

قيمت: ١٥٠.

سائين جي ايم سيد ڏانهن محمد امين خان کوسي طرفان لکيل خطن جو مجموعو، جيڪو مواد هڪ دور جي تاريخ آهي.

**٢. مٺا مهراڻ ۾ ملبو**

مرتب: مير صحت، قيمت: ٧٠ رپيا

سائين جي ايم سيد پاران سنڌي نيشنلزم واري حوالي سان ڪيل جدوجهد بابت مختلف عالمن جو لکڻيون.

**٣. جي ايم سيد جي جدوجهد ۽ نيشنلزم**

مرتب: آزاد قاضي، قيمت: ٦٠ رپيا.

سائين جي ايم سيد جي پاران سنڌي نيشنلزم واري حوالي سان ڪيل جدوجهد بابت مختلف عالمن جو لکڻيون.

**٤. سنڌ جو آواز**

ليکڪ: جي ايم سيد، قيمت: ١٢٠ رپيا

سائين جي ايم سيد جي اهڙين ٽڙيل پکڙيل سياسي، سماجي، علمي تحريرن جو مجموعو جيڪو اڄ تائين سندس شايع ٿيل ڪتابن منجهان ڪنهن ۾ به آيل ڪونهي.

**٥. سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري ۽ ٻهاري مسئلو**

مرتب: آزاد قاضي، قيمت ٧٠ رپيا.

هڪ اهڙو ڪتاب جنهن ۾ سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري جي نشاندهي، ان جي سببن ۽ سنڌ مٿان پوندڙ اثرن بابت پڙهندڙ کي ڄاڻ ڏنل آهي.

٦- جي. ايم. سيد: ڊاڪٽر دُرشهوار جي نظر ۾

مرتب آزاد قاضي قيمت: ٧٠

سائين جي. ايم. سيد جي سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ بابت سندس نياڻيءَ ڊاڪٽر دُرشهوار جا خيال، جنهن ۾ سيد جي زندگي جي ڪيترن ئي نون پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‍ٽاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَرُهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‍ٽاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)